ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اگارو 16 جون 2026ع 30 ذوالحج 1447ھ صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (300)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ايران آمريڪا تڪرار جي پرامن حل کي ممڪن بڻايو: مرتضيٰ سولنگي

اسان جي هٿياربند فوج جنهن جي قيادت فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪئي

اها سڀني جي گڏيل ڪوشش آهي، اسان جي فوج جي قيادت سيد عاصم منير ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر جي ترجمان مرتضيٰ سولنگي چيو آهي تہ پاڪستان ايران آمريڪا تڪرار جي پرامن حل کي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

”سنڌ کي پاڻي ڏيو“ حاجي رسول بخش چانڊيو پاران بک هڙتال جو اعلان

سنڌ کي پاڻي نہ ملڻ تي اسپيڪر جي ڊائيس آڏو هڙتال ڪندس: پ پ پ ايم اين اي

ايل بي او ڊي جو معاملو ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيو آهي، سنڌ جي زمين بنجر ٿي پئي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نہ ملڻ تي قومي اسيمبلي ۾ اسپيڪر جي ڊائيس آڏو بک هڙتال ڪرڻ جو اعلان بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران آمريڪا ۽ ايران ۾ مفاهمت جي اعلان جي آجيان

مشڪل وقت ۾ سدائين ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي مسلسل حمايت ڪئي آهي

اهي ڪوششون دنيا لاءِ وڌيڪ امن، استحڪام ۽ خوشحالي جو سبب بڻجنديون: صدر

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ مفاهمت جي اعلان جي آجيان ڪندي اميد ظاهر بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ امن دستاويز تي صحيحن جو ڏينهن مقرر

آمريڪي واعدن ۽ ذميوارين تي عملدرآمد جي ڪڙي نگراني ڪنداسين: ايران

ايران کي اميد آهي تہ ڳالهيون 60 ڏينهن جي عرصي ۾ مڪمل ٿي وينديون

معاشي بحالي ۽ نئين سر اڏاوت وارو معاملو بہ 60 ڏينهن دوران ڳالهين جو اهم حصو هوندو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني نائب پرڏيهي وزير ڪاظم غريب آبادي تصديق ڪئي آهي تہ آمريڪا سان معاهدو حتمي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي ۽ ان تي باضابطا صحيحون جمعي جي ڏينهن بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

امن معاهدو پاڪستان لاءِ فخر ۽ عالمي معيشت لاءِ اهم اڳڀرائي آهي: ناڻي وزير

ڪيپيٽل مارڪيٽن جي استحڪام ۽ عالمي اقتصادي حصيدارين کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهيون

امن معاهدو خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ وارين سفارتي ڪوششن جي ڪاميابي جو اظهار آهي

توانائي جي بنيادي ڍانچي ۾ پيدا ٿيل رڪاوٽن کي مڪمل طور معمول تي آڻڻ ۾ ڪجهہ وقت لڳندو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول بابت وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدي کي پاڪستان لاءِ فخر جي گهڙي ۽ عالمي معيشت لاءِ هڪ اهم اڳڀرائي قرار ڏيندي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان پ پ پ ايم اين اي اعجاز جکراڻي ۽ آغا رفيع الله ملاقات ڪري رهيا آهن

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدو، فوجي آپريشن جي فوري ۽ مستقل خاتمي جو اعلان، وزيراعظم جي تصديق

ٻنهي ڌرين لبنان سميت سڀني محاذن تي فوجي آپريشن جي فوري ۽ مستقل خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو، امن معاهدي تي صحيحن جي باضابطہ تقريب 19 جون تي سوئٽزرلينڊ ۾ ٿيندي

اسان تڪرار جي سفارتي حل لاءِ آمريڪا ۽ ايران جي عزم کي ساراهيون ٿا ۽ ان جا ٿورا مڃون ٿا. اسان ثالثي ۾ تعاون تي ٻائر ملڪ قطر جي قيادت جا پڻ دل جي گهراين سان ٿورائتا آهيون

معاهدي تي پهچڻ کانپوءِ ڌريون هن هفتي ڪيترين ئي ملاقاتون ڪنديون. انهن شروعاتي ڳالهيون وسيلي فني سطح جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ معاهدي تي باضابطہ صحيحن جي تقريب جي لاءِ بنياد فراهم ٿيندو

هي امن ۽ ڳالهين جي طاقت جي فتح ۽ سفارتڪاري جي ڪاميابي آهي، امن معاهدي جي نتيجي ۾، عالمي معاشي استحڪام جا ثمر پنهنجي گڏيل ڪوشش ۽ صلاحيتن کي ڪتب آڻيندي هر پاڪستاني تائين پهچائينداسين

هن جنگ جا شعلا وسائڻ ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير غير معمولي ڪردار ادا ڪيو. پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پارٽي اڳواڻن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو

هن جنگ جي تباهي آڻيندڙ اثرن سان پوري دنيا ۽ ان جي معيشت تي بہ وڏو دٻاءُ آيو. پاڪستان جي معيشت تي ڏڏي وئي هُئي. جيڪو اڃان تائين جاري آهي، پر قوم وڏي صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي حڪومت جو ساٿ ڏنو

اسان بروقت ۽ اڳواٽ فيصلن جي وسيلي پنهنجي قوم کي مهانگائي جي شدت کان هر ممڪن حد تائين بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ صوبائي حڪومتن بہ ڀرپور تعاون ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ امن معاهدو ٿي ويو آهي، ٻنهي ڌرين لبنان سميت سڀني محاذن تي فوجي آپريشن جي فوري ۽ مستقل خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. امن معاهدي تي صحيحن جي باضابطہ تقريب 19 جون تي سوئٽزرلينڊ ۾ منعقد ٿيندي. سومر ڏينهن سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ بيان ۾، وزيراعظم چيو تہ ڏکين ۽ لاپائتين ڳالهين ڪانپوءِ اسان کي اهو اعلان بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

مردان ۾ پاڪ فضائيہ جي تربيتي جهاز کي حادثو، فلائيٽ ليفٽيننٽ ۽ ليفٽيننٽ شهيد

پاڪ فضائيہ جو هڪ تربيتي جهاز معمول جي تربيتي اڏام دوران مردان ويجهو حادثي جو شڪار ٿي ويو

پاڪ فضائيہ جي فلائيٽ ليفٽيننٽ قاسم عبدالله ۽ پاڪ بحريہ جي ليفٽيننٽ طحٰ عباسي شهادت جو رتبو ماڻيو

حادثي جي سبب جو تعين ڪرڻ لاءِ ايئر هيڊ ڪوارٽرز طرفان جاچ لاءِ هڪ بورڊ جوڙيو ويو آهي: آءِ ايس پي آر جو ترجمان

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فضائيہ جو هڪ تربيتي جهاز معمول جي تربيتي اڏام دوران مردان ويجهو حادثي جو شڪار ٿي ويو. ان افسوسناڪ حادثي جي نتيجي ۾ پاڪ فضائيہ جي فلائيٽ ليفٽيننٽ محمد قاسم بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي جي درخواست تي ڪي پي جو اڪائونٽنٽ جنرل 17 جون تي عدالت ۾ طلب

ادائيگين ۾ دير اطلاعات کاتي جي طرفان نہ، پر خيبر پختونخوا جي اڪائونٽنٽ جنرل جي آفيس ۾ ٿي رهي آهي: سڌ سماءَ وارو کاتو

سي پي اين اي صوبي جي حڪومت طرفان اخبارن کي واجب الادا بقايائن جي وصولي لاءِ 2022ع ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي هئي

صوبائي ڪابينا اخبارن جي هڪ ارب روپين جي بقايائن جي ادائيگي جي منظوري ڏني، 40 ڪروڙ روپيا اطلاعات کاتي کي جاري ڪيا ويا

پشاور (پ ر) پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز ڪائونسل (سي پي اين اي) پاران اخبارن جي بقايائن جي ادائيگي لاءِ داخل ڪيل رٽ پٽيشن جي ٻڌڻي اڄ پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي عدالت ۾ ٿي. ٻڌڻي دوران اطلاعات کاتي جي نمائندن عدالت کي ٻڌايو تہ ادائيگين ۾ دير اطلاعات کاتي جي طرفان نہ، پر خيبر پختونخوا جي اڪائونٽنٽ جنرل جي آفيس ۾ ٿي رهي آهي اطلاعات بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان قومي اسيمبلي جي ميمبرن آغا رفيع الله اعجاز جکراڻي، ذوالفقار ٻڍڻ، علي جان مزاري ۽ ثمر هارون بلور جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان قومي اسيمبلي ميمبرن آغا رفيع الله، اعجاز حسين جکراڻي، ذوالفقار ٻڍڻ، علي جان مزاري ۽ ثمر هارون بلور سومر ڏينهن هتي جدا جدا ملاقاتون ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقاتن ۾ قومي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان ايران جو سفير ڊاڪٽر رضا اميري ملاقات ڪري رهيو آهي

آمريڪا ايران وچ ۾ امن معاهدو پاڪستان جي ڪامياب سفارتڪاري جو ثبوت آهي: مراد علي شاهہ

تڪرارن جو حل ڳالهين ذريعي ئي ممڪن آهي، معاهدو ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو

صدر آصف زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير معاهدي کي ڪامياب بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

پاڪستان جي ٿياڪڙي ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي ڪاميابي سڄي دنيا لاءِ هڪ مثبت پيغام آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهہ پاران آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيل امن معاهدي جي آجيان وڏي وزيرسنڌ سيد مراد علي شاهہ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ طئي ٿيل امن معاهدي کي پليڪار ڪندي ان کي خطي ۽ دنيا لاءِ هڪ مثبت ۽ خوش آئند اڳڀرائي قرار ڏنو آهي. پنهنجي بيان ۾ وڏي وزير سنڌ چيو تہ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدو ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي ڪاميابي جو ثبوت آهي. هن چيو تہ تڪرارن جو پائيدار حل صرف بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

امن معاهدو طئي ٿيڻ ايران جي فتح، اسرائيل ۽ آمريڪا جي بدترين شڪست آهي: ڪاشف سعيد شيخ

هن معاهدي ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ مزاحمت ۾ ئي زندگي آهي، خاموشي بزدلي ۽ موت برابر آهي

وفاقي حڪومت امن معاهدي کان پوءِ تيل جون قيمتون گهٽائي عوام کي فوري رليف فراهم ڪري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي تہ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ امن معاهدي جو طئي ٿيڻ دراصل ايران جي فتح ۽ اسرائيل توڙي آمريڪا جي بدترين شڪست آهي. هن معاهدي ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ مزاحمت ۾ ئي زندگي آهي جڏهن تہ خاموشي بزدلي ۽ موت جي برابر آهي. هن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ ايران. بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفو ماءُ ۽ ٻار جي بهتر صحت لاءِ ضروري آهي: ڊاڪٽر علي مير

خانداني منصوبہ بندي، صحت ۽ تعليم ۾ سيڙپڪاري وڌائي فنڊن جو اثرائتو استعمال يقيني بڻايو وڃي

صحت ۽ تعليم تي خرچ دراصل ملڪ جي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي: پاليسي ماهر

اسلام آباد (پ ر) صحافين ۽ پاليسي ماهرن آبادي ۽ وسيلن ۾ توازن کي پاڪستان جي معاشي استحڪام، انساني ترقي ۽ وسيلن جي بهتر ورڇ لاءِ لازمي قرار ڏيندي خانداني منصوبہ بندي، صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ ۽ فنڊن جي اثرائتي استعمال کي يقيني بڻائڻ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاپوليشن ڪائونسل ۽ يو اين ايف پي اي جي سهڪار سان ٿيل ميڊيا ڪوليشن اجلاس ۾ شريڪ صحافين جو گروپ فوٽو

محرم الحرام جو چنڊ نظر نہ آيو، يوم عاشور 26 جون تي ٿيندو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مرڪزي چنڊ ڏسڻ ڪميٽي اعلان ڪيو آهي تہ پاڪستان ۾ محرم الحرام جو چنڊ نظر نہ آيو آهي. مرڪزي رويت هلال ڪميٽي جو اجلاس ڪميٽي جي چيئرمين مولانا عبدالخبير آزاد جي صدارت هيٺ لاهور ۾ ٿيو جنهن ۾ عالمن ۽ ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي. مولانا عبدالخبير آزاد اعلان ڪيو تہ ملڪ جي ڪنهن بہ حصي مان چنڊ نظر بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

عالمي باڪسر ماريہ رند جو قومي اسيمبلي جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان لاءِ کيڏندڙ عالمي باڪسر ماريہ رند قومي اسيمبلي جو دورو ڪيو ۽ ايوان جي ڪارروائي ڏٺي. سومر ڏينهن قومي اسيمبلي اجلاس تي ڊپٽي اسپيڪر سندس آجيان ڪئي ميمبرن ڊيسڪون وڄائي سندس استقبال ڪيو.

سينيٽ جو اجلاس اڄ سادي 12 وڳي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جو اجلاس (اڄ) اڱاري تي منجهند جو سادي 12 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو. اجلاس ۾ وفاقي بجيٽ تي حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن بحث جاري رکيو. اجلاس دوران مختلف سياسي پارٽين سان واسطو رکندڙ سينيٽرز مالي سال جي بجيٽ بابت پنهنجون تجويزون حڪومتي پاليسين، اقتصادي هدفن ۽ عوامي ڀلائي جي قدمن تي ڳالهيون ڪيون جڏهن تہ مخالف ڌر جي ميمبرن بجيٽ جي مختلف شقن تي تنقيد ۽ تجويزون پيش ڪيون ايوان ۾ بجيٽ تي بحث دوران ميمبرن معيشت، محصولن، ترقياتي منصوبن، تعليم، صحت ۽ عوامي ڀلائي بابت معاملن تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي

راولپنڊي: سنڌ سماءَ جو پارليامانی سيڪريٽري دانيال چوڌري ايران آمريڪا تڪرار جي نبيري ۾ پاڪستان جي ڪردار بابت ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

صدر ۽ وزيراعظم پاران فلائيٽ ليفٽيننٽ قاسم عبدالله ۽ ليفٽيننٽ طحٰ عباسي جي شهادت تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري مردان ويجهو پاڪ فضائيہ جي تربيتي جهاز جي حادثي ۾ فلائيٽ ليفٽيننٽ محمد قاسم عبدالله ۽ پاڪستان نيوي جي ليفٽيننٽ طحٰ عباسي جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ايران اندر بنا اجازت ڪنهن علائقائي ٻولي ۾ ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن: سيد غلام مصطفيٰ شاهہ

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ چيو آهي تہ ايوان اندر بنا اجازت جي ڪنهن بہ علائقائي ٻولي ۾ ڳالهہ ٻولهہ نٿي ٿي سگهي. قومي اسيمبلي ۾ بجيٽ بحث دوران مخالف ڌر جي ميمبر مبين عارف جي پنجابي ۾ تقرير تي ڊپٽي اسپيڪر کيس روڪيندي چيو تہ قومي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سرگودا: پنجاب جي وزير اعليٰ جو صحت بابت صلاحڪار ڊاڪٽر اظهر محمود ڪياني ڪانووڪيشن ۾ ڊگريون ورهائي رهيو آهي

وڏي وزير پاران خوراڪ کاتي کي ڪڻڪ جي ذخيرو اندوزي خلاف سخت قدم کڻڻ جو حڪم

خوراڪ ۽ زراعت کاتي جي گڏيل اجلاس ۾ ڪڻڪ خريداري جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

سنڌ جي عوام کي ذخيرو اندوزن ۽ هٿرادو قيمتون وڌائيندڙن جي رحم و ڪرم تي نہ ڇڏي سگهجي

ڪڻڪ جا ذخيرا محفوظ ڪنداسين، قيمتون مستحڪم ڪري آبادگارن ۽ صارفين تحفظ ڪنداسين: مراد علي شاهہ

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ خوراڪ کاتي کي ڪڻڪ جي ذخيرو اندوزي خلاف سخت قدم کڻڻ جي هدايت ڪندي چيو ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي نگراني کي مضبوط ڪرڻ ذخيرو ڪرڻ جي طريقن کي منظم ڪرڻ ۽ مقامي ڪڻڪ خريد ڪري مارڪيٽ جي قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ خوراڪ ۽ زراعت کاتي جي گڏيل اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير 26-2025 جي فصل لاءِ ڪڻڪ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سان ايراني سفير جي ملاقات

اسپيڪر ايران آمريڪا امن معاهدي لاءِ ڪامياب سفارتڪاري تي مبارڪون ڏنيون

معاهدو خطي ۾ امن، استحڪام ۽ گڏيل اعتماد کي هٿي وٺائڻ طرف اهم اڳڀرائي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان پاڪستان ۾ مقرر ايران جي سفير رضا اميري مقدم بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ايران امن معاهدو ساراهہ جوڳو آهي: حنيف عباسي

معاهدو شهباز شريف ۽ عاصم منير جي سفارتي ڪوشش جو نتيجو آهي

اقتصادي سرگرمين، واپار، سيڙپڪاري ۽ علائقائي رابطاڪاري جي منصوبن کي هٿي ملندي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدي جي اڳڀرائي کي خطي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

آبناءِ هرمز کلي وئي، تيل سان ڀريل جهاز اچڻ وڃڻ پيا: ٽرمپ

جهاز هاڻي ڏاکڻي رستي وٽان گذرڻ پيا، جيڪو مڪمل طور محفوظ لنگهہ آهي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ معاهدو طئي ٿيڻ ڪانپوءِ تيل بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ايران جا ائٽمي ذخيرا ختم ڪرڻ ضروري آهي: فرانسيسي صدر

بچيل يورينيم کي مناسب طريقي سان غير اثرائتو بڻايو وڃي: ايمانوئل ميڪرون

پئرس (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فرانسيسي صدر ايمانوئل ميڪرون چيو آهي تہ ايران جي رهيل يورينيم جي ذخيرن کي غير اثرائتو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: بلوچستان جو گورنر جعفر خان مندوخيل بلوچستان ۾ ماحولياتي سلامتي بابت پاليسي ڊائيلاگ کي خطاب ڪري رهيو آهي

محرم الحرام دوران عزاداري، مجلسن ۽ جلوسن لاءِ فول پروف سيڪيورٽي ڏني وڃي: علامہ مبشر حسن

امام حسين عليہ السلام جي عزاداري امت مسلم جي وحدت ۽ يڪجهتي جي علامت آهي

مختلف ضلعن ۾ وحدت اسڪائوٽس جا نوجوان ضلعي انتظاميا سان گڏجي ڊيوٽيون ادا ڪندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مجلس وحدت المسلمين سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامہ مبشر حسن ٻين اڳواڻن سان گڏ وحدت هائوس ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ امام حسين عليہ السلام جي عزاداري امت مسلم جي وحدت ۽ يڪجهتي جي علامت آهي جنهن حسيني بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي طلب، وڏو وزير صوبائي بجيٽ پيش ڪندو

بجيٽ جي حتمي منظوريءَ لاءِ ساڳئي ڏينهن سنڌ ڪابينا جو اجلاس بہ طلب ڪيو ويو

سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 10 سيڪڙو، مزدورن جي اجرت 20 سيڪڙو ۽ پينشن 8 سيڪڙو واڌ جو امڪان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي اربع تي منجهند 2:00 وڳي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، ڪراچي ۾ طلب ڪيو آهي.اجلاس ۾ سنڌ حڪومت نئين مالي سال 27-2026ع جي بجيٽ پيش ڪندي. وڏو وزير مراد علي شاهہ پنهنجي سياسي ڪيريئر ۾ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

قاسم ڪمپني ۾ مقامي سنڌي نوجوانن کي روزگار نہ ملڻ خلاف مظاهرو

سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي ڪمپني جي مک گيٽ آڏو احتجاج ڪيو ويو

مقامي ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم نہ کنيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي شاهراهہ لڳ قاسم ڪمپني جي مک گيٽ آڏو سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي مقامي سنڌي نوجوانن کي روزگار نہ ڏيڻ ۽ ٻاهرين علائقن مان ماڻهن کي آڻي نوڪريون ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. احتجاج جي اڳواڻي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن پير بخش پلڪاڻي، اصغر سبزوئي ۽ اياز قمبراڻي ڪئي مظاهرين بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ پيڊل اوپن چيمپيئن شپ پڄاڻي تي پهتي، رانديگرن کي 10 لکن جا انعام ڏنا ويا

رانديون واري سيڪريٽري منور مهيسر ڪامياب رانديگرن ۽ ٽيمن ۾ ٽرافيون، ميڊلز ۽ روڪ انعام ورهايا

ايونٽ جو مقصد سنڌ ۾ پيڊل راند جي واڌ ويجهہ، نوجوان رانديگرن کي موقعا فراهم ڪرڻ آهي: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي اهتمام هيٺ ليجنڊز ايرينا ۾ منعقد ٿيل ٽن ڏينهن واري سنڌ پيڊل اوپن چيمپيئن شپ 2026 پڄاڻي تي پهتي جنهن ۾ بوائز ۽ وومنز ڪيٽيگريز جي دلچسپ مقابلن کان پوءِ ڪامياب رانديگرن ۾ مجموعي طور 10 لک روپين جي انعامي رقم ورهائي وئي. اختتامي تقريب ۾ رانديون واري سيڪريٽري منور علي مهيسر، رانديون واري پارليامانی سيڪريٽري صائمہ آغا، رانديون واري ڊائريڪٽر اسد اسحاق، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ معاهدو عالمي امن لاءِ هڪ مثبت اڳڀرائي آهي: گيانچند ايسراڻي

خطي ۾ پائيدار امن، استحڪام ۽ ترقي لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جو رستو ئي سڀ کان بهتر حل آهي

عالمي برادري کي تڪرارن جي پرامن حل ۽ انساني جانين جي تحفظ لاءِ ڪوششون جاري رکڻ گهرجن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار براءِ بحالي گيانچند ايسراڻي پاران آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدي جي آجيان سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار براءِ بحالي گيانچند ايسراڻي آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ٿيل امن معاهدي کي پليڪار ڪندي ان کي عالمي امن لاءِ هڪ مثبت اڳڀرائي قرار ڏنو آهي. پنهنجي بيان ۾ گيانچند ايسراڻي چيو تہ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ فريم ورڪ معاهدو علائقي ۽ دنيا ۾ امن استحڪام بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: تقريب دوران مهمانن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا پيا وڃن

ڪراچي ۾ منشيات ۽ سٽيبازي کان پوءِ ڊجيٽل جوا جو نئون نيٽ ورڪ شروع

ڪورنگي، لانڍي ۽ ڀرپاسي ۾ "مڇلي گيم" جي نالي سان روزانو لکين روپين جا ڪيڏ ٿي رهيا: ذريعا

علائقي جي رهواسين پاران غير قانوني سرگرمي خلاف فوري ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ منشيات گٽڪي ماوا، جوا ۽ سٽي کان پوءِ هاڻي ڊجيٽل جوا جو هڪ نئون نيٽ ورڪ نوجوان نسل کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري رهيو آهي. ذريعن موجب ڪورنگي، لانڍي ۽ آس پاس جي علائقن ۾ "مڇلي گيم" جي نالي سان مشهور ڊجيٽل مشينن ذريعي روزانو بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۾ باسڪيٽ بال ميچ کٽڻ جي خوشي ۾ جشن دوران هنگامو، ورلڊ ڪپ جي شٽل بس کي باهہ

اهو واقعو مين هيٽن ۾ اين بي اي ايونٽ ۾ نيويارڪ نڪس پاران مخالف ٽيم کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ پيش آيو

جشن ۾ شريڪ ماڻهن آتش بازي ڪئي ۽ نعرا هڻي پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو، ان دوران صورتحال خراب ٿي

هڪ نوجوان گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو، نيويارڪ نڪس 1973 کانپوءِ پهريون ڀيرو اها چيمپئين شپ کٽي ۽ ٽيون ڀيرو فائنل ۾ پهتي هئي

نيويارڪ (اي پي پي) آمريڪا ۾ باسڪيٽ بال ميچ کٽڻ جي خوشي ۾ جشن دوران ٿيل هنگامي وقت ورلڊ ڪپ جي شٽل بس کي باهہ لڳائي وئي جڏهن تہ هڪ نوجوان گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو. پرڏيهي ميڊيا موجب اهو واقعو مين هيٽن ۾ اين بي اي ايونٽ ۾ نيويارڪ نڪس پاران مخالف ٽيم کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ انهن بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سڄي سنڌ ۾ عزاداري جلوسن ۽ مجلسن لاءِ فول پروف سيڪيورٽيءَ جا انتظام يقيني بڻايا وڃن: وڏو وزير

محرم الحرام جي انتظامن جي جائزي اجلاس ۾ شيعا اڳواڻن ۽ حڪومتي نمائندن شرڪت ڪئي

محرم جي انتظامن ۾ ڪنهن بہ قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي: مراد علي شاهہ

اجلاس ۾ عالمن پاران پيش ڪيل سمورين تجويزن کي سيڪيورٽي پلان ۾ شامل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ محرم الحرام جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي ۽ سمورن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي تہ صوبي ۾ عزاداري جي جلوسن ۽ مذهبي گڏجاڻين لاءِ فول پروف سيڪيورٽي، شهري خدمتون ۽ جامع انتظامي قدم يقيني بڻايا وڃن. وزيراعلي هائوس تي ٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزيرن بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت ۾ محرم الحرام ۾ امن امان جي صورتحال بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پاران ايئر فورس جي تربيتي جهاز حادثي تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاڪستان ايئر فورس جي تربيتي جهاز جي حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ حادثي ۾ پاڪستان ايئر فورس جي فلائيٽ ليفٽيننٽ محمد قاسم عبدالله ۽ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جي قيادت بيان بازي نہ پر هميشہ عوامي خدمت کي ترجيح ڏني آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت دعوائن نہ پر ڪم ڪري ڏيکاريو آهي، مخالفن کي بہ چئون ٿا تہ اچو تہ گڏجي عوام لاءِ ڪم ڪريون

ڪجهہ ماڻهو روزانو پريس ڪانفرنسون ڪري الزام لڳائيندا آهن ۽ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ۾ مصروف آهن

مخالفن کي اسان جو جواب وڌيڪ ترقياتي منصوبا، وڌيڪ سهولتون ۽ وڌيڪ عوامي خدمت هوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ حڪومت دعوائن نہ ڪيون آهن پر ڪم ڪم ۽ ڪم ڪري ڏيکاريو آهي ۽ اسان مخالفن کي بہ چئون ٿا تہ اچو تہ گڏجي عوام لاءِ ڪم ڪريون. مخالف بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2



لاڙڪاڻو: سنڌ جو خاص معاون خير محمد شيخ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

سعدي گارڊن ويجهو واٽر ٽينڪر جي ڇت تان هيٺ ڪرڻ سبب نوجوان جاويد فوت ٿي ويو

ماڙيپور ۾ خانگي اسپتال جي ڇهين ماڙ تان ٽپو ڏئي شڪيل ولد ابراهيم خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. اسڪيم 33 سعدي گارڊن جي ويجهو واٽر ٽينڪر جي ڇت تان هيٺ ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 28 سالن جو نوجوان جاويد ولد محمد رفيق فوت ٿي ويو ماڙيپور روڊ جي ويجهو خانگي اسپتال جي ڇهين منزل تان ٽپو ڏئي 45 سالن جو شڪيل ولد ابراهيم خودڪشي ڪري ڇڏي فوتي جو لاش ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پي آ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گڏيل ڪارروايون، پابندي مڙهيل تنظيمن جا 5 مبينا دهشتگرد گرفتار

سي ٽي ڊي ۽ حساس ادارن گڏيل انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز دوران مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

پابندي مڙهيل تنظيم بي ايل اي ۽ فتنہ الخوارج سان لاڳاپيل پنج مبينا دهشتگردن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار دهشتگرد شهر ۾ امڪاني ڪارروائين لاءِ پنهنجن ٻين ساٿين جو انتظار ڪري رهيا هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) ۽ حساس ادارن گڏيل انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز دوران شهر جي ٻن مختلف هنڌن تان 5 مبينا دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جن مان 3 جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم بي ايل اي ۽ 2 جو تعلق فتنہ الخوارج (FAK) سان ٻڌايو ويو آهي سي ٽي ڊي ترجمان موجب گرفتار دهشتگردن ۾ عمران خان عرف شوڪت ولد ميان بخش، ظهير احمد ولد حمل خان ۽ محمد رياض ولد بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ ڪيش وين مان 30 ڪروڙن جي ڦُرلٽ جو ماسٽر مائينڊ چيف ڪرو نڪتو

ڦُر ۾ ملوث هجڻ جي شڪ ۾ ڪيش وين جي ڊرائيور ۽ ٻن سيڪيورٽي گارڊن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪيش وين جو چيف ڪرو واحد واردات جي رٿابندي ڪئي، رقم ٻئي ڪئبن گاڏي ۾ منتقل ڪرائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ هلندڙ سال جي سڀ کان وڏي ڦُر واري واردات جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي. جنهن 30 ڪروڙ روپين جي ڦُر ۾ ملوث هجڻ جي شڪ ۾ ڪيش وين جي ڊرائيور ۽ ٻن سيڪيورٽي گارڊن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي ايس ايس پي سينٽرل ڊاڪٽر عمران بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ تيز رفتار ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، عورت فوت، سندس مڙس ۽ ٻار زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سهراب ڳوٺ جي علائقي ۾ ال آصف اسڪوائر ويجهو رينجرز چوڪي ڀرسان تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل کي پٺيان کان ٽڪر هڻي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار عورت موقعي تي ئي فوت ٿي وئي فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 30 ورهين جي ثناءَ زال ماجد طور ٿي آهي عورت جو لاش ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ترڪي جي وفد پاران سنڌ جي سياحتي ۽ هاسپيٽيلٽي شعبي ۾ دلچسپي ظاهر

پيٽرا هاسپيٽيلٽي مئنيجمينٽ ڪمپني جي اعليٰ سطحي وفد وڏي وزير سان ملاقات ڪئي

اجلاس ۾ پرڏيهي سيڙپڪارن کي هر ممڪن سهولت ۽ مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير هائوس ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سان ترڪي جي پيٽرا هاسپيٽيلٽي مئنيجمينٽ ڪمپني جي اعليٰ سطحي وفد ملاقات ڪئي وفد جي قيادت پيٽرا هاسپيٽيلٽي جي مئنيجنگ پارٽنر ڪاسوس ڪوڪزاناسٽاسس ڪئي جڏهن تہ ملاقات ۾ وزير ثقافت سيد ذوالفقار شاهہ ۽ معاون خصوصي سيد قاسم نويد قمر پڻ موجود بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ فائرنگ ۽ حادثن جي واقعن ۾ هڪ ڄڻو فوت، عورت سميت ٻہ ماڻهو زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پيش آيل فائرنگ ۽ ٽريفڪ حادثن جي واقعن ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو جڏهن تہ عورت سميت ٻہ ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن پي آءِ ڊي سي پل ڀرسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر سبب موٽر سائيڪل سوار هڪ شخص موقعي تي فوت ٿي ويو ايڌي اختيارين موجب فوت ٿيل شخص جو لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ ان جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

چين پاران آمريڪا ايران معاهدي جي آجيان، پاڪستان جي ٿياڪڙي جي ڪوشش جي ساراهہ

بيجنگ (اي پي پي) چين آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٻهرين مرحلي جي مفاهمتي يادداشت تي متن تي اتفاق راءِ جي آجيان ڪندي ڳالهين ۾ سهولتڪاري لاءِ پاڪستان جي ڪوششن کي ساراهيو آهي چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان معمول جي پريس بريفنگ دوران هڪ سوال جي جواب ۾ چيو تہ چين هن اڳڀرائي کي مثبت نظر سان ڏسي ٿو ۽ اميد ڪري ٿو تہ ٻنهي ملڪن وچ ۾ طئي ٿيل شيڊيول موجب ٻهرين مرحلي جي مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪندا. ترجمان چيو تہ چين آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٻهرين مرحلي جي مفاهمتي يادداشت جي متن تي ٿيل اتفاق راءِ جي آجيان ڪري ٿو ۽ پاڪستان جي ٿياڪڙي جي ڪوشش کي ساراهي ٿو

سنڌ حڪومت يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ اسڪالرشپ جي منظوري ڏئي ڇڏي

صوبائي وزير سردار شاهہ جي صدارت هيٺ سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي بورڊ آف ٽرسٽيز جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ صوبي جي 2,662 شاگردن ۽ شاگردياڻين جي اسڪالرشپن جي منظوري ڏني وئي

اسڪالرشپ تحت شاگردن کي ملڪ جي 92 سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ حڪومت اعليٰ تعليم جي واڌاري ۽ باصلاحيت شاگردن جي مالي سهائتا لاءِ هڪ اهم قدم کڻندي سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ (SEEF) تحت تعليمي سال 25-2024 لاءِ سنڌ سان واسطو رکندڙ 2,662 شاگردن ۽ شاگردياڻين جي يونيورسٽي اسڪالرشپن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جڏهن تہ اسڪالرشپ تي اڳ ۾ تعليم حاصل ڪندڙ 5,853 شاگردن ۽ شاگردياڻين جي اسڪالرشپن جي تجديد بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 213 سال 2026

(1) شريمتي آرتي ٻائي ڌيءَ Dheero Thakur (2) راڄ ولد نديم ٺاڪر (ماٺر) رهندڙ مهراڻ ڪالوني نوابشاه..پلينٽف..بخلاف.. نديم ولد Khito Thakur رهندڙ نزد بس اسٽاپ مڪرائي پاڙو شاهپور چاڪر تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ ..ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ٽرمينيشن آف ميرج، مينٽيننس ۽ رڪوري جهيز آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 01-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 234 سال 2026

مسمات صنم ڌيءَ شمس الدين چانڊيو رهندڙ ڳوٺ جان محمد خاصخيلي تعلقو نوابشاه ضلعو شهيد بينظير آباد..پلينٽف..بخلاف.. سردار خان ولد محمد موسيٰ چانڊيو رهندڙ گهر نمبر 103 امام بارگاه روڊ لاڙڪاڻو حال ڊي ايس پي آفيس ٽنڊو الهيار سيل نمبر 03132995688 ..ڊفينڊنٽ

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج (V)ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات نورهدا ڌيءَ محمد هارون ذات سومرو رهندڙ سومرا محلا ٽنڊو محمد خان..پلينٽف..بخلاف.. ساڄن ولد علي محمد سومرو رهندڙ گهر نمبر 04 اسٽريٽ نمبر 02 سامهون سول اسپتال سومرا ڪالوني ٽنڊو الهيار..ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 07-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج (V)ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرخاص ۽ عام کي اطلاع ڏيو ڏجي ٿو ته عرضدار نالي مسمات شهناز بانو بيواهه سيد محمد علي شاهه رهندڙ گهرنمبر G/7778 تالاب نمبر 3 حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي سيد محمد علي شاهه ولد سيد غلام شاهه تاريخ 03-05-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 4 to 286/1 ايراضي 20-06 ديهه وڏهه ٽپو اي هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ۾ ڏني آهي مرحوم فقه جعفريه سان واسطو رکندڙ هو (1) مسمات شهناز بانو (بيواهه) (2) مرڪ مهتاب (ڌي) (3) اقرا (ڌي) آهن جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرخاص ۽ عام کي اطلاع ڏيو ڏجي ٿو ته عرضدار نالي غلام رسول ولد پيارو رهندڙ حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي پيارو ولد رشنو مري بلوچ تاريخ 01-01-2011 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 01 مان 02، 3/1،2 ايراضي 38-06ديهه ڏماچاڻي جاگير ٽپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ۾ ڏني آهي (1) غلام رسول (پٽ) (2) وسند (پٽ) آهن جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرخاص ۽ عام کي اطلاع ڏيو ڏجي ٿو ته عرضدار نالي مسمات ممتاز ڌيءَ ولي محمد زال جمن رهندڙ ڳوٺ حسين بخش رند تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي ولد محمد ولد اسماعيل تاريخ 19-04-1995تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 491,85,63/1,62/A 06-38 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه ناريجاڻي ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ۾ ڏني آهي (1) مسمات ممتاز (ڌي) (2) مسمات پناڻي (بيواهه) آهن جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مير محمد ولد مياڻداد درخواست ڏني آهي ته (1) نالي فوتڻ مسمات سومري زال مياڻداد (2) نالي فوتي محمد علي ولد غازي (3) نالي فوتڻ مسمات سوڍي ڌيءَ غازي (4) نالي فوتڻ مسمات فاطمه ڌيءَ غازي جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه ٽانگرو ٽپو دو گهڙي تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 378 مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ شير خان چانڊ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن (1) تفصيل نالي فوتڻ سومري زال مياڻداد جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 نور محمد پٽ فوتڻ جو 2 مير محمد پٽ فوتڻ جو 3 پٺاڻي ڌيءَ فوتڻ جي 4 لال خاتون ڌيءَ فوتڻ جي 5 صاحب خاتون ڌيءَ فوتڻ جي (2) تفصيل نالي فوتي محمد علي ولد غازي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 امير علي پٽ فوتي جو 2 انور علي پٽ فوتي جو 3 ٻمبي ڌيءَ فوتي جي 4 آمنت ڌيءَ فوتي جي 5 ماروي ڌيءَ فوتي جي 6 سڪينه ڌيءَ فوتي جي (3) تفصيل نالي فوتڻ مسمات سوڍي ڌيءَ غازي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 مصري پٽ فوتڻ جو 2 رجب پٽ فوتڻ جو 3 مونا ڌيءَ فوتڻ جي 4 جواڻي ڌيءَ فوتڻ جي 5 احسان ڌيءَ فوتڻ جي (4) تفصيل نالي فوتڻ فاطمه ڌيءَ غازي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 ريڏنو پٽ فوتڻ جو 2 زرينه ڌيءَ فوتڻ جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر عام وخاص کي آگاهه ڪجي ٿو ته نالي محمد عرفان کهتري ولد محمد اسماعيل کهتري شناختي ڪارڊ نمبر 4130355691661 هڪ عدد پلاٽ نمبر 41 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ نالي رضوان علي سورٺي ولد عبدالغني سورٺي شناختي ڪارڊ نمبر 4130394920921 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض دستاويزي ثبوتن سميت سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي آگاهه ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي.

محمد عرفان کهتري ولد محمد اسماعيل کهتري
معرفت فاطمه اسٽيٽ ايجنسي گلشن زيل پاڪ
سيل نمبر 03150034983

لاتعلقي جو اظهار

هر عام و خاص ماڻهن لاءِ پڌرو ڪجي ٿو ته آئون نالي اقبال احمد ولد عبدالله ڀنڀرو پڌرو ٿو ڪريان ته منهنجا ٻه پٽ ۽ نياڻيون ۽ هر هڪ نالي 1 ريان 2 محمد ايان 3 ناشفين 4 ڪنيز فاطمه ولد اقبال احمد ڀنڀرو جيڪي غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي نافرمان خراب ٿي ويا آهن منهنجي چوڻ م ن آهن ڪافي دفعا سمجهائڻ باوجود نه پيا سمجهن هائي آئون بيزار ٿي اڄ کانپوءِ منهنجي پٽن 1ريان 2 محمد ايان منهنجي ڌيئين نالي ناشفين 4 ڪنيز فاطمه ولد اقبال احمد ڀنڀرو سان لاتعلقي ٿو ڪريان منهنجو ساڻن هاڻي ڪوبه واسطو تعلق نه آهي آئون پنهنجي ملڪيت مان ڪين بيدخل ٿو ڪريان منهنجي پراپرٽي جا ڪاغذات ڊاڪيومنٽ ڪٽي گم ٿي ويا آهن مونکي منهنجي وڏي پٽ ريان ۽ منهنجي سالن حسين رشيد ۽ جنيد ڀنڀرو ولد عبدالرشيد ڀنڀرو مان مونکي جان ۽ مال جو خطرو آهي مونکي ڪوب جاني يا مالي نقصان ٿيو ته انهي جازميوار منهجو وڏو پٽ ۽ منهجا سالا هوندا اگر پاڻ ڪنهن سان ڪا ڏيتي ليتي ڪندا يا ڪو به سرڪاري غير سرڪاري ماڻهو ساڻن ڪابه ڏيتي ليتي ڪندو يا ڪو غير قانوني ڪم ڪندا ته ان سان منهنجو ڪوب واسطو نه آهي ان جا خود هو پاڻ ذميدار هوندا هي بيان منهنجو رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

اقبال احمد ولد عبدالله ڀنڀرو رهندڙ هائوس نمبر 193 بلاڪ اي سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي ڄامشورو
سڃاڻپ ڪارڊ نمبر 4120379615553

لاتعلقي جو اظهار

هن اشتهار ذريعي هر عام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجي ڀاءُ نالي سني عرف نريش ولد رميش ڪمار شناختي ڪارڊ نمبر 4130318282093 سان لاتعلقي جو آظهار ڪيان ٿو جيڪي بري صحبت ۾ اچي ڪري نافرمان ٿي ويو آهي منهنجي ان جي ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي لڏي فساد سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه آهي اهو پنهنجي بري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو آئون پنهنجي ڀاءُ سان گڏ ٻن سالن سان پڻ لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

انيل ڪمار ولد رميش ڪمار رهندڙ فليٽ نمبر C-13 فورٿ فلور بلاڪ سي ايس آر ٽي سي ڪمپليڪس صدر حيدرآباد

تصحيح

11 جون 2026 تي عبداللطيف ولد محمد يوسف کهتري ۽ ديهه گنو غلط شايع ٿي ويو آهي جنهن کي درست ڪري عبداللطيف ولد محمد يوسف ڪاتيار ۽ ديهه گهونو لکيو پڙهيو وڃي.

بقايا 1 مرتضيٰ سولنگي

ممڪن بڻايو اها ڪاميابي اسان سڀني جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو آهي سومر ڏينهن ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته اسان جي هٿيارٻند فوج جنهن جي قيادت فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪئي اسان جي پرڏيهي وزارت جنهن جي سربراهي اسحاق ڊار ڪئي اسان جي حڪومت جنهن جي قيادت وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪئي ۽ اسان جي رياست جنهن جي نمائندگي صدر آصف علي زرداري ڪئي

بقايا 2 اعلان

ڪندي چيو آهي ته سنڌ کي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي بدين ضلعو مڪمل طور تي تباهه ٿي ويو آهي سيدا جون من سانيون جاري آهن ان کي يا ته ختم ڪيو وڃي يا بهتر ڪيو وڃي آبپاشي جي عملدارن کي هٿي گهرائي انهن کان پڇاڻو ڪيو وڃي ته اهي سنڌ جي حصي جو پاڻي چو نه پيا وٺي سگهن ارسا سنڌ جي ويساهه گهاتيءَ ڪري رهي آهي ان جو ازالو ڪيو وڃي ايل بي او ڊي جو معاملو ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيو آهي ان جي ڪري هزارين ايڪڙ زمين بنجر ۽ سمنڊ حوالي ٿي وئي آهي قومي اسيمبلي ۾ وفاقي بجيٽ 27 – 2026ع تي جاري بحث ۾ حصو وٺندي پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو چيو ته اهو افسوس سان چوڻو پئجي ٿو ته هي جيڪا بجيٽ پيش ڪئي وئي آهي اها صرف ڪاغذي بجيٽ آهي پر زميني حقيقتن سان ٺهڪندڙ نه آهي هن چيو ته حڪومت معاشي استحڪام ۽ ترقي جون دعوائون ته ڪري رهي آهي پر حقيقت اها آهي ته عام ماڻهو اڄ به ٻن وقتن جي ماني ۽ تعليم جي لاءِ ۽ دوائن ۽ علاج جي لاءِ دربدر ٿيو رهيو آهي

بقايا 3 آجيان

ڪئي آهي ته اهو هڪ حتمي معاهدي جي راهه هموار ڪندو ۽ خطي ۾ پائيدار ۽ جامع امن جو بنياد بڻجندو سومر ڏينهن "ايڪس" تي پنهنجي بيان ۾ صدر چيو ته پاڪستان کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته اُن هن مشڪل وقت ۾ سڌائين ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي مسلسل حمايت ڪئي آهي اها اڳڀرائي گهڻ طرفي تعاون کي مضبوط ڪرڻ ۽ گڏيل احترام ۽ باهمي رابطن جي وسيلي تڪرارن جي پرامن حل کي فروغ ڏيڻ طرف هڪ اهم قدم آهي هن دعا ڪئي ته اهي ڪوششون خطي ۽ پوري دنيا جي لاءِ وڌيڪ امن استحڪام ۽ خوشحالي جو سبب بڻجن

بقايا 4 تصديق

ڪندي خوشي ٿي رهي آهي ته آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ امن معاهدو ٿي ويو آهي جنهن ذرين لبنان سميت سڀني محاذن تي فوجي آپريشن جي فوري ۽ مستقل خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي امن معاهدي تي صحيحن جي باضابطه تقريب 19 جون تي سوئٽزرلينڊ ۾ ٿيندي وزيراعظم چيو ته اسان تڪرار جي سفارتي حل لاءِ آمريڪا ۽ ايران جي عزم کي ساراهيون ٿا ۽ انهن اڄ ٿورا مڃيون ٿا اسان ثالثي جي اُن عمل ۾ تعاون تي پائر ملڪ قطر جي قيادت جا پڻ دل جي گهراين سان ٿورائتا آهيون جن جي حمايت هن معاهدي تائين پهچڻ ۾ اهم ثابت ٿي هن چيو ته اسان ان سلسلي ۾ سعودي عرب ۽ ترڪيه جي دور انديش قيادت جي قيمتي خدمتن ۽ نمايان ڪردار جا پڻ خاص طور تي ٿورا ادا ڪريون ٿا وزيراعظم چيو ته معاهدي تي پهچڻ کانپوءِ ثالث هن هفتي ڪيترين ئي ملاقاتون ڪندا انهن شروعاتي ڳالهين وسيلي فني سطح جي ڳالهه ٻولهه ۽ معاهدي تي باضابطه صحيحن جي تقريب جي لاءِ بنياد فراهم ٿيندو وزيراعظم شهباز شريف آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ امن معاهدي کي عالمي امن لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل قرار ڏيندي چيو آهي ته هن تاريخي امن معاهدي تي صحيحن جي باضابطه تقريب جمعي ڏينهن 19 جون تي جنيوا ۾ پاڪستان جي ميزباني ۾ منعقد ٿيندي هي صرف ٻن ملڪن جي وچ ۾ هڪ معاهدو ناهي پر امن ۽ ڳالهين جي طاقت جي فتح ۽ سفارتڪاري جي ڪاميابي آهي هن امن معاهدي جي نتيجي ۾ عالمي معاشي استحڪام جا ثمر پنهنجي گڏيل ڪوشش ۽ صلاحيتن کي ڪتب آڻيندي هر پاڪستاني تائين پهچائينداسين هن جنگ جا شعلا وسائڻ ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير غير معمولي ڪردار ادا ڪيو وزيراعظم اهڙن خيالن جو اظهار سومر ڏينهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران امن معاهدي طئه ٿيڻ جي اعلان کانپوءِ قومي اسيمبلي کي خطاب ڪندي ڪيو وزيراعظم شهباز شريف چيو ته الله تعاليٰ جي وڏي فضل ۽ ڪرم سان اڄ دنيا امن جي هڪ تاريخي سنگ ميل کي پار ڪيو آهي جنگ جي ڪاري رات کانپوءِ الحمد الله امن جو سج اڀري چڪو آهي ۽ ٽن مهينن ۽ سورهن ڏينهن جي وڏين آزمائشن کانپوءِ آمريڪا ۽ ايران لبنان سميت سڀني محاذن تي فوجي ڪارروايون جي فوري ۽ مستقل خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي وزيراعظم چيو ته هن تاريخي امن معاهدي تي صحيحن جي باضابطه تقريب جمعي 19 جون تي جنيوا ۾ منعقد ٿيندي ان تقريب جي ميزباني پاڪستان ڪندو هن چيو ته جنگ جي وڌندڙ شعلن شعلن کي روڪڻ ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ اسان جي مخلصانين ڪوشش کي الله تعاليٰ پنهنجي ڪمال مهرباني سان پذيرائي بخشي ۽ دنيا ۾ پاڪستان کي جيڪو عزت ۽ وقار عطا ڪيو آهي قومون صدين تائين ان جي ڳولا ۾ هونديون آهن اڄ الله تعاليٰ پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام کي جيڪا عزت ڏني آهي ان جو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي هن پاڪستاني قوم ۽ پوري عالمي برادري کي ان ڪاميابي تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته آئون قومي اسيمبلي جي ميمبرن (حڪومت ۽ مُخالف ڌُر) کي به مبارڪباد ڏيان ٿو آئون پنهنجي اڳواڻ محمد نواز شريف جو به ٿورائتو آهيان جنهن جي رهنمائي مون کي هر وقت حاصل رهي آهي وزيراعظم چيو ته آئون صدر آصف علي زرداري، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پارٽي اڳواڻن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو جن جي ڀرپور مدد مون کي حاصل رهي هن چيو ته هي صرف ٻن ملڪن جي وچ ۾ هڪ معاهدو ناهي

بقايا 5 شهيد

عبدالله ۽ پاڪ بحريه جي ليفٽيننٽ طه عباسي شهادت جو رتبو ماڻيو سومر ڏينهن آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب حادثي جي سبب جو تعين ڪرڻ لاءِ ايئر هيڊ ڪوارٽرز طرفان جاچ لاءِ هڪ بورڊ جوڙيو ويو آهي چيف آف آرمي اسٽاف چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سروسز چيفس ۽ پاڪستان جي هٿيارٻند فوج جي سمورن آفيسرن ۽ جوانن ان افسوسناڪ سانحي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي ۽ شهيدن جي خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو

بقايا 6 طلب

ڪاتي وضاحت ڪئي ته لاڳاپيل ادائيگين جا ڪيس سموري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اڪائونٽنٽ جنرل جي آفيس ڏانهن موڪليا ويا آهن هن صورتحال تي چيف جسٽس سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي اڪائونٽنٽ جنرل خيبر پختونخوا کي 17 جون تي عدالت ۾ طلب ڪري ورتو ته جيئن ادائيگين ۾ دير جا سبب عدالت آڏو پيش ڪري سگهجن واضح رهي ته سي پي اين اي صوبي جي حڪومت طرفان اخبارن کي واجب الادا بقايائن جي وصولي لاءِ 2022ع ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي هئي

بقايا 7 ملاقات

اسيمبلي ميمبرن وزيراعظم جي عالمي امن قائم ڪرڻ جي لاءِ ڪامياب ڪوشش تي کيس خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته وزيراعظم جي قيادت ۾ سائي جهنڊي کي تاريخي عزت ملي ۽ پاڪستان جو نالو عالمي دنيا ۾ بلند ٿيو وزيراعظم قومي اسيمبلي ميمبرن جي جذبن جي آجيان ڪئي اسيمبلي ميمبرن ان عزم جو اظهار ڪيو ته اهي قومي مفادن جي تحفظ ۽ ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جي ايجنڊا جي تڪميل لاءِ وزيراعظم جي قيادت ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا رهندا ملاقاتن ۾ عوامي معاملن واري يونٽ بابت وفاقي وزير رانا مبشر اقبال ۽ خاص معاون طلحه برڪيءَ پڻ شريڪ هئا

بقايا 8 مراد علي شاهه

مذاڪرات ذريعي ئي ممڪن آهي ۽ اهو معاهدو خطي ۾ ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو سيد مراد علي شاهه چيو ته امن استحڪام ۽ باهمي احترام تي ٻڌل سفارتڪاري عالمي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جو سڀ کان مؤثر طريقو آهي هن امن معاهدي جي ڪاميابي لاءِ ڪردار ادا ڪندڙ سمورين قيادتن ۽ سفارتي ٽيمن کي خراج تحسين پيش ڪيو وڏي وزير چيو ته پاڪستان هميشه ڳالهين، مفاهمت ۽ پرامن حل جي حمايت ڪئي آهي ۽ هي امن معاهدو ان سوچ جي ڪاميابي جو عڪاس آهي هن وڌيڪ چيو ته صدر مملڪت آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيل معاهدي کي ڪامياب بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

بقايا 9 ڪاشف سعيد شيخ

آمريڪا امن معاهدي کان پوءِ تيل جي عالمي مارڪيٽ ۾ متوقع استحڪام جي پسمنظر ۾ پيٽروليم اسمن جي اگهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 200 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪري مهانگائي کان متاثر عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي اهڙن خيالن جو اظهار هن صوبائي دفتر ۾ مختلف وفدن سان ملاقات دوران ڪيو سندس وڌيڪ چوڻ هو ته الله تعاليٰ اسلامي جمهوريه ايران ۽ ان جي عوام کي سرخرو، جڏهن ته دنيا جي واحد سپر پاور هجڻ جي دعويدار آمريڪا جي غرور کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي آمريڪا طاقت جي نشي ۽ ڪوڙن الزامن جي بنياد تي عراق، افغانستان ۽ ايران خلاف جارحاڻيون پاليسيون اختيار ڪيون جن جي نتيجي ۾ انهن ملڪن کي سخت تباهيءَ کي منهن ڏيڻو پيو ۽ لکين بيگناهه ماڻهو مارجي ويا اهڙيءَ ريت آمريڪا جي سرپرستي هيٺ ناجائز يهودي رياست اسرائيل فلسطين، شام لبنان ۽ ايران تي حملا ڪري تاريخ جا بدترين جنگي ڏوهه ڪيا، جڏهن ته فلسطيني عوام خلاف ظلم ۽ ستم جو سلسلو اڄ به جاري ۽ غزه ۾ سنگين جنگي ڏوهن جو ارتڪاب ڪيس پر گڏيل قومن جي اداري ۽ انساني حقن جي عالمي تنظيمن سميت سموري دنيا خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪيو

بقايا 10 ڊاڪٽر علي مير

جي ضرورت تي زور ڏنو اهي مطالبا پاپوليشن ڪائونسل ۽ يو اين ايف پي اي جي گڏيل سهڪار سان منعقد ڪيل ميڊيا ڪوليشن اجلاس ۾ سامهون آيا، جنهن ۾ ملڪ جي مختلف علائقن مان ميڊيا نمائندن پاليسي ماهرن ۽ ترقياتي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي پاپوليشن ڪائونسل جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڊاڪٽر علي مير پنهنجي افتتاحي خطاب ۾ چيو ته صحت ۽ تعليم تي خرچ دراصل ملڪ جي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي هن بنيادي سطح تي خانداني منصوبه بندي جون خدمتون فراهم ڪندڙ نظام خاص طور تي ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته ٻارن جي جنم ۾ مناسب وقفو ماءُ ۽ ٻار جي بهتر صحت لاءِ ضروري آهي ۽ اهو اسلامي تعليمات سان پڻ هم آهنگ آهي پاپوليشن ڪائونسل جي مئنيجر ڪميونيڪيشن اڪرام الاحد پنهنجي پريزنٽيشن ۾ نشاندهي ڪئي ته پاڪستان جي آبادي لڳ ڀڳ 2.5 سيڪڙو ساليانو شرح سان وڌي رهي آهي جڏهن ته آبادي ۽ خانداني منصوبه بندي جي شعبي تي سرڪاري خرچ علائقي جي ڪيترن ئي ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهن هن چيو ته قومي هدفن جي حاصلات لاءِ انگن اکرن ۽ ثبوتن جي بنياد تي پاليسي سازي ۽ لاڳاپيل ادارن جي جوابدهي واري نظام کي مضبوط بڻائڻ ضروري آهي

بقايا 11 اظهار

ڪيو آهي سومر ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر شهيدن جي بلند درجن جي لاءِ دعا ڪئي ۽ فلائيٽ ليفٽيننٽ محمد قاسم عبدالله ۽ ليفٽيننٽ طحٰ عباسي جي خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ پوئين کي صدمو برداشت ڪرڻ جي همٿ ۽ انهن کي صبر ۽ جميل عطا فرمائي صدر چيو ته قوم پنهنجي بهادر جوانن جُون قربانيُون سدائين ياد رکندي، جن پنهنجُون قيمتُون جانيُون ملڪ جي دفاع لاءِ نڇاور ڪري ڇڏيُون ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف مردان ويجهو پاڪ فضائيه جي تربيتي جهاز جي حادثي ۾ فلائيٽ ليفٽيننٽ محمد قاسم عبدالله ۽ پاڪستان نيوي جي ليفٽيننٽ طحٰ عباسي جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم شهيدن جي بلند درجن جي لاءِ دعا ڪئي ۽ فلائيٽ ليفٽيننٽ محمد قاسم عبدالله ۽ ليفٽيننٽ طحٰ عباسي جي خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ سوڳوار خاندانن کي صدمو برداشت ڪرڻ جو حوصلو ۽ صبر عطا فرمائي هن چيو ته وطن جي دفاع جي لاءِ پاڪستان جي هٿيارٻند فوج جي پيشيوارانه مهارت بيمثال آهي

بقايا 12 سيد غلام مصطفيٰ شاهه

اسيمبلي جي قاعدن ۽ ضابطن موجب ايوان ۾ چيئر جي اجازت کان سواءِ ڪنهن به علائقائي ٻولي ۾ ڳالهه نٿي ٿي سگهي، ميمبر صرف ۽ اردو يا انگريزي ٻولي ۾ تقرير ڪري سگهي ٿو

بقايا 13 حڪم

جي خريداري جي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته هو صارفين کي هٽرادو ڪوٽ ۽ قيمتن ۾ ڦيرڦار کان بچائڻ لاءِ مارڪيٽ جي استحڪام کي يقيني بڻائي اجلاس ۾ ايڪسائيز وارو وزير مڪيش ڪمار چاولا، خوراڪ وارو وزير مخدوم محبوب الزمان آبپاشي وارو وزير جام خان شورو، وڏي وزير جو صلاحڪار گيانچند ايسراڻي، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جيلاني، سيڪريٽري خوراڪ نائيج ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي بريفنگ دوران وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ويو ته 26-2025 جي فصل لاءِ ڪڻڪ جي خريداري پهرين اپريل 2026 کان شروع ٿي چڪي آهي صوبائي حڪومت امدادي قيمت 3,500 رپيا في 40 ڪلوگرام مقرر ڪئي آهي ۽ 50 ڪلوگرام واري ٻوري تي 60 رپيا باردانو جي ادائيگي جي منظوري ڏني آهي سنڌ ويهٽ گروئرز سپورٽ پروگرام 2025 تحت ڪل 332,090 آبادگارن کي اهل قرار ڏنو ويو هو 10 لک ميٽرڪ ٽن جي هدف جي مقابلي ۾ خوراڪ کاتي 12 جون تائين صرف 81,348.61 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪئي هئي. ان تي، وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ پاسڪو (PASCO) کان اٽڪل 200,000 ٽن ڪڻڪ خريد ڪئي وڃي اجلاس ۾ وڏي وزير جي صدارت هيٺ 6 مئي تي ٿيل اجلاس دوران جاري ڪيل هدايتن تي ضلعي انتظاميا ۽ خوراڪ کاتي پاران گڏيل طور تي خانگي ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي ڊويزن وار ڪيل جائزي جو جائزو ورتو ويو جائزي مان معلوم ٿيو ته سڄي سنڌ ۾ ڪل 588,512 ميٽرڪ ٽن خانگي ڪڻڪ جو اسٽاڪ موجود آهي سروي موجب، ڪراچي ۾ 159,577 ميٽرڪ ٽن، حيدرآباد ۾ 39,244 ميٽرڪ ٽن، ميرپورخاص ۾ 4,676 ميٽرڪ ٽن شهيد بينظير آباد ۾ 23,971 ميٽرڪ ٽن، سکر ۾ 219,760 ميٽرڪ ٽن ۽ لاڙڪاڻي ۾ 141,284 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جو اسٽاڪ موجود هو صورتحال جو جائزو وٺندي وڏي وزير مراد علي شاهه صارفين جي تحفظ، آبادگارن کي مناسب معاوضو ڏيڻ ۽ خوراڪ جي تحفظ کي برقرار رکڻ لاءِ ڪيترين ئي هدايتون جاري ڪيون وڏي وزير خوراڪ کاتي کي 177,040 ميٽرڪ ٽن مقامي ڪڻڪ جي خريداري جا امڪان ڳولڻ جي پڻ هدايت ڪئي هن پاسڪو کان 200,000 ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ تي به غور ڪيو جيڪا هن وقت سنڌ ۾ آن جي گودامن ۾ ذخيرو ٿيل آهي متوازن طريقي جي ضرورت تي زور ڏيندي، شاهه صاحب خوراڪ ۽ زراعت جي کاتن کي هدايت ڪئي ته اهي ڪڻڪ جي آبادگارن ۽ صارفين ٻنهي جي مفادن جو تحفظ ڪن اهو يقيني بڻائي ته هارين کي مطلع ٿيل امدادي قيمت ملي جڏهن ته اٽي جي قيمتن ۾ غير ضروري واڌ کي روڪيو وڃي وڏي وزير چيو ته سنڌ جي عوام کي ذخيرو اندوزن ۽ هٽرادو قيمتن وڌائيندڙن جي رحم ۽ ڪرم تي نٿو ڇڏي سگهجي اسان پنهنجي ڪڻڪ جا ذخيرا محفوظ ڪنداسين، قيمتون مستحڪم ڪنداسين ۽ آبادگارن توڙي صارفين ٻنهي جو تحفظ ڪنداسين

بقايا 14 گيانچند ايسراڻي

۽ باهمي تعاون جي فروغ لاءِ هڪ اهم قدم آهي هن پاڪستان جي سفارتي ڪوشش ۽ امن لاءِ ادا ڪيل ڪردار کي ساراهيندي چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي دانشمندانه قيادت ۽ اثرائتين سفارتي ڪوششن کي واکاڻ جوڳو قرار ڏنو وڃي ٿو گيانچند ايسراڻي چيو ته خطي ۾ پائيدار امن استحڪام ۽ ترقي لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جو رستو ئي سڀ کان بهتر ۽ مؤثر حل آهي هن وڌيڪ چيو ته عالمي برادري کي امن جي قيام، تڪرارن جي پرامن حل ۽ انساني جانين جي تحفظ لاءِ گڏيل ڪوشش جاري رکڻ گهرجن گيانچند ايسراڻي اميد ظاهر ڪئي ته هي معاهدو نه رڳو آمريڪا ۽ ايران جي لاڳاپن ۾ بهتري آڻيندو پر سڄي خطي ۾ امن استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ پڻ مثبت اثر ڇڏيندو

بقايا 15 انعام

حبيب الله ڊي ايس او ڦريد علي ۽ سيد اسماعيل شاهه ايس او علي ڏنو گوپانگ سميت ٻين آفيسرن رانديگرن ۽ شوقينن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر ڪامياب رانديگرن ۽ ٽيمن ۾ ٽرافيون ميڊلز ۽ روڪ انعام ورهايا بوائز اوپن ڪيٽيگري ۾ نمير شمسي ۽ عذير احمد شاندار راند جو مظاهرو ڪندي ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪيو جڏهن ته ريان يونس ۽ عبدالله شيراز رنر اپ رهيا وومنز ڪيٽيگري ۾ تعاليا زمان ۽ سائره عمر پهرين پوزيشن حاصل ڪئي جڏهن ته مصفره زاهد ۽ صائمه طلحه رنر اپ قرار ڏنيون وين راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر ٻڌايو ته چيمپيئن شپ لاءِ مجموعي طور 10 لک رپين جي انعامي رقم مختص ڪئي وئي هئي جيڪا مختلف ڪيٽيگريز ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن ۽ ٽيمن ۾ ورهائي وئي هن چيو ته اوپن ڪيٽيگري ۾ فاتح ٽيم کي 3 لک رپيا جڏهن ته رنر اپ ٽيم کي 2 لک رپين جو روڪ انعام ڏنو ويو منور علي مهيسر موجب چيمپيئن شپ ۾ بوائز جون 32 ۽ وومنز جون 16 ٽيمون شريڪ ٿيون جڏهن ته ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ مقابلن دوران رانديگرن اعليٰ صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو ۽ شوقينن کي انتهائي دلچسپ ۽ سنسني خيز مقابلا ڏسڻ لاءِ مليا هن چيو ته ايونٽ جي انعقاد جو مقصد سنڌ ۾ پيڊل راند جي واڌ ويجهه نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ راندين جي هاڪاري سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ آهي اختتامي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ڪامياب ايونٽ جي انعقاد تي سنڌ راندين کاتي جي ڪوشش کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به اهڙن مقابلن جو سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا 16 مظاهرو

الزام هنيو ته ڪمپني انتظاميا مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪري غير مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏئي رهي آهي جنهن سبب علائقي جي نوجوانن ۾ سخت بيچيني ۽ مايوسي پکڙجي رهي آهي هنن مطالبو ڪيو ته مقامي ماڻهن کي روزگار ۾ اوليت ڏني وڃي ۽ ڀرتين جي عمل کي شفاف بڻايو وڃي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته علائقي جي صنعتن ۽ وسيلن تي سڀ کان پهريون حق هتان جي رهواسين جو آهي پر افسوس جو مقامي نوجوانن کي سندن جائز حق کان محروم رکيو پيو وڃي هنن چيو ته ڪجهه ماڻهو سيڪيورٽي ۽ انتظامي سهڪار جي نالي تي انتظاميا کان فائدا وٺي مزدورن جي حقن جي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن پر اڄ جو ڌرڻو انهن سڀني دعوائن ۽ روين تي هڪ چٽو جواب آهي مقررن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مقامي ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ ۽ سندن جائز مطالبن کي تسليم ڪرڻ لاءِ عملي قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ڌرڻي دوران مظاهرين نعريبازي ڪئي ۽ ڪمپني انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته مقامي سنڌي نوجوانن جي ڀرتي لاءِ فوري طور پاليسي جو اعلان ڪيو وڃي احتجاج ۽ ڌرڻي سبب ڪجهه وقت لاءِ ڪمپني جي مرڪزي گيٽ وٽ معمول جون سرگرميون متاثر رهيون جڏهن ته مظاهرين پنهنجي مطالبن جي مڃتا تائين جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو

بقايا 17 بجيٽ پيش

ڏهون ڀيرو سنڌ جي بجيٽ پيش ڪندي جنهن لاءِ ناڻي کاتي لاڳاپيل کاتن کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي بجيٽ جي حتمي منظوريءَ لاءِ ساڳئي ڏينهن سنڌ ڪابينا جو اجلاس به طلب ڪيو ويو آهي نئين مالي سال جي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 10 سيڪڙو مزدورن جي اجرت ۾ 20 سيڪڙو ۽ پينشن ۾ 8 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان آهي صوبائي ترقياتي بجيٽ جو حجم تقريبن 800 ارب رپيا رکڻ جو امڪان آهي جنهن ۾ موسمياتي تبديلي صحت ۽ تعليم جي منصوبن کي خاص اهميت ڏني ويندي اسيمبلي ۾ بجيٽ تي 5 ڏينهن تائين بحث جاري رهندو

بقايا 18 علامه مبشر حسن

۽ يزيدي فڪر جي وچ ۾ واضح فرق پيدا ڪيو آهي هن چيو ته محرم الحرام دوران عزاداري جي پروگرامن مجلسن ۽ جلوسن لاءِ فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي ته جيئن شرپسند عنصرن کي ڪنهن به قسم جي تخريبڪاري جو موقعو نه ملي مرڪزي جلوسن جي داخلي ۽ خارجي رستن تي واڪ ٿرو گيٽ لڳايا وڃن ۽ اضافي پوليس نفري مقرر ڪئي وڃي علامه مبشر حسن چيو ته صوبي جي مختلف ضلعن ۾ وحدت اسڪائوٽس جا نوجوان ضلعي انتظاميا سان گڏجي جلوسن جي سيڪيورٽي ۽ انتظامن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا هن چيو ته ڪراچي ۾ بلدياتي مسئلن تي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. ايامِ عزا دوران مجلسن ۽ جلوسن جي رستن جي صفائي سڙڪن جي مرمت، اسٽريٽ لائيٽن جي بحالي ۽ بنا رڪاوٽ بجلي جي فراهمي لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي هن ڪي اليڪٽرڪ تي تنقيد ڪندي چيو ته ادارو اڳ وانگر سبيلن لاءِ ميٽر فراهم نٿو ڪري ۽ عزادارن سان گهربل سهڪار نٿو ڪري هن مطالبو ڪيو ته خاص طور تي محرم الحرام دوران سڄي صوبي ۾ لوڊشيڊنگ ختم ڪري بنا تعطل بجلي فراهم ڪئي وڃي مجلس وحدت المسلمين جي اڳواڻ چيو ته ڪراچي جي تعمير ۽ ترقي لاءِ گڏيل جدوجهد جي دعويٰ ڪندڙ وڏيون سياسي جماعتون ئي شهر جي موجوده تباهي جون ذميوار آهن پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ڏهاڪن عرصي تائين اقتدار ۾ رهيون پر انتظامي نااهلي ۽ عوامي مسئلن کان لاپرواهي سبب روشنين جو شهر پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويٺو آهي هن چيو ته سمورا لائسنس يافته ۽ روايتي جلوس اڳ وانگر مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ڪڍيا ويندا. رواداري ڀائيچارو ۽ هڪ ٻئي جي عقيدن جو احترام اسلام جي بنيادي تعليمات جو حصو آهن تنهن ڪري عالمن کي به احتياط ۽ ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي علامه مبشر حسن ڪجهه ضلعن ۾ معتدل شيعه عالمن ۽ ذاڪرن جي داخلا تي پابندين جي مذمت ڪندي چيو ته اهي شخصيتون هميشه وحدت، اخوت ۽ بين المذاهب هم آهنگي جو پيغام ڏينديون رهيون آهن ۽ اهل تشيع سان گڏ اهل سنت به انهن جو احترام ڪن ٿا اهڙيون پابنديون تعصب تي ٻڌل آهن ۽ انهن جو مقصد انتهاپسند گروهن کي خوش ڪرڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ ايف آءِ آر جي سياست ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ عزاداري کي روڪڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ هر حربو ناڪام ٿيندو پريس ڪانفرنس ۾ علامه صادق جعفري، علامه ملڪ غلام عباس، سيد رضي حيدر رضوي، محمد ميان زيدي، زين جعفري، علي نير ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا

بقايا 19 فرانسيسي صدر

بڻائڻ انتهائي ضروري آهي اهڙن ذخيرن کي بين الاقوامي ائٽمي توانائي ايجنسي جي سخت نگراني هيٺ رکيو وڃي ميڪرون آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيل معاهدي کانپوءِ بيان ڏيندي چيو ته اسان يقيني بڻائينداسين ته باقي بچيل يورينيم کي مناسب طريقي سان غير اثرائتو بڻايو وڃي هن تجويز ڏني ته حساس مواد کي يا ته ايران کان ٻاهر منتقل ڪيو وڃي يا ان کي ڪمزور ڪري مڪمل طور تي بين الاقوامي ايجنسي جي نگراني حوالي ڪيو وڃي ٻئي پاسي سي اين اين پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ آمريڪي انٽيليجنس ذريعن جي حوالي سان دعويٰ ڪئي آهي ته ايران اصفهان جي ائٽمي ڊاڪ ۾ موجود ڪجهه سرنگهن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ اعليٰ سطحي جي رچايل يورينيم تائين پهچ روڪڻ لاءِ انهن سرنگهن جا داخلي رستا بارودي مواد سان بند ڪري ڇڏيا آهن جنهن ڪري انهن مواد تائين پهچڻ وڌيڪ ڏکيو ۽ خطرناڪ ٿي ويو آهي هن رپورٽ تي ايران يا آمريڪا طرفان ڪو به باظابطا ردعمل سامهون نه آيو آهي. جڏهن ته ايران جو چوڻ آهي ته جنگ بندي جي معاهدي تي صحيحن کانپوءِ ائٽمي پروگرام ۽ يورينيم ذخيرن بابت ڳالهين جو ٻيو مرحلو شروع ٿيندو

بقايا 20 ٽرمپ

سان ڀريل بحري جهازن جي آبناءِ هرمز مان روانگي شروع ٿي وئي آهي ٽروٿ سوشل تي جاري ڪيل بيان ۾ آمريڪي صدر چيو ته "اهي جهاز هاڻي ڏاکڻي رستي وٽان گذري رهيا آهن، جيڪو مڪمل طور محفوظ، اعتماد جوڳو ۽ شفاف لنگهه آهي"

بقايا 21 حنيف عباسي

۽ عالمي برادري لاءِ مثبت ۽ ساراهه جوڳو قرار ڏيندي پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو آهي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش جو عالمي سطح تي اعتراف انتهائي تحسين جوڳو آهي پاڪستان هميشه امن استحڪام ۽ تعميري سفارتڪاري کي هٿي ڏيڻ ۾ مثبت ڪردار ادا ڪيو ۽ موجوده قيادت جي ڪوشش ملڪ جي مثبت سڃاڻپ ۽ سفارتي وقار کي وڌيڪ مستحڪم ڪيو آهي. وفاقي وزير جو چوڻ هو ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جي ڪاميابي، سفارتڪاري ۽ ڳالهين جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿي ۽ مفاهمت سان خطي ۾ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ايندي ۽ اقتصادي سرگرمين، واپار سيڙپڪاري ۽ علائقائي رابطاڪاري جي منصوبن کي هٿي ملندي

بقايا 22 ملاقات

پارليامينٽ هائوس ۾ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ هن ايران آمريڪا امن معاهدي تي ايراني قيادت ۽ عوام کي مبارڪون ڏنيون قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب اسپيڪر ايران آمريڪا وچ ۾ امن معاهدي جي آجيان ڪندي چيو ته معاهدو خطي ۾ امن استحڪام ۽ گڏيل اعتماد کي هٿي وٺائڻ طرف اهم اڳڀرائي ۽ همٿائيندڙ قدم آهي ايران آمريڪا امن معاهدو عالمي ۽ علائقائي سطح تي امن جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ايراني سفير ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ امن معاهدي لاءِ پاڪستان جي حڪومت، پارليامينٽ ۽ سفارتي قيادت جي ڪوشش کي ساراهيو پاڪستان جي پارليامينٽ ۽ عسڪري قيادت کي ايران آمريڪا امن معاهدي لاءِ ڪامياب سفارتڪاري تي مبارڪون ڏنيون ايران جي سفير ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ بندي ۽ امن معاهدي جي حاصلات ۾ پاڪستان جي سياسي پارليامانی سفارتي ۽ عسڪري قيادت جي ڪوشش کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو

بقايا 23 ايران

سوئٽزرلينڊ ۾ ڪيون وينديون ايراني سرڪاري ٽي وي سان ڳالهائيندي ڪاظم غريب آبادي هڪ ڀيرو ٻيهر آمريڪا تي بي اعتمادي جو اظهار ڪندي چيو ته "تهران آمريڪي واعدن ۽ ذميوارين تي عملدرآمد جي ڪڙي نگراني ڪندو" هن چيو ته "گڏريل رات اسرائيل جي بيروت تي حملي کانپوءِ ايران طرفان اسرائيل ۽ آمريڪا کي ڏنل ڌمڪين معاهدي جي متن کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ ڪجهه تڪراري معاملن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي" نائب پرڏيهي وزير موجب، ايران کي اميد آهي ته ڳالهيون 60 ڏينهن جي عرصي ۾ مڪمل ٿي وينديون ان عرصي دوران ايران تي مڙهيل سمورين پابندين جي خاتمي ۽ ملڪ جي ائٽمي پروگرام بابت عالمي ٺهرائن تي ڳالهه ٻول ڪئي ويندي. ڪاظم غريب آبادي وڌيڪ چيو ته "جنگ کانپوءِ معاشي بحالي ۽ نئين سر اڏاوت وارو معاملو به انهن 60 ڏينهن دوران ٿيندڙ ڳالهين جو اهم حصو هوندو"

بقايا 24 ناڻي وزير

چيو آهي ته امن معاهدو خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ وارين سفارتي ڪوششن جي ڪاميابي جو اظهار آهي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سروس لانگ مارچ ٽائرز لميٽيڊ جي لسٽنگ جي موقعي تي منعقد تقريب کي ورچوئل خطاب ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اعتماد ۽ ڀروسي سان گڏوگڏ ٺاهوڪڙي واري عمل ۾ مسلسل مخلصاڻيون ۽ اڻٿڪ ڪوششون ڪيون ۽ ان عمل کي ڪاميابي تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ناڻي واري وزير چيو ته ڳالهين کي هٿي وٺائڻ ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي ڪوششن جي حمايت ۾ پاڪستان جو ڪردار خطي ۾ امن جي قيام لاءِ هڪ تعميري ۽ ذميوار حصيدار طور ان جي حيثيت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي هي اڳڀرائي سفارتڪاري، هاڪاري رابطن ۽ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ پاڪستان جي عزم جي عڪاس آهي وزيراعظم پاران هلندڙ هفتي مفاهمتي يادداشت تي صحيحن جي اعلان جو حوالو ڏيندي ناڻي واري وزير چيو ته هن اڳڀرائي جا پاڪستان جي معيشت ۽ وسيع تر علائقائي استحڪام تي مثبت اثر پوندا هن چيو ته گذريل 3 مهينن دوران پاڪستان ان تڪرار جي فوري معاشي اثرن جو موثر انداز ۾ مقابلو ڪيو ۽ ان ڳالهه تي اعتماد جو اظهار ڪيو ته هي معاهدو امڪاني ثانوي ٺاهوڪڙي معاشي اثرن جي حوالي سان موجود ڳڻتي ۾ به گهٽتائي آڻيندو ناڻي واري وزير چيو ته توانائي جي بنيادي ڍانچي ۾ پيدا ٿيل رڪاوٽن کي مڪمل طور معمول تي آڻڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو جڏهن ته معاهدو معاشي سرگرمين جي امڪانن کي بهتر بڻايو آهي ۽ ايندڙ مالي سال لاءِ حوصلا افزا معاشي موقعا پيدا ڪيا آهن ناڻي واري وزير پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي انتظاميه ۽ بورڊ کي شاندار ڪارڪردگي تي مبارڪون ڏنيون ۽ سيڙپڪارن خاص ڪري نوجوان سيڙپڪارن جي وڌندڙ شرڪت کي ساراهيو جيڪي وڏي انگ ۾ مارڪيٽ جو رخ ڪري رهيا آهن هن چيو ته سروس لانگ مارچ ٽائرز لميٽيڊ جي لسٽنگ پاڪستان جي مالياتي مارڪيٽن لاءِ هڪ ٻيو سنگ ميل آهي هن نشاندهي ڪئي ته موجوده مالي سال دوران ملڪ ۾ 11 شروعاتي آءِ پي اوز سامهون آيا، جيڪو تقريبن ٻن ڏهاڪن ۾ سڀ کان وڌيڪ انگ آهي ناڻي واري وزير چيو ته ڪنهن به معيشت تي اعتماد جو سڀ کان مضبوط اظهار هن وقت سامهون اچي ٿو جڏهن سيڙپڪار پنهنجي سيڙپ لڳائڻ جو فيصلو ڪن ٿا. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ وڌندڙ سيڙپڪاري ملڪ جي معاشي رخ تي اعتماد ۾ واڌ جي عڪاس آهي سروس لانگ مارچ ٽائرز لميٽيڊ بابت ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته هو ان منصوبي جي شروعاتي مرحلي کان ان سان لاڳاپيل آهي ۽ ان کي صنعتي تعاون ۽ روانگي واپار تي ٻڌل سيڙپڪاري جي هڪ ڪامياب مثال قرار ڏنو

بقايا 25 شروع

لکين رپيا جوا کيڏيا پيا وڃن گهٽين ۾ قائم گيم شاپن ۾ اسڪول جي ٻارن کان وٺي نوجوانن تائين وڏي تعداد ۾ ماڻهو ڏسي سگهجن ٿا جڏهن ته ڪجهه حلقن پاران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي لاپرواهي ۽ سرپرستي جا الزام به لڳايا پيا وڃن ذريعن جو دعويٰ آهي ته هن ڪاروبار سان لاڳاپيل عنصرن هڪ منظم نيٽ ورڪ قائم ڪيو آهي جنهن ذريعي وڏي پيماني تي پئسن جي ٽرانزيڪشن ڪئي پئي وڃي شهري چون ٿا ته جيڪڏهن هن غير قانوني سرگرمي خلاف فوري ڪارروائي نه ڪئي وئي ته نوجوان نسل کي وڌيڪ تباهي ڏانهن ڌڪيو ويندو شهر ۾ منشيات، آئس، هيروئن، چرس، آفيس گٽڪو ماوا جوا ۽ شرط کان پوءِ هاڻي ڊجيٽل جوا جي وڌندڙ رجحان شهرين خاص طور تي نوجوان نسل جي مستقبل بابت نوان خدشا پيدا ڪيا آهن. ذريعن موجب، ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ "مڇلي گيم" جي نالي سان مشهور ڊجيٽل گيم ذريعي روزانو لکين جيڪڏهن ڪروڙين نه ته شرط لڳايا پيا وڃن. مقامي ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪورنگي ضلعي ۽ ان جي آس پاس جي گهٽين ۾ ڪيترائي گيم شاپ قائم ڪيا ويا آهن جتي اسڪول ويندڙ ٻار ۽ نوجوانن سميت مختلف عمر جا ماڻهو گيم ۾ حصو وٺندا آهن ذريعن موجب، اهي سرگرميون رحيم آباد، نورائي بستي، چار پول، ايس ٽي 18، سيڪٽر 50/اي، يو سي 8، ڪورنگي نمبر 2 ڪشتي ولي بلڊنگ، ناصر ڪالوني، پٽي ڪالوني، سيڪٽر 51/ سي، لانڍي 6 خواجه چورنگي ۽ ٻين علائقن ۾ جاري آهن ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته زين ٻٽ نالي هڪ شخص هن نيٽ ورڪ کي منظم ڪرڻ ۾ ملوث آهي جڏهن ته ان حوالي سان ڄاڻايل شخص جو موقف ظاهر نه ٿي سگهيو آهي ان کان علاوه، ڪجهه ذريعن جو چوڻ آهي ته ڊجيٽل گيم مشينون ڪورنگي چورنگي اسٽاپ علائقي ۾ واقع هڪ ويئر هائوس ۾ تيار ڪيون وينديون آهن جنهن جي قيمت في مشين 700,000 لک رپيا لڳ ڀڳ ٻڌائي پئي وڃي. ذريعن موجب هڪ راند ۾ چار يا وڌيڪ ماڻهو حصو وٺندا آهن

بقايا 26 باهه

جي حامين پاران روڊن تي نڪري جشن ملهائڻ دوران پيش آيو جشن ۾ شريڪ ماڻهن آتش بازي ڪئي ۽ نعرا هڻي پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو جڏهن ته ان دوران ئي صورتحال خراب ٿيڻ شروع ٿي ۽ افراتفري ٿيڻ کانپوءِ ورلڊ ڪپ جي مداحن کي کڻي ويندڙ هڪ بس کي باهه لڳي وئي جڏهن ته اهو به چيو ٿو وڃي ته باهه لڳائي وئي. اهڙي طرح نوجوان گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيو نيويارڪ نڪس 1973 کانپوءِ پهرين ڀيرو اها چيمپيئن شپ کٽي ۽ ٽيون ڀيرو فائنل ۾ پهتي هئي ان کان اڳ هو 1994 ۽ 1999 ۾ فائنل ۾ پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي پر هڪ ڀيرو سين انٽونيو سپرز ۽ ٻيو ڀيرو هوسٽن راڪٽس تان هارائجي وئي هئي

بقايا 27 وڏو وزير

ناصر حسين شاهه ضياءُ الحسن لنجار ۽ رياض حسين شاهه شيرازي، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جاويد عالم اوڍو صوبائي سيڪريٽرين سي اي او واٽر بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل اختياريرين شرڪت ڪئي. مذهبي برادري جي نمائندن جن ۾ جعفريا الائنس جا اڳواڻ - علامه باقر حسين زيدي، سيد شبر رضا زيدي، سيد نديم حيدر، حسن صغير عبدي، سيد علي صداقين ۽ ٻين عالمن پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ محرم جي انتظامن بابت پنهنجون سفارشون پيش ڪيون وڏي وزير مجلسن ۽ عزاداري جي جلوسن لاءِ سيڪيورٽي قدمن جو جائزو ورتو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته محرم الحرام دوران امن امان برقرار رکڻ ۽ عزادارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح رهندي وڏي وزير چيو ته محرم جي انتظامن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي، هن سمورن کاتن کي مڪمل طور تي الرٽ رهڻ ۽ اثرائتي رابطي کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي ان کان اڳ وڏي وزير اجلاس ۾ عالمن پاران ڏنل تجويزن کي ٻڌو ۽ انهن سڀني کي پلان ۾ شامل ڪيو مراد علي شاهه ڪي-اليڪٽرڪ، حيسڪو ۽ سيپڪو کي هدايت ڪئي ته مجلسن ۽ جلوسن دوران بجلي جي بلاتعطل فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ مذهبي تقريبن دوران لوڊشيڊنگ کان پاسو ڪيو وڃي هن مقامي حڪومتي ادارن ۽ ميونسپل ايجنسين کي پڻ هدايت ڪئي ته جلوس جي رستن تي صفائي جي مهم مڪمل ڪن اسٽريٽ لائيٽن کي بهتر بڻائين پيئڻ جي پاڻي جي دستيابي کي يقيني بڻائين ۽ نيڪال جي نظام کي بهتر بڻائين ته جيئن عزادارن کي ڪنهن به تڪليف کان بچائي سگهجي وڏي وزير پوليس ۽ ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته سمورن حساس هنڌن تي سيڪيورٽي جا جامع انتظام ڪن ۽ مذهبي عالمن، جلوس جي منتظمن ۽ برادري جي نمائندن سان ويجهو رابطو برقرار رکن

بقايا 28 اظهار

پاڪستان نيوي جي ليفٽيننٽ طحٰ عباسي جي شهادت تي خراج عقيدت پيش ڪيو سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ شهيدن جي خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته وطن جي حفاظت ۽ دفاع لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ اهي بهادر آفيسر قوم جا سچا هيرو آهن پوري قوم هن افسوسناڪ واقعي تي غمگين آهي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيدن کي بلند درجات ۽ خاندانن کي صدمو برداشت ڪرڻ جي همت عطا ڪري

بقايا 29 شرجيل ميمڻ

پنهنجي جاءِ تي، خدمت پنهنجي جاءِ تي، نعرن ۽ پريس ڪانفرنسن تي نه اسان عوامي خدمت تي يقين رکون ٿا. هڪ بيان ۾ هن چيو ته عوام کي جهڳڙن ۽ الزامن سان نه پر خدمت مان فائدو ملندو آهي ترقي ۽ عملي قدمن ترقياتي منصوبن ۽ عوام دوست قدمن ثابت ڪيو آهي ته پيپلز پارٽي جي سياست جو محور صرف عوامي خدمت آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪجهه ماڻهو روزانو پريس ڪانفرنسون ڪندا آهن الزام لڳائيندا آهن ۽ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ۾ مصروف هوندا آهن سنڌ حڪومت عملي قدمن ذريعي عوام جا مسئلا حل ڪري رهي آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت هميشه عوامي خدمت کي ترجيح ڏني آهي. مخالفن کي اسان جو جواب بيان بازي نه پر وڌيڪ ترقياتي منصوبا، وڌيڪ سهولتون ۽ وڌيڪ عوامي خدمت هوندو

بقايا 30 فوت

ڊي سي پل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

آڇن لاءِ دعوت

THE WORLD BANK
IBRD • IDA

ملڪ: پاڪستان
پروجيڪٽ آءِ ڊي: (P172834)
پروجيڪٽ جو نالو: ورلڊ بئنڪ فنڊيڊ سنڌ ارلي لرننگ اينهانسمنٽ ٿرو ڪلاس روم ٽرانسفارميشن، گورنمينٽ آف سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، پروجيڪٽ مينيجمينٽ اينڊ امپليمينٽيشن يونٽ (PMIU) آف ريفارم سپورٽ يونٽ (RSU).
ڪانٽريڪٽ جو عنوان: ٻن لوٽس لاءِ پرنٽنگ سروسز جي خريداري: لوٽ_1 (ضلعا ميرپورخاص، ٺٽو، ٽنڊو محمد خان، مٽياري، سڄاول، بدين) ۽ لوٽ_2 (ضلعا قمبر شهدادڪوٽ، سانگهڙ، گهوٽڪي، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور)
لون نمبر: IDA-67930
RFB ريفرنس نمبر: PK-RSU-SINDH-550147-GO-RFB

1. اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ (SE&LD)، گورنمينٽ آف سنڌ (جنهن کي بعد ۾ "قرضدار" چيو ويو آهي) ورلڊ بئنڪ کان سليڪٽ پروجيڪٽ جي قيمت لاءِ مالي مدد حاصل ڪئي آهي ۽ ان رقم جو هڪ حصو ٻن لوٽس لاءِ پرنٽنگ سروسز جي خريداري: لوٽ_1 (ضلعا ميرپورخاص، ٺٽو، ٽنڊو محمد خان، مٽياري، سڄاول، بدين) ۽ لوٽ_2 (ضلعا قمبر شهدادڪوٽ، سانگهڙ، گهوٽڪي، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور) جي ڪانٽريڪٽ تحت ادائگين لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو
2. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (SELECT) (PMIU) اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ (SE&LD)، گورنمينٽ آف سنڌ، هاڻي اهل واڪ ڏيندڙن کان ٻن لوٽس لاءِ پرنٽنگ سروسز جي خريداري: لوٽ_1 (ضلعا ميرپورخاص، ٺٽو، ٽنڊو محمد خان، مٽياري، سڄاول، بدين) ۽ لوٽ_2 (ضلعا قمبر شهدادڪوٽ، سانگهڙ، گهوٽڪي، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور) لاءِ مهربند آڇون طلب ڪري ٿو. پروجيڪٽ جي پهچائڻ جو مدو هر لوٽ لاءِ ٽي (03) مهينا مقرر ڪيو ويو آهي. ترجيح لاءِ ڪنهن به مارجن جي اجازت نه هوندي.
3. واڪ جو عمل نيشنل ڪمپيٽيٽو پروڪيورمينٽ (قومي مقابلي واري خريداري) ذريعي ريڪوئسٽ فار بڊس (RFB) کي استعمال ڪندي ڪيو ويندو جيئن ورلڊ بئنڪ جي "Procurement Regulations for IPF Borrowers" تاريخ جولاءِ 2016، نظرثاني ٿيل نومبر 2017 ۽ آگسٽ 2018 ("خريداري ضابطا") ۾ بيان ڪيل آهي، ۽ اهو سڀني اهل واڪ ڏيندڙن لاءِ کليل آهي جيئن خريداري ضابطن ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي. استعمال ٿيندڙ واڪ جو طريقو هڪ مرحلي تي هڪ لفافي آهي.
4. دلچسپي رکندڙ اهل واڪ ڏيندڙ وڌيڪ ڄاڻ پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ SELECT (PMIU)، ريفارم سپورٽ يونٽ (RSU)، اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ (SE&LD)، گورنمينٽ آف سنڌ مان حاصل ڪري سگهن ٿا، هيٺ ڏنل اي ميل ايڊريس تان ۽ آفيس جي ڪلاڪن دوران 0900 کان 1700 ڪلاڪن تائين هيٺ ڏنل پتي تي واڪ دستاويزن جو معائنو ڪري سگهن ٿا.
5. دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙ واڪ دستاويز، انگريزيءَ ۾، ريفارم سپورٽ يونٽ (RSU) جي ويب سائيٽ https://rsu-sindh.gov.pk تان مفت ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. واڪ دستاويز ڊائون لوڊ ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا به في گهربل نه هوندي.
6. آڇون هيٺ ڏنل پتي تي 02 جولاءِ 2026 تي يا ان کان اڳ شام 4:00 وڳي تائين پهچائڻ لازمي آهن. اليڪٽرانڪ آڇ جي اجازت نه هوندي. دير سان ملندڙ آڇون رد ڪيون وينديون. آڇون واڪ ڏيندڙن جي مقرر ڪيل نمائندن ۽ هر ان شخص جي موجودگيءَ ۾ عام طور تي کوليون وينديون جيڪي هيٺ ڏنل پتي تي 02 جولاءِ 2026 تي شام 4:00 وڳي شرڪت ڪرڻ چاهين ٿا.
7. سڀني آڇن سان گڏ لوٽ_1 لاءِ (PKR 8,200,000) ۽ لوٽ_2 لاءِ =/(PKR 10,000,000)جي آڇ جي رقم بئنڪ گارنٽي يا پي آرڊر/ڪال ڊپازٽ ريسيپٽ جي شڪل ۾ هر لوٽ لاءِ الڳ الڳ پروجيڪٽ جي عنوان "Sindh Early Learning Enhancement Through Classroom. Transformation" جي نالي تي هجڻ ضروري آهي. آڇون واڪ کلڻ کان پوءِ 90 ڏينهن جي مدي لاءِ ڪارآمد هونديون جيئن واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ٿيل آهي.
8. مٿي ذڪر ڪيل پتو هيٺينءَ ريت آهي:

پروجيڪٽ مينيجمينٽ اينڊ امپليمينٽيشن يونٽ (PMIU)،
ريفارم سپورٽ يونٽ, ELD, (RSU) گورنمينٽ آف سنڌ
ڌيان ڏيو: جنيد سمون، چيف پروگرام مينيجر، RSU
بلڊنگ نمبر 1/E-47، 48 اسٽريٽ، بلاڪ _ 06 پي اي سي ايڇ ايس (PECHS) نرسري،
فرسٽ فلور بورڊ_روم، شاهراهه فيصل، ڪراچي.
فون: 99334077 21 92+
اي ميل: info@rsu-sindh.gov.pk, pmiuselect.seld@gmail.com
ويب سائيٽ: https://rsu-sindh.gov.pk

INF/KRY/2450/2026

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آفيس ٽائون ڪميٽي ڪنڊيارو
ضلعو نوشهرو فيروز

No. TC/KDRO/ 761 of 2026 Dated: 01 June, 2026

نيلامي نوٽيس

ٽائون ڪميٽي ڪنڊيارو مالي سال 27_2026 لاءِ ڪچي پڙي ٽيڪس جي وصوليءَ جي حقن جي کليل نيلامي، ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ شهيد بينظير آباد (نوابشاهه) جي صدارت هيٺ، ٽائون ڪميٽي ڪنڊيارو جي آفيس ۾ هيٺ ڏنل پروگرام موجب ڪرائڻ وڃي رهي آهي.

شمار نمبر	ٽيڪس/في جو قسم	سال 25_2024 لاءِ سرڪاري آڇ	10% سيڪيورٽي ڊپازٽ	ڪوشش	تاريخ	وقت
01	ڪچي پڙي ٽيڪس	366,364	36,636	پهرين	17/06/2026	12:00
				ٻي	22/06/2026	12:00
				ٽين	25/06/2026	12:00

شرط ۽ ضابطا:

1. ڪنهن به ڊفالٽر (باقي دار) ٺيڪيدار يا ان جي ايجنٽ يا ان جي مائٽ کي کليل نيلاميءَ ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نه آهي.
2. سرڪاري آڇ جو 10% ڪال ڊپازٽ/ڊيمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ نيلامي جي ڪارروائي کان اڳ حصو وٺندڙ کان سيڪيورٽي ڊپازٽ طور ورتو ويندو.
3. مٿي ڄاڻايل ڊپازٽ جي رقم نيلامي جي ڪارروائي کان پوءِ ناڪام واڪ ڏيندڙن کي واپس ڪئي ويندي.
4. ٺيڪيدار ڪانٽريڪٽ جي معاهدي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ڪانٽريڪٽ جي رقم جي 15% جي برابر بئنڪ گارنٽي فراهم ڪندو.
5. نيلاميءَ جا ٻيا شرط ۽ ضابطا ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي آفيس جي ڪلاڪن دوران ٽائون ڪميٽي ڪنڊيارو جي آفيس ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

INF/KRY/2466/2026

ٽائون آفيسر
ٽائون ڪميٽي ڪنڊيارو

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آفيس آف دي اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو خيرپور

روانگي نمبر 842 تاريخ 11-06-2026

1. جيئن ته سنڌ صوبي ۾ حقن جي رڪارڊ جي آخري پيرو تصحيح ۽ تصديق 1986-1985 دوران سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي هئي، ان ڪان پوءِ ڪا به سرگرمي نه ڪئي وئي آهي.

2. درستگي، يقيني بڻائڻ، سالميت برقرار رکڻ، حقن جو رڪارڊ درست ڪرڻ ۽ زمين جي رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ جي مقصد سان، بورڊ آف روينيو سنڌ 28 فيبروري 2025 تي پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾ صوبي جي زمين جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني (ري رائيٽ) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جي شروعات ضلعي ۽ تعلقي خيرپور ۾ ڪئي پئي وڃي.

3. اهڙي طرح بورڊ آف روينيو سنڌ حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رڪارڊ بڻائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ذريعي آسان بڻائڻ لاءِ خاص نظرثاني (ري رائيٽ) جي سرگرمي شروع ڪئي آهي.

4. تنهن ڪري سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي، بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد 28 فيبروري 2025 تي حڪم جاري ڪيو آهي ته تعلقي خيرپور ۽ ضلعي خيرپور جي حوالي سان حقن جي رڪارڊ جي خاص نظرثاني (تصحيح ۽ تصديق) ڪئي وڃي.

5. هي تصحيح ۽ تصديق سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11)، (12) ۽ (13) تحت مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق لاڳاپيل مختيارڪار ۽ ٻين اختيارين طرفان صحيح طور تي تصديق ڪئي ويندي.

6. هيٺ ڏنل ديهه لالوشيدي تعلقي خيرپور جي ڪاتيدارن جا نالا، سروي نمبر ۽ ايراضي ڏنل آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي مالڪي، سروي نمبر، ايراضي يا ڪنهن ٻي ڳالهه تي اعتراض هجي ته اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو خيرپور جي آفيس ۾ 15 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرائي سگهي ٿو، ٻي صورت ۾ رڪارڊ کي ري رائيٽ ڪيو ويندو.

ديهه جو فارم نمبر VII

حقن جو رڪارڊ ۽ ڪاتي ڦير ڦار جو رجسٽر (پاڱو الف)

ديهه: لالوشيدي ٽپو: منگي تعلقو: خيرپور ميرس ضلعو: خيرپور ميرس

سيريل نمبر	آڳين داخلا نمبر د-ف VII يا حقداران زمين	ڪاتيدار جو نالو، پيءُ جي نالي ۽ ذات سميت ۽ حاصل ڪيل حصو	سروي نمبر ۽ پيٽي پاڱو ۽ هر هڪ سروي نمبر ۽ پاڱي جي ايراضي انگن ۽ اڪرن ۾	ڪل ايراضي انگن ۽ اڪرن ۾	رمارڪس
01	7 ب 64 2026-07-08 7 ب 66 08-07-2006	1 گلشير ولد مولا بخش ڪانڌڙو 25% 2 گلزار ولد مولا بخش ڪانڌڙو 25% 3 غلام مصطفيٰ ولد مولا بخش ڪانڌڙو 25% 4 لعل بخش ولد مولا بخش ڪانڌڙو 25% 1.00	10/1 1-8 10/4 1-3 793 01-24	3-35	
02	7 ب 64 2026-07-08 7 ب 97 2023-05-16	1 گلشير ولد مولا بخش ڪانڌڙو 25% 2 گلزار ولد مولا بخش ڪانڌڙو 25% 3 لعل بخش ولد مولا بخش ڪانڌڙو 25% 4 بشير احمد ولد لال بخش ڪانڌڙو 25% 1.00	10/2 1-8 10/3 1-9	2-17	
03	7 ب 60 16-01-2006	امير بخش ولد فتح محمد ڦلپوٽو (سارو)	30 1-38	1-38	
04	7 ب 62 08-07-2006	واحد بخش ولد صفر ڪانڌڙو (سارو)	39 00-30	0-30	
05	7 ب 72 12-10-2006	باغ علي ولد خدا بخش ڪانڌڙو (سارو)	40 00-35	00-35	
06	7 ب 59 08-07-2006	3 لعل بخش ولد مولا بخش ڪانڌڙو (سارو)	41 00-24	00-24	
07	7 ب 62 08-07-2006	مٺل ولد نبي داد مري (سارو)	44 00-28	00-28	
08	7 ب 62 08-07-2006	1 گلشير ولد مولا بخش ڪانڌڙو (سارو)	47 00-33	00-33	
09	7 ب 56 10-10-2008 7 ب 53 10-10-2008	4 بشير احمد ولد لال بخش ڪانڌڙو (سارو)	48 00-16 49 00-32 50 1-10 51 1-1	3-19	
10	7 ب 48 21-08-2019 7 ب 52 30-09-2009	1 محمد رجب ولد نبي بخش سومرو 67.5 2 نبي بخش ولد محمد حسن سومرو 32.5 1.00	64 2-9	02-09	
11	7 ب 94 14-04-2023	فضل محمد ولد ولي محمد مري (سارو)	76 5-14 126 2-27	5	
12	7 ب 54 10-10-2008	منور علي ولد گل محمد گاهو (سارو)	86 00-37	00-37	
13	7 ب 18 18-08-2015 7 ب 17 18-08-2015	1. نواب علي ولد علي مراد سومرو 15% 2. محمد عارف ولد الهڏنو سومرو 28.5% 3. محمد علي ولد الهڏنو سومرو 28.5% 4. محمد آصف ولد الهڏنو سومرو 28% 1.00	131/1 1-00	1-00	
14	7 ب 17 18-08-2015	1. محمد عارف ولد الهڏنو سومرو 34% 3. محمد علي ولد الهڏنو سومرو 33% 4. محمد آصف ولد الهڏنو سومرو 33% 1.00	131/2 1-00 131/3 1-00	2-00	
15	7 ب 18 18-08-2015	نواب علي ولد علي مراد سومرو (سارو)	132/1 1-08 132/2 01-07 134 00-12	02-15	
16	7 ب 13	1 محمد شريف ولد عيدن سومرو 29.5% 4 مسمات حاڪم زادي ڏيءُ عيدن سومرو 14.5% 5 مسمات حور خاتون زال عيدن سومرو 12.5% 1.00	131/4 01-07	1-07	
17	7 ب 31 14-03-2000 7 ب 30 14-03-2000	1. نياز علي ولد عالم چانڊيو 12.5 2 محمد يوسف ولد عالم چانڊيو 12.5 3 الله بخش ولد محمد يوسف چانڊيو 25 4 شهبيگ ولد محمد يوسف چانڊيو 25 5 اسماعيل ولد محمد يوسف چانڊيو 25 1.00	151 00-29	00-29	
18	7 ب 53 30-09-2009 7 ب 31 14-03-2000 7 ب 30 14-03-2000	1 نديم ولد محمد اسماعيل چانڊيو 25 2 نياز علي ولد عالم چانڊيو 12.5 3 محمد يوسف ولد عالم چانڊيو 12.5 4 الله بخش ولد محمد يوسف چانڊيو 25 5. اسماعيل ولد محمد يوسف چانڊيو 25 1.00	154 01-08	01-08	
19	7 ب 64 16-01-2006	عبدالرزاق ولد جاڙو چانڊيو (سارو)	153 01-13	01-13	
20	7 ب 34 05-05-2017 7 ب 53 30-09-2009 7 ب 31 14-03-2000 7 ب 30 14-03-2000	1. پرويز علي ولد لعل ڏنو 2.5 2. عبدالخالق ولد لعل ڏنو 2.5 3. دلدار ولد لعل ڏنو 2.5 4. نذير ولد لعل ڏنو 2.5 5. دولت ولد موٽڻ 2.5 6. نديم ولد محمد اسماعيل 25 .7 محمد يوسف ولد عالم خان چانڊيو 12.5 .8 الله خش ولد محمد يوسف چانڊيو 25 .9 اسماعيل ولد محمد يوسف چانڊيو 25 1.00	162 01-14 163 01-22 823 02-32	05-28	
21	7 ب 88 31-03-2022 7 ب 60 27-11-2020 7 ب 53 30-09-2009 7 ب 31 14-03-2000 7 ب 30 14-03-2000	1. عبدالخالق ولد الهڏنو ڦلپوٽو 28.90 2. نديم ولد محمد اسماعيل چانڊيو 9.86 3. محمد يوسف ولد عالم خان 12.5 4. نياز علي ولد عالم خان 12.5 5. الله بخش ولد محمد يوسف 11.24 6. اسماعيل ولد محمد بخش 25 1.00	164 02-29	02-29	
22	7 ب 73 04-11-2021 7 ب 51	1. مسمات نوران زال محمد حسن ڦلپوٽو 19.50 2. مختيار علي ولد شهمير ڦلپوٽو 19.50 3. امير احمد ولد شهمير 19.75 4. مسمات سون خاتون ڏيءَ شهمير 9.75 5. مسمات اختيار خاتون ڏيءَ شهمير 9.75 6. مسمات زاهدان ڏيءَ شهمير 9.75 .7 مسمات وزيران زال شهمير 12 1.00	233/1 00-17 233/2 00-16	00-33	
23	7 ب 33 17-01-2009	مسمات حسنه عرف پلي ڏيءَ حاجي بخشل ڦلپوٽو (سارو)	317/3 00-24	00-24	
24	7 ب 33 02-04-2006	1. محمد نواز ولد عنايت الله مري 34 2. اسد الله ولد عنايت الله مري 33 3. ساجد ولد عنايت الله مري 33 1.00	609/1 01-02 609/2 01-00 609/3 01-00 610/3 01-00	04-02	
25	7 ب 21 02-10-2015	1. محمد سليم ولد غلام شبير 25 2. نجيب الله ولد غلام شبير 25 3. حبيب الله ولد غلام شبير ڦلپوٽو 25 4. نواب الدين ولد غلام شبير ڦلپوٽو 25 1.00	676 01-17 681 02-11 692 02-01		
26	7 ب 77 05-11-1997	1. عالم خاتون ڏيءَ ميهر هاليپوٽو (سارو)	688 01-37	01-37	
27	7 ب 41 04-08-2000 7 ب 41 04-08-2000	1. عبداللطيف ولد محبوب چانڊيو 13 2. جان محمد ولد محبوب چانڊيو 12.5 3. عبدالغفور ولد محبوب چانڊيو 12.5 4. عبدالوهاب ولد محبوب چانڊيو 12.5 5. غلام رسول ولد محبوب چانڊيو 12.5 6. عبدالفتاح ولد محبوب چانڊيو 12.5 .7 عبدالستار ولد محبوب چانڊيو 12.5 .8 مسمات درياءُ خاتون زال محبوب چانڊيو 12 1.00	716 00-5 717 00-28	00-33	
28	7 ب 118 07-11-2024	1. الهورايو ولد شفيع محمد ڦلپوٽو 50 2. عبدالرزاق ولد شفيع محمد ڦلپوٽو 50 1.00	725 02-01	02-01	
29	7 ب 54 04-11-2006	عبدالقيوم ولد الهرکيو ڦلپوٽو (سارو)	726 01-01 730 02-36 731 01-09	04-06	
30	7 ب 06 30-10-2007	فضل الله ولد غلام محمد ڦلپوٽو (سارو)	729 00-38 790 01-20	02-18	
31	7 ب 56 08-07-2006	مسمات اسميٰ زال خليل احمد ڦلپوٽو (سارو)	791 01-10	01-10	

WORK FOR SINDH

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 16 جُون 2026ع

سنڌ ۾ پاڻيءَ جو بحران: سوال، خدشا ۽ ضرورتون

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌو درياهہ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي تہ "پاڻي آخر وڃي ڪٿي رهيو آهي؟" انهيءَ خدشي سان هُن هڪ انتهائي سنجيده قومي ۽ صوبائي مسئلي ڏانهن اشارو ڏنو آهي. سنڌ، جيڪا صدين کان سنڌوءَ تي جيئندڙ زرعي خطو رهي آهي، اڄ پاڻيءَ جي غير يقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي، جنهن جا اثر سڌو سنئون زراعت، معيشت، ماحول ۽ عوامي زندگيءَ تي پئجي رهيا آهن. سنڌو درياهہ ۾ پاڻيءَ جي وهڪري ۾ گهٽتائي ڪا نئين ڳالهہ نہ رهي آهي، پر گذريل ڪجهہ سالن ۾ اها صورتحال وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ٿي وئي آهي. پاڻيءَ جي کوٽ جا اثر صرف فصلن تائين محدود ناهن، پر اهو گهوٽڪن علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي، مالوند زندگي ۽ زمين جي زرخيزي تائين پکڙجي چڪا آهن. جڏهن درياهہ جو وهڪرو گهٽجي ٿو تہ زمينون بہ آهستي آهستي غيرآباد ٿيڻ لڳن ٿيون ۽ زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي اچي ٿي. اصل سوال جيڪو وزيراعليٰ پاڻ بہ اٿاريو آهي، سو اهو آهي تہ "پاڻي آخر وڃي ڪٿي رهيو آهي؟" هن سوال جو جواب سادو آهي تہ مٿانهن علائقن ۾ پاڻيءَ تي ڌاڙو لڳي ٿو پيو تہ اپ اسٽريم علائقن مان پاڻي جي گهٽ فراهمي، ڊيمز ۽ ڪئنالن جي انتظامي ورڇ، پاڻي جي غير منصفاڻي تقسيم ۽ موسمي تبديلي جا اثر شامل آهن. پر سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ پاڻي جي نگراني ۽ ورڇ جو نظام ڪيترو مؤثر آهي؟ سنڌ جي هارين لاءِ پاڻي صرف هڪ وسيلو نہ پر زندگي ۽ بقا جو ذريعو آهي. جڏهن پاڻي دير سان پهچي ٿو يا گهٽ مقدار ۾ ملي ٿو تہ فصل متاثر ٿين ٿا، قرض وڌن ٿا ۽ زرعي معيشت ڪمزور ٿئي ٿي، خاص طور تي ڪپهہ، سارين ۽ ڪمند جهڙا اهم فصل پاڻيءَ جي کوٽ کان تمام گهڻو متاثر ٿين ٿا، جنهن جو اثر سڌو سنئون قومي معيشت تي بہ پوي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا موجوده پاڻي انتظامي نظام وقت جي ضرورتن کي پورو ڪري رهيو آهي يا نہ؟ ڇا پاڻيءَ جي ورڇ شفاف ۽ سائنسي بنيادن تي ٿي رهي آهي؟ اهي سڀ سوال اهڙا آهن جن جا واضح ۽ عملي جواب ضروري آهن.

سنڌ حڪومت جي ذميواري آهي تہ اها پاڻيءَ جي مسئلي کي هنگامي بنيادن تي نہ پر ڊگهي مدي واري حڪمت عمليءَ تحت حل ڪري. صرف بيان بازي يا خدشن جي اظهار سان مسئلو حل نہ ٿيندو پر ان لاءِ مضبوط مانيٽرنگ سسٽم، ڊيٽا تي ٻڌل پاليسيون ۽ صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. ڇو تہ پاڻي سنڌ واسين لاءِ انتهائي حساس معاملو رهيو آهي. سنڌ جا ماڻهو پاڻيءَ خاطر مرڻ مارڻ لاءِ تيار رهن ٿا، جنهن جو خود وفاقي توڙي صوبائي سرڪار بہ مشاهدو ڪري چُڪي آهي. تنهن ڪري اُنهن کي ٻيهر روڊن تي نڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو وڃي. هِن سلسلي ۾ خود پيپلز پارٽيءَ جي قيادت تي بہ ذميواري عائد ٿئي تہ اُها سنڌ سان ٿيندڙ ناحق تي آواز اُٿاري. پارٽي قيادت جڏهن وفاقي حڪومت جي هر عمل ۾ ساٿين پير ڀري رهي آهي تہ پوءِ ڇا سبب آهي جو اُها پاڻي کوٽ تي ماٺ ڪيو اچي. ساڳئي وقت وفاقي سطح تي بہ پاڻيءَ جي مسئلي کي سنجيدگي سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. ڇو تہ سنڌو درياهہ رڳو هڪ صوبي جو نہ پر سڄي ملڪ جي زراعت ۽ خوراڪ جي سلامتي سان جڙيل آهي. جيستائين سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جاري رهي ٿي تہ ان جا اثر سڄي ملڪ تي پئجي سگهن ٿا. آخر ۾ اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ پاڻيءَ جو بحران صرف هڪ قدرتي مسئلو نہ رهيو آهي، پر هاڻي اهو انتظامي، سياسي ۽ ٽيڪنيڪل چئلينج بڻجي چڪو آهي. ان کي حل ڪرڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي، شفافيت ۽ سائنسي بنيادن تي فيصلا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. سنڌ جي مستقبل جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اسان اڄ پاڻيءَ جي هن بحران کي ڪيتري سنجيدگي سان وٺون ٿا.

لطيفي لاٽ ——— شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

ڏَمُ ڏِهاڙِي ڏِي، سَندا مَهَرَ مِهَڻا،
جَهلِيَان ٿِي جَهولِيءَ ۾، پَلِئَہ پايو سِي،
مَرَ تان چاليهہ چَئِي، سَگا سُپيريَنِ جي.

ڏَمُ =(اسم خاص) سهڻيءَ جي مڙس جو نالو / جهوليءَ =جهوليءَ جو آڳيون پاسو جو ڪنهن شيءِ وٺڻ لاءِ جهليو آهي / پلئَہ =پوتيءَ يا گنديءَ جي حصي کي هٿ سان جهلي ڪا تبرڪات وٺڻ / مَرَ تان =ڀلي تہ (سرسهڻي، مرتب ٻانهون خان شيخ)

سهڻي پنهنجي سرتين کي چئي ٿي تہ "ڏمُ مون کي ميهر لاءِ روزانو تمام گهڻا مهڻا، طعنا سدا ڏئي ٿو پلي بدشد ڳالهائي اهي منهنجي لاءِ تبرڪات کان گهٽ ناهن. اهي جهولي جي جهوليءَ ۽ پوتيءَ جي پلئہ ۾ جهليندس) چو تہ اهي مون کي پنهنجي پرينءَ ميهار سان نينهن جي ناتي سبب ملن ٿا، منهنجي لاءِ اهي طعنا طنز پرينءَ خاطر پوتر آهن" اهو آهي پنهنجي قول قرار جو ماڻ رکڻ سرتڻي وسهاهہ بچائڻ جن وسهاهہ خاطر پنهنجي جان جو نذرانو ڏيڻ کان ڪين ڪيٻايو اڄ اهي امر آهن بامقصد منزل ماڻڻ لاءِ هر مشڪل جو مقابلو ڪرڻو پئي ٿو پوءِ اهي زباني ڪلامي هجن لڪل سازشون هجن يا ظاهري رڪاوٽون انهن کي خوش دليءَ سان منهن ڏيڻو آهي (تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

بجيٽ 2026-27ع کي ڪيتري قبوليت ملندي؟

مير اعظم علي ٽالپر

جڏهن هر سال، سال جو اڌ سال مڪمل ٿيندو آهي ۽ سال جو ڇهون مهينو پنهنجي مقرر وقت تي ايندو آهي تہ اُن کان اڳ ئي مئي مهينو شروع ٿيڻ شرط ئي ملڪ ۾ عوام پاران خاص ڪري سرڪاري ملازمن طرفان نئين سال جي بجيٽ ۾ پگهارن ۽ پينشن وڌڻ لاءِ اُٿندي، ويهندي، گهمندي ۽ ڦرندي ڪنن ۾ سرٻاٽ ٿيندا آهن تہ پگهار گهڻو سرڪار وڌائيندي؟ بس پوءِ چپن تي اُها ئي هڪ وائي سواليا نشان جيان نراڙ تي هوندي آهي ۽ هر ڪو پيو پڇندو آهي تہ يار ڏي خبر پگهار ڪيترو وڌي ٿو؟ مطلب تہ سوال ڪندڙ اُئين سوال ڪندو آهي جيئن ناڻي وارو وزير سندس عزيز ۽ حال پائي هجي. جڏهن تہ بجيٽ اچڻ تائين حڪومت جا حڪمران مالهي عوام کي سبز باغ ڏيکاريندا رهندا آهن. اڳ بجيٽ صرف ريڊيو تي ڪن ڪولي ٻڌبي هئي، اُن ڪانپوءِ ٽي وي تي اکيون ڦاڙي ڏسڻ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ هاڻ سوشل ميڊيا جو زمانو آهي. جڏهن بجيٽ پارليامينٽ ۾ پيش ڪئي ويندي آهي تہ پارليامينٽ ۾ هڪ تماشو شروع ٿي ويندو آهي ۽ بجيٽ پيش ڪندڙ شخص انگن اکرن جي جادوگري جو ماهر فنڪار هوندو آهي. راقم کي هِن ڳالهين سان ڪا خاص دلچسپي نہ آهي، هڪ بجيٽ ۽ اُن جي تقرير چو تہ سرڪار مائي باپ آهي، سو جيڪو اُن چيو راقم ٻڌو اهو ڪافي آهي ۽ پيو چنڊ ڏسڻ، چو تہ چنڊ ڏسڻ لاءِ سرڪار مائي باپ روئيت حلال ڪاميٽي مقرر ڪئي آهي، اُها جيڪو اعلان ڪندي اُن تي عمل ڪيو ويندو. اُن ڪانسواءِ راقم حسابن ۾ ڪچو آهي، سو بجيٽ جهڙو پيچيده مسئلو ڪيئن سمجهہ ۾ ايندو؟ بجيٽ جي تقرير بہ هڪ فلم جي ڪهاڻي وانگر اسڪرپٽ هوندي آهي، جنهن ۾ مرچ مصالحو شامل هوندو آهي ۽ 'لٽ ۽ چٽ' جو انداز بہ هوندو آهي، جنهن کي هر ناڻي وارو وزير وڏي اعتماد سان پڙهي چوندو آهي تہ ملڪ ترقيءَ جي بلنديءَ تي آهي، سڀ ٺيڪ آهي، مطلب تہ بجيٽ ۾ ڪابہ خراب ڳالهہ ظاهر نہ ڪئي ويندي آهي، معيشت کي مستحڪم ۽ ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڏيکاريو ويندو آهي، جڏهن تہ عوام اٽو، دال، کنڊ ۽ گيهہ جي بازار ۾ ڌڪا کائيندو رهندو آهي پر وزير روشن مستقبل ظاهر ڪندو آهي.

هڪڙا ناڻي جا وزير ايندا آهن ۽ ٻيا ويندا آهن پر سرڪار جو چرخو اُئين ئي ڦرندو رهندو آهي. اِهو بہ ڪيڏو نہ عجيب اتفاق آهي تہ ملڪ جو بجيٽ هر سال جون مهيني ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ هندستان جو بجيٽ هر نئين سال شروع ٿيڻ شرط جنوري يا فيبروري ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. ماضيءَ ۾ بجيٽ سڄي سال لاءِ هوندي هئي، جنهن ۾ پيٽرول کان وٺي هر شيءِ جا اگهہ هڪ ئي وقت مقرر ڪري وڌايا ويندا هئا، پر هاڻ اُئين نہ رهيو آهي. اڄڪلهہ جون مهيني ۾ بجيٽ جي ڏينهن دوران سنڌ اندر اولهہ واري برساتي سسٽم سبب ڳڙا بہ وسن ٿا ۽ جڏهن بجيٽ ۽ ڳڙا گڏ عوام تي وسن تہ انهن کي ٽيڪسن جا ڳڙا سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ لاءِ اردو چوڻي بہ مشهور آهي تہ 'سَر مُنڊواتي هي اولي پڙي' يعني مٿو ڪوڙائڻ شرط ئي ڳڙا اچي وسن ٿا، جيتوڻيڪ ڳڙن کي مٿي جا وار ڪونہ جهلين ها. بجيٽ ڪنهن بہ حڪومت جي هجي، ان کي منظور ڪرائڻ لاءِ بس آڱوٺو تہ هڻڻو ئي پوندو آهي. البتہ آن لاءِ مرداڻي ۽ زناڻي آڱوٺي جو فرق ضرور رکيو ويندو آهي. هن موجوده بجيٽ جي خاص ڳالهہ اِها آهي تہ صوبا پنهنجي طرفان وفاق کي رقم بچائي ڏيندا، يعني هاڻي پوڙهي پيءُ جا فرمانبردار پٽ والد جي جهوني ۽ مسڪين غريب تي وڃڻ جي حالت ڏسندي اُن جي ڪفالت ڪندا، اڳ بابا پٽن کي ڪارائيندو هو هاڻ پٽ بابا کي ڪارائيندا. البتہ بجيٽ کي جڳاڙي بجيٽ سان منسوب نہ ڪيو وڃي، ۽ نہ ئي ان سان اين ايف سي ايوارڊ کي هٿ لاٿو ويندو. ڪم سان ڪم بہ ٿي ويندو. راقم جي پرائمري پڙهڻ وقت اسڪول جا استاد بجيٽ تي ايترو بحث نہ ڪندا هئا. ماضيءَ ۾ ناڻي جا وزير ۽ مشير رهڻ وارن جي ڊگهي لسٽ آهي، جنهن ۾ 1962ع ۾ صدر ايوب خان جي وقت ۾ ناڻي جو وزير عبدالقادر سنجراڻي هو. جيڪو هن ئي جون مهيني جي 9 تاريخ 1962ع کان صرف ڇهن مهينن لاءِ مقرر ٿيو هو ۽ سندس مدو 15 ڊسمبر تائين هو. اُن بعد محمد شعيب مقرر ٿيو هو، جنهن ڪانپوءِ نبي محمد عقيلي خزاني جو وزير 25 آگسٽ کان 25 مارچ 1969ع تائين هو جيڪو وڏو عرصو رهيو. اُن بعد امير البحر مظفر علي خان قزلباش 4 آگسٽ 1969ع کان گڏيل ملڪ اولهہ پاڪستان جو آخري وزير خزانہ 22 فيبروري 1971ع هو. جڏهن تہ 24 ڊسمبر 1971ع کان ذوالفقار علي ڀٽو صدر ٿيڻ ۽ يحيٰ خان جي اقتدار ڇڏڻ بعد ڊاڪٽر مبشر حسن پهريون سياسي ناڻي وارو وزير مقرر ٿيو جيڪو هڪ وڏو وقت 22 آڪٽوبر 1974ع تائين مقرر رهيو. ڊاڪٽر مبشر حسن ملڪ جا پرائيويٽ ادارا ڪاليج، بئنڪون، اسڪول وغيره سڀ قومي تحويل ۾ ورتا هئا ۽ ڪابہ نجي ۽ خانگي شيءِ نہ ڇڏي هئي، اُن ۾ سارين جا ڪارخانہ بہ شامل هئا، جن کي اوچتو سيل ڪيو ويو تہ اندر ٻڌل جانور بہ قابو ٿي ويا ۽ ڪوڙي جون فيڪٽريون بہ سرڪاري ٿي ويون هيون. هن ڪانپوءِ 22 آڪٽوبر کان راڻا حنيف وزير ٿيو جنهن ڪانپوءِ عوامي سياسي حڪومت جو آخري ناڻي وارو وزير عبدالحفيظ پيرزادو 30 مارچ 1977ع کان ڀٽو حڪومت ختم ٿيڻ ۽ ضياءُ الحق جي اقتدار تي قبضي ڪرڻ وقت 5 جولاءِ 1977ع تائين رهيو. جڏهن تہ ضياءُ الحق اچڻ شرط 5 جولاءِ 1977ع کان ئي غلام اسحاق کي ناڻي جو وزير مقرر ڪيو، جيڪو هڪ وڏو عرصو 1985ع تائين مقرر رهيو. جنهن بعد ڊاڪٽر محبوب الحق مقرر ٿيو هو. اُن ڪانپوءِ احسان پراچا، سرتاج عزيز، ياسين وٽو، وري محبوب الحق، سيد بابر علي، وري عوامي حڪومت پيپلز پارٽي جي آئي تہ اُن ۾ 26 جنوري 1994ع کان آڪٽوبر 1996ع تائين وزيراعظم بينظير وٽ اِهو عهدو هو. اُن بعد سيد نويد قمر 10 آڪٽوبر 1996ع ۾ مقرر ٿيو جنهن ڪانپوءِ شاهد جاويد برڪي آيو پر نواز شريف وزيراعظم ٿيڻ تي سرتاج عزيز ناڻي جو وزير ٿيو جنهن بعد اسحاق ڊار کي مقرر ڪيو ويو پر 6 نومبر 1996ع کان لاڳيتو 2007ع تائين ايڊوانس سيلري آڻڻ وارو شوڪت عزيز ناڻي واري وزارت سنڀاليندو رهيو. اُن بعد وري اسحاق ڊار آيو پر پ پ حڪومت اچڻ بعد ٻيهر نويد قمر وزير خزانہ بڻجي ويو. اُن بعد شوڪت ترين آيو. اهڙي ريت حفيظ شيخ ناڻي جو وزير بڻيو. اُئين ئي ڪيترا وزير ناڻي جا ٿيا پر اسحاق ڊار سڀني کان گهڻو مقرر ٿيندو رهيو. بهرحال ناڻي جو وزير سياسي هجي يا ڪو غير سياسي پر هن عهدي جي ڪرسي تي ويهڻ وارو ساڳيا انگ اکر ڏيندو ۽ عوام کي بجيٽ تقرير ٻڌڻ لاءِ سيٽ بيلٽ ٻڌي ريڊيو ۽ ٽي وي اڳيان ويهڻو پوندو. جيڪو اڄڪلهہ اي چالان رائج ٿيڻ بعد ٻڌڻ لازمي آهي. چو تہ مهانگائي جي تيز رفتاري جي اسپيڊ سبب ٻڌڻ وارو هوش حواس وڃائي ڪِري نہ پئي، بجيٽ پيش ڪندڙ بہ هڪ راوي جي حيثيت رکي ٿو جيڪو صرف بيان ڪري ٻڌائي ٿو.

بجيٽ هر ملڪ جو اقتصادي ۽ مالياتي آئينو هوندو آهي. هي هڪ اهڙو دستاويز هوندو آهي، جنهن ۾ ملڪ جي سالياني مالي صورتحال ۽ منصوبابندي شامل هوندي آهي. هن سال بجيٽ جون تاريخون مٽائيندي نيٺ الله الله ڪري 12 جُون تي 'آ گيا وہ شاهڪار جس کا تھا انتظار' جيان بجيٽ اچي وئي پر اُن ۾ سياسي پارٽين پاران چونڊن ۾ ڪيل مفت بجلي بدران عوام جي کل ڪيئن لاهجي جو فارمولو هو. بجيٽ پيش ڪرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ملڪ جي اخبارن ۾ حڪومت جي واکاڻ تي ٻڌل هڪ اردو اشتهار ڇپيو، جنهن ۾ سمجهائي لاءِ ٽيرن جو وسڪارو ڪيو ويو هو. اُن ۾ وڏي اٽڪل بازي استعمال ڪندي، جائزي دوران 2025ع ۽ 2026ع کي پيش ڪرڻ بدران 2022ع ۽ 2023ع جي سالن کي 2026ع سان ڀيٽيو ويو. حالانڪ هن حڪومت کي هن پنهنجي ٽيئن بجيٽ کي پنهنجن گذريل سالن سان مشابهت ڏئي ڀيٽ ڪرڻ گهرجي ها. چو تہ مقابلو ۽ جائزو 2025ع ۽ 2026ع سان هو پر حڪومت ۽ ناڻي واري وزير جو هٿ وس هلي ها تہ شايد راقم جي پيدائش واري سال 1954ع کان 2026ع سان ڀيٽ ڪري ها. مرزا غالب سچ چيو آهي تہ 'غالب یہ خیال اچھا ہے' بهرحال ڇا تہ ڪمال جو اڌ اکري وارو سراسري جائزو ڏنو ويو، مطلب تہ پراڻا بدترين سال ڳولي ظاهر ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ عمران خان جو 2022ع بہ شامل ڪيو ويو. دراصل بجيٽ ناهڻ واري جي سکيا ۽ تربيت اهڙي ڪئي ويندي آهي، جيئن هو عوام کي اکين ۾ سرمو پارائي سگهي. بجيٽ ۾ 9 هزار ڪمائڻ وارو غريب نہ هوندو. بجيٽ کان اڳ ۾ پيپلز پارٽي بجيٽ پاس ڪرائڻ ۾ ٽال مٽول جا اشارا ڏنا هئا پر دنيا جي مختلف مذهبن ۾ پنهنجون ريتون رسمون ٿينديون آهن. جيئن ڪيٿولڪ عيسائي مذهب ۾ شادي ٿيڻ بعد ڪڏهن بہ طلاق نہ ٿيندي آهي، بلڪل اهڙي ريت سياسي اتحاد ٿيندا آهن. اهڙا نڪاح نہ ٽٽڻ وارن اتحادن ۾ هن مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي جو بہ اتحاد شامل آهي، اُن ڪري بجيٽ کهڙو بہ هجي 'قبول آهي، قبول آهي، قبول آهي' هن بجيٽ جي خاص ڳالهہ اِها بہ آهي تہ 'ٽڪي سير ڀاڄي تہ ٽڪي سير کاجا' وانگر وٽي تہ ڪڪڙ ڪاٺو وٽي تہ دال ڪاٺو اگهہ ساڳيو هوندو باقي ملازم نوان پراڻا ست سيڪڙو پگهار ۽ پينشن مان پاڻ پورت ڪن. اُن ۾ سرڪار ۽ بجيٽ ناهڻ واري جو ڪجهہ نہ اچي نہ وڃي. اڳ ماضيءَ ۾ رڳو هڪ تقرير ناڻي وارو وزير بجيٽ جي ڪندو هو پر هاڻ بجيٽ کي بہ موسم جو رنگ ڏئي پري بجيٽ تقرير 'سراسري جائزو' ۽ پوسٽ بجيٽ وضاحتي جائزو سڏيو وڃي ٿو. بهرحال عوام کي بجيٽ 2026-27ع قبول آهي، قبول آهي، قبول آهي.

سوز

روئي ٿو سنسار
ياد اوهانجيءَ ۾ يا حسين عه
روئي ٿو سنسار

مومن مرثيہ زاريون پڙهن ٿا
ماتامي ڪن ٿا ماتام
جڏهن پڙهن ٿا اوهانجا مصائب
ذاڪر تڏهن اي مظلوم امام عه
روئي ٿو سنسار
ياد اوهانجيءَ ۾ ياحسين عه
روئي ٿو سنسار

جهولا، سبيلون علم غازيءَ جا
سهڻا سينگهاري ذوالجناح
ساري ساري ڏڪرا غازيءَ جا

هنجون هاري هنڊڙي مان
روئي ٿو سنسار
ياد اوهانجيءَ ۾ ياحسين عه
روئي ٿو سنسار

شهر مديني ۾ ويڙهو اوهانجو
ڏٺو سين اداس حسين عه امام
زين العبا ٿو جنت البقيعہ مان
اڄ ٻي پڪاري هاءِ هاءِ شام
روئي ٿو سنسار ياد
اوهانجيءَ ۾ ياحسين عه
روئي ٿو سنسار

(سوز تحرير ۽ ترتيب
ذوالفقار خاڪي)

ايران-آمريڪا امن معاهدو: وچ اوڀر ۾ نئين سياسي تبديلي

سرمد منصور

پنجن مهينن جي ڊگهي ڇڪتاڻ کان پوءِ نيٺ اُهو وقت بہ اچي ويو، جڏهن ايران ۽ امريڪا وچ ۾ معاهدي کي حتمي شڪل ڏني وئي. آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ امڪاني امن معاهدي بابت خبرن تہ رڳو خطي جي سياسي فضا ۾ هڪ نئين بحث کي جنم ڏنو آهي پر عالمي سطح تي بہ ان کي انتهائي اهم پيشرفت طور ڏٺو پيو وڃي قطر جي گاديءَ واري شهر دوحا ۾ جاري سفارتي سرگرميون، سوئٽزرلينڊ ۾ متوقع دستخطي تقريب ۽ مختلف ملڪن جي مثبت ردعمل مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪيترن ئي سالن جي ڇڪتاڻ، پابندين ۽ تڪرارن کان پوءِ هاڻي ڳالهين ۽ مفاهمت جو هڪ نئون باب کولڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي دنيا جي سياسي تاريخ ۾ ڪجهہ اهڙا لمحا ايندا آهن جيڪي نہ رڳو ٻن ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي نئون رخ ڏيندا آهن پر پوري خطي ۽ عالمي سياست تي بہ گهرا اثر ڇڏيندا آهن آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ تازو طئي ٿيل معاهدو بہ اهڙي نوعيت جو هڪ اهم واقعو آهي جيڪڏهن هي معاهدو پنهنجي اعلانيل شقن موجب اڳتي وڌي ٿو تہ نہ صرف ايران ۽ آمريڪا جي لاڳاپن ۾ بهتري ايندي، پر لبنان، خليج فارس ۽ سڄي وچ اوڀر ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ بہ نوان امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا.

ڏٺو وڃي تہ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ايران ۽ آمريڪا جا لاڳاپا تڪرار، پابندين، سفارتي محاذ آرائين ۽ فوجي ڌمڪين جي ور چڙهيل رهيا آهن 1979ع جي ايراني انقلاب کان پوءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اعتماد جو بحران مسلسل وڌندو رهيو ايران جي جوهري پروگرام بابت خدشن، اقتصادي پابندين ۽ علائقائي اثر رسوخ جي مقابلي سبب صورتحال وقت بوقت انتهائي خطرناڪ مرحلن ۾ داخل ٿيندي رهي خاص طور تي گذريل ڪجهہ سالن دوران جڏهن آبنائي هرمز ۾ ڇڪتاڻ وڌي، تيل جي سپلاءِ بابت خدشا پيدا ٿيا ۽ لبنان سميت مختلف محاذن تي فوجي سرگرميون جاري رهيون، تڏهن دنيا کي اهو خوف هو تہ ڪنهن بہ وقت هڪ وڏي جنگ ڀڙڪي سگهي ٿي هاڻي جيڪڏهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ جنگ بندي، بحري ناڪابندي جي خاتمي ۽ مستقبل جي ڳالهين تي اتفاق ٿيو آهي تہ اها هڪ اهم سفارتي ڪاميابي سمجهي سگهجي ٿي معاهدي جي سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ لبنان سميت مختلف محاذن تي فوجي ڪاروائين جي فوري ۽ مستقل خاتمي جو اعلان ڪيو ويو آهي هن معاهدي جو ٻيو اهم پاسو ايران جي جوهري پروگرام سان لاڳاپيل آهي رپورٽن موجب ايران جوهري هٿيارن جي تياري تان دستبردار ٿيڻ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي جڏهن تہ ان جي بدلي ۾ پابندين ۾ نرمي آڻڻ ۽ اقتصادي سهولتون فراهم ڪرڻ تي غور ڪيو پيو وڃي هيءُ معاملو سالن کان عالمي سفارتڪاريءَ جو مرڪزي موضوع رهيو آهي مغربي دنيا خاص طور تي آمريڪا هميشہ ايران جي جوهري سرگرمين بابت خدشن جو اظهار ڪندي رهي آهي جڏهن تہ ايران جو موقف رهيو آهي تہ سندس پروگرام پُرامن مقصدن لاءِ آهي جيڪڏهن نئون معاهدو ٻنهي ڌرين جي خدشن کي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو تہ اهو عالمي امن لاءِ بہ مثبت قدم ثابت ٿي سگهي ٿو آبنائي هرمز جو معاملو بہ انتهائي حساس رهيو آهي دنيا جي وڏي حصي جو تيل هن سامونڊي رستي ذريعي عالمي مارڪيٽن تائين پهچي ٿو جڏهن بہ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌندي هئي تہ عالمي تيل جون قيمتون بہ متاثر ٿينديون هيون هاڻي جيڪڏهن آبنائي هرمز کي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي کولڻ ۽ سامونڊي ٽريفڪ کي منظم ڪرڻ تي اتفاق ٿيو آهي تہ اهو عالمي واپار ۽ توانائيءَ جي فراهمي لاءِ سٺو سنئون آهي خاص طور تي ترقي پذير ملڪن لاءِ، جيڪي تيل جي درآمد تي ڀاڙين ٿا، اهڙي صورتحال معاشي استحڪام جو سبب بڻجي سگهي ٿي هن معاهدي ۾ قطر سعودي عرب ۽ ترڪيہ جي سفارتي ڪردار جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي وچ اوڀر ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ علائقائي ملڪن جي مثبت سفارتڪاري هميشہ اهم رهي آهي گذريل ڪجهہ سالن ۾ قطر ڪيترن ئي عالمي تڪرارن ۾ ثالثيءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي جڏهن تہ سعودي عرب ۽ ترڪيہ بہ خطي جي اهم سياسي قوتن طور پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪندا رهيا آهن جيڪڏهن انهن ملڪن جي ڪوشش سان ايران ۽ آمريڪا جهڙيون مخالف ڌريون ڳالهين جي ميز تي ويٺيون آهن تہ اها سفارتڪاري جي ڪاميابي سمجهي سگهجي ٿي

پاڪستان لاءِ بہ هن پيش رفت جا خاص اثر ٿي سگهن ٿا. پاڪستان جا ايران سان پاڙيسري تعلقات آهن جڏهن تہ آمريڪا سان بہ سفارتي ۽ اقتصادي تعلقات موجود آهن وچ اوڀر ۾ استحڪام پاڪستان جي اقتصادي ۽ سلامتي مفادن لاءِ فائديمند آهي جيڪڏهن خليج ۾ امن قائم رهي ٿو تہ پاڪستاني محنت ڪش، واپاري سرگرميون ۽ توانائيءَ جي فراهمي بہ بهتر انداز ۾ جاري رهي سگهي ٿي ان کان علاوه، علائقائي رابطا ۽ واپاري منصوبن لاءِ بہ وڌيڪ سازگار ماحول پيدا ٿيندو پر هن معاهدي بابت ڪجهہ سوال ۽ خدشا بہ موجود آهن ماضيءَ ۾ بہ ايران ۽ عالمي طاقتن جي وچ ۾ معاهدا ٿيا آهن پر سياسي تبديلين ۽ اعتماد جي کوٽ سبب اهي ڊگهي عرصي تائين برقرار نہ رهي سگهيا. 2015ع جو جوهري معاهدو بہ هڪ اهم سفارتي ڪاميابي سمجهيو ويو هو پر بعد ۾ آمريڪي پاليسين ۾ تبديلي اچڻ سان اهو معاهدو بحران جو شڪار بڻجي ويو تنهن ڪري موجوده معاهدي جي ڪاميابيءَ جو دارومدار صرف دستخطن تي نہ پر ان جي عملي نفاذ تي هوندو. ايران جي نائب پرڏيهي وزير جو اهو بيان تہ "مفاهمت جي يادداشت جو مطلب دشمن تي ڀروسو ڪرڻ ناهي" دراصل ان بي اعتمادي جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪا ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اڃا تائين موجود آهي ساڳئي وقت آمريڪي قيادت بہ ايران جي سرگرمين جي سخت نگراني جي ڳالهہ ڪري رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ معاهدي کي پائيدار بڻائڻ لاءِ شفافيت، مستقل رابطن ۽ بين الاقوامي ضمانتن جي ضرورت پوندي. ايران جي صدر مسعود پزشڪيان جو اهو موقف بہ قابل غور آهي تہ سندن ملڪ ڪنهن بہ ٻاهرين طاقت آڏو نہ جهڪندو، پر پنهنجي شهرين آڏو جوابده رهندو اهو بيان هڪ طرف قومي خودمختياري جي اظهار جي نمائندگي ڪري ٿو تہ ٻئي طرف اندروني سياسي دٻاءُ ۽ عوامي اميدن کي بہ ظاهر ڪري ٿو ايران اندر بہ مختلف سياسي ڌڙا هن معاهدي کي مختلف نظرين سان ڏسي رهيا آهن تنهن ڪري حڪومت کي اندروني سطح تي بہ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻو پوندو.

عالمي سطح تي هي معاهدو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ جنگ ۽ طاقت جي سياست آخرڪار ڳالهين جي ضرورت کي ختم نٿي ڪري سگهي جديد دنيا ۾ اقتصادي لاڳاپا، توانائيءَ جون ضرورتون ۽ عالمي سلامتي جا چئلينج اهڙا آهن جن کي صرف فوجي طاقت سان حل نٿو ڪري سگهجي سفارتڪاري، ڳالهين ۽ باهمي مفادن جي بنياد تي ناهيل پاليسيون ئي ڊگهي مدي واري امن جو رستو هموار ڪري سگهن ٿيون

هن سڄي عمل تي اسرائيل جو ردعمل بہ ڌيان جوڳو آهي اسرائيلي سياسي تجزيہ نگار گيڊيئن ليوي جو اهو چوڻ تہ امڪاني معاهدو وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو جي سياسي ناڪامي آهي خطي جي بدلجندڙ سياسي حقيقتن جي نشاندهي ڪري ٿو اسرائيل ڪيترن ئي سالن کان ايران کي پنهنجي سلامتي لاءِ سڀ کان وڏو خطرو قرار ڏيندو رهيو آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران سنئين يا اڻ سنئين ڳالهين ذريعي ڪنهن مفاهمت تي پهچن ٿا تہ يقيناً اسرائيل جي روايتي پاليسي لاءِ اهو هڪ نئون چئلينج بڻجي سگهي ٿو

خاص طور تي اسرائيلي وزير اتمار بين گويرجو سخت موقف ان ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿو تہ اسرائيل جي اندر بہ هن معاهدي بابت مڪمل اتفاق راءِ موجود ناهي جڏهن هڪ طرف عالمي سفارتي حلقا تڪرار گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، تڏهن ٻي طرف ڪجهہ حلقا اڃا بہ فوجي حل کي ترجيح ڏين ٿا اهو تضاد مستقبل ۾ معاهدي جي عملداري لاءِ هڪ اهم رڪاوٽ بڻجي سگهي ٿو

بهرحال تاريخ سيکاري ٿي تہ معاهدي تائين پهچڻ کان وڌيڪ ڏکيو مرحلو ان تي عملدرآمد هوندو آهي ماضيءَ ۾ بہ ڪيترائي معاهدا اميدن سان ڪيا ويا، پر علائقائي مفادن جي ٽڪراءَ سبب اهي پائيدار ثابت نہ ٿي سگهيا موجوده معاهدي کي بہ ساڳين چئلينجن کي منهن ڏيڻو پوندو جيڪڏهن سڀئي ڌريون سنجيدگيءَ سان پنهنجن واعدن تي عمل ڪن ۽ ٽياڪڙ ملڪ پنهنجو مثبت ڪردار جاري رکن تہ هي معاهدو وچ اوڀر جي تاريخ ۾ هڪ نئين دور جي شروعات ثابت ٿي سگهي ٿو ايران-آمريڪا امن معاهدو: وچ اوڀر ۾ نئين سياسي تبديلي

اڄوڪو ڏينهن ..... 16 جُون

حاجي عبدالرحيم ميمڻ



هن نامياري تعليمي ماهر ۽ ليکڪ جو جنم 16 جون 1918ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هن قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان ٽريننگ حيدرآباد جي نورمحمد هاءِ اسڪول ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) مان پاس ڪيائين ساڳئي ڪاليج مان بي اي جو امتحان بہ پاس ڪيائين اڳتي هلي هندستان جي شهر مدراس مان مانٽيسوري ميٿڊ ٽيچنگ چلڊرين اسپيشلائيزيشن جو ڊپلوما سرٽيفڪيٽ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي سنڌيءَ جي سند حاصل ڪيائين هن تعليم کاتي ۾ مختلف اعليٰ عهدن تي رهي ڪم ڪيو، جن ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 1 حيدرآباد جو هيڊ ماستر، تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر ۽ تعليم کاتي جي ڊپٽي سيڪريٽري ۽ سيڪريٽريءَ جهڙا اهم عهدا شامل آهن هن ڪجهہ ڪتاب پڻ لکيا، جن ۾ "قرياڻاجي"، "هائيجن" ۽ "هڪ سٺو استاد ٿيڻ لاءِ ڇا ضروري آهي؟" شامل آهن هو اخبار تعليم رسالي جو اعزازي ايڊيٽر پڻ رهيو حاجي عبدالرحيم ميمڻ 22 اپريل 1994ع تي لاڏاڻو ڪيو.

ستيرام روهڙا



هندستان جي مشهور فلم هدايتڪار ۽ راڳيءَ ستيرام روهڙا جو جنم 16 جون 1939ع تي سکر ۾ ٿيو هو هندستان جي سنڌي توڙي هندي فلمن جو مشهور هدايتڪار هو هو هڪ بهترين راڳي پڻ هو. هن جا ڳايل صوفي ڪلام، لوڪ گيت ۽ مزاحيہ گيت تمام گهڻو مشهور ٿيا. مشهور اديب گوبند مالهيءَ سنڌي ثقافت ۽ راڳ کي عام ڪرڻ لاءِ ڪلاڪار منڊل قائم ڪيو انهيءَ منڊل جي پليٽفارم تي ستيرام روهڙا ۽ ڀڳونتي ناواڻي گڏجي ڪيترائي گيت ڳايا جن کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو هن سنڌي فلمن جهولي لال (1964)، هل تہ ڀڄي هلون (1984)، شال ڌيئُر نہ ڄمن (1968) ۽ لاڏلي (1966ع) لاءِ گيت ڳايا. اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر بہ ڏيکاريائين تاريخ 18 جولاءِ 2024ع تي سندس زندگيءَ جي سفر جي پڄاڻي ٿي

فيروز گل



اڄ مشهور موسيقار ۽ راڳيءَ فيروز گل جي جنم جو ڏينهن آهي هن 16 جون 1943ع تي حيدرآباد جي ڪاهي روڊ واري علائقي ۾ رحيم بخش شيخ جي گهر ۾ اکيون کوليون ابتدائي تعليم قاضي عبدالقيوم اسڪول مان حاصل ڪيائين جڏهن تہ مئٽرڪ جو امتحان ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي پريڪٽسنگ هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين هن پنهنجي فني سفر جي شروعات فلمن ۾ موسيقار طور ڪئي هڪ موسيقار طور سندس پهرين فلم رنگ محل هئي جيڪا 1969ع ڌاري ٺهي هئي هن لڳ ڀڳ 22 فلمن ۾ موسيقار طور ڪم ڪيو 1972ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسٽاف آرٽسٽ طور ڀرتي ٿيو سندس آواز ۾ ريڊيو پاڪستان ڪيترائي گيت رڪارڊ ڪيا هن ريڊيو تي هڪ موسيقار طور بہ

طور ڪيائين هن مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪئي ۽ هيڊ ماستر طور رٽائر ٿيو هن 1963ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ مقامي مشاعرن ۾ شوق سان شرڪت ڪندو هو هو سنڌي ادبي سنگت جي ٽنڊو الهيار شاخ جو سرگرم ڪارڪن هو کيس لوڪ ادب ۽ سگهڙائپ سان گهڻي دلچسپي هئي هن 28 سيپٽمبر 2013ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

سيد نور رضوي

اڄ مشهور ليکڪ نور رضويءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 16 جون 1947ع تي روهڙي تعلقي جي ڳوٺ لڙها ۾ ڄائو ۽ ايم اي (سياسيات) تائين تعليم حاصل ڪيائين هن بين الصوبائي لاڳاپن واري کاتي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ ڪرن شڪرمل روهڙيءَ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو سياست ۽ سماجي ڪمن ۾ بہ اڳيرو رهيو پاڻ ضلعي ڪائونسل سکر جو ميمبر، تعلقي ڪائونسل روهڙيءَ جو چيئرمين ۽ اسپورٽس سب ڪاميٽي ضلعي سکر جو چيئرمين پڻ رهيو ادبي دنيا ۾ هڪ بهترين شاعر طور سندس نالو مشهور آهي سنڌي، اردو، فارسي، پنجابي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ شاعري ڪئي اٿس سندس شاعريءَ جو مجموعو "ٻاٽ ۾ لاٽ" ڇپجي چڪو آهي

ڪملا گوڪلاڻي



اڄ هندستان جي نامياري سنڌي ليکڪا ڪملا گوڪلاڻيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي هن جو جنم 16 جون 1950ع تي اجمير ۾ ٿيو هن جو پيءُ نارائڻداس تنجاڻي مشهور تعليمدان ۽ استاد هو ڪملا صحافت ۾ ڊپلوما، سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ ايم اي ۽ پي ايچ ڊي جون سندون حاصل ڪيون هوءَ هندستان جي پهرين خاتون آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪئي هن اجمير ۾ قائم مهارشي ديانند سرسوتي (ايم ڊي ايس) يونيورسٽيءَ ۾ سنڌو تحقيقاتي اداري جي ڊپٽي ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو هن جو شمار هندستان جي چوٽيءَ جي ساهتڪارن ۾ ٿئي ٿو هوءَ نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگئيج (سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري واري قومي ڪائونسل)، ساهتيہ اڪيڊمي، اکل ڀارت سنڌي ۽ راجستان سنڌي اڪيڊميءَ سميت ٻين بہ ڪيترن ئي سنڌي ٻولي ۽ ادب سان لاڳاپيل ادارن جي ميمبر ۽ عهديدار رهي آهي هوءَ آل انڊيا ريڊيو ۽ دور درشن جي ڪيترن ئي سنڌي ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن جي ميزبان پڻ رهي آهي هن کي سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ادبي رسالن رچنا ۽ رهاڻ جي ايڊيٽر هئڻ جو بہ اعزاز حاصل رهيو هوءَ سنڌ مان شايع ٿيندڙ رسالن "سنڌي ٻولي" ۽ "ڪولاچي" جي صلاحڪاري بورڊ جي ميمبر آهي هن جي تصنيف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد 52 جي لڳ ڀڳ آهي

ثريا مخدوم

اڄ مشهور تعليمدان ثريا مخدوم جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 1951ع ۾ ڊريبلي ضلعي نوشهري فيروز جي مشهور مخدوم خاندان ۾ ٿيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي مان ماستر

مختيار انڙ

مخدوم سنڌ ۽ ڏيساور ۾ منعقد ٿيندڙ سماجي معاشي، ادبي ۽ سياسي گڏجاڻين ۾ بہ سرگرميءَ سان حصو ورتو هن 25 مئي 2024ع تي وفات ڪئي کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڊريبلي جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

گل محمد عمراڻي



اڄ سنڌ جي مشهور سول سرونٽ، ليکڪ ۽ سنڌيڪار گل محمد عمراڻيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي عمراڻي صاحب 16 جون 1953ع ۾ حيدرآباد ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم ٽريننگ حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول ۽ سچل سرمست آرٽس ڪاليج مان حاصل ڪئي اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ۽ ڪئليفورنيا اسٽيٽ يونيورسٽي آمريڪا مان پبلڪ ايڊمنسٽريشن ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيائين هن سنڌ ۾ ڪيترن ئي اعليٰ عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنيون انهن عهدن ۾ مختلف ضلعن جو ڊپٽي ڪمشنر، سنڌ سيڊ ڪارپوريشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر، لياري ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل، سنڌ ثقافت کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل، نوجوانن جي معاملن، سماجي ڀلائيءَ ۽ عورتن جي ڀلائيءَ واري کاتي جو سيڪريٽري ۽ ٻيا اهم عهدا شامل آهن رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ ۽ سنڌ جي ثقافت واري کاتي جي ڊائريڪٽر طور ذميداريون سنڀاليندو رهيو آهي سنڌي ادبي دنيا ۾ پاڻ هڪ بهترين ليکڪ، سنڌيڪار ۽ ڪالم نگار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو هن ڪجهہ ڪتاب سنڌيءَ مان انگريزي ۽ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن سندس آتم ڪٿا "داستانِ گل" 2021ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي

ڊاڪٽر احمد نوناري

اڄ قوم پرست اڳواڻ ڊاڪٽر احمد نوناريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 16 جون 1966ع تي ٽنڊي محمد خان ضلعي جي ڳوٺ ريڏني نوناريءَ ۾ ڄائو هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ انٽر سائنس تائين ٽنڊي محمد خان ۾ پڙهيو ان بعد لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻي يونيورسٽي) ۾ پڙهيو هو 1881ع ڌاري جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل ٿيو ايل ايم سي ۾ پڙهڻ دوران بہ هو جيئي سنڌ جو سرگرم ڪارڪن ۽ مقامي عهديدار رهيو 1984ع ۾ نوڙهي قاٽڪ واري واقعي ۾ گرفتار ٿيو 30 سيپٽمبر 1988ع کان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿيل لساني فسادن ۾ گرفتار ٿي پنج سال قيد ۾ رهيو 1991ع ۾ ترقي پسند پارٽيءَ سان لاڳاپجي ويو ۽ انهيءَ پارٽيءَ ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪندو پئي آيو آهي 1990ع، 1997ع، 2013ع ۽ 2018ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر ٿيڻ لاءِ چونڊ وڙهيو پر ڪٽي نہ سگهيو

والد جي هٿان ۾ ٿي. سيد اعجاز علي شاهہ 15 ورهين جي ننڍڙي ڄمار ۾ شعر چوڻ شروع ڪيا. سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ هندي ٻولين ۾ شاعري ڪيائين. سندس ڪلام ۾ بيت، ڪافيون، غزل، وايون ۽ ٽيهہ اکريون وغيرهہ شامل آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو "سخن اعجاز" جي نالي سان 2003ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هن بزرگ شاعر 16 جون 1998ع تي راهہ رباني ورتي.

اسحاق فقير ڪارو مگڻهار



اسحاق فقير ڪارو مگڻهار سنڌ جو هڪ سريلو سنگيتڪار هو هن 1932ع ۾ بدين ضلعي جي ڳوٺ ماجوريءَ ۾ اک کولي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ شروع ڪيائين مشهور لوڪ فنڪار سيد قاسم علي شاهہ کان سر ۽ سنگيت جي سکيا ورتائين هو لاڙ جو مشهور فنڪار هو ۽ شادين مرادين ميلن ملاکڙن ۽ اهڙن ٻين موقعن تي پنهنجي ٽوليءَ سان ڳڻ سر وکيريندو هو اڳتي هلي سيد مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ کيس ريڊيو تي متعارف ڪرايو رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ هن لوڪ فنڪار جو ذڪر پنهنجي آتم ڪٿا "ڪيئي" ۾ ڪيو آهي هن 16 جون 2009ع تي وفات ڪئي

غلام محمد جنجهي

غلام محمد جنجهي ٿر جو مشهور شاعر، نثرنويس ۽ فريڊم فائٽر هو هن جو جنم 1921ع ڌاري مٺي تعلقي جي ڳوٺ وڪڙٽي ۾ ٿيو سندس والد عثمان ڏڳن جو واپاري هو ۽ هندستان جي ڏورانهن علائقن تائين واپار ڪندو هو غلام محمد ناظره قرآن شريف ۽ سنڌيءَ جا بہ درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو وڌيڪ تعليم هندستان جي شهر احمدآباد ۾ حاصل ڪري گجراتي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين هو پنهنجي دور جو هڪ پختو شاعر هو هن سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي سندس شاعريءَ جو مجموعو "ويڇها ٿيا وصال کي" سندس وفات کان پوءِ شايع ٿيو هن نثر ۾ بہ گهڻو ڪجهہ لکيو سندس اڻڇپيل ڪتابن ۾ "وساريان نہ وسرن" (لغات)، "رتن ڪٿا ريت جا" (مضمون)، "ساٿيهہ جنهن ساريو" (شاعري)، "سير سولي تن کي" (آتم ڪٿا) ۽ "پلو جٿليو پاٽين" (پاٽي قبيلي جو شجرو) شامل آهن سياست ۾ بہ حصو ورتائين پهريائين ڪانگريس ۾ شامل ٿي آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو ورتائين ان بعد مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪجهہ عرصي تائين جماعت اسلاميءَ جي ويجهو رهيو ٿر جي ارباب خاندان سان بہ سندس سٺا تعلقات هئا هن 16 جون 2010ع تي هن فاني دنيا مان هميشہ لاءِ موڪلايو

حسن درس

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي سرموڙ شاعر حسن درس جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 5 سيپٽمبر 1966ع تي ٽنڊي الهيار تعلقي جي ڳوٺ مشائخ هوتيءَ ۾ ٿيو هو اٺين ڪلاس تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان مسلم اسڪول ٽنڊي الهيار

بقايا 1 ڌرڻو

ان موقعي تي اڳواڻن ۽ شهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هنگورجا ۾ بدامني عروج تي پهتل آهي جتي چورين ڦرون ۽ ٻين ڏوهن جون وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون آهن هنن الزام هنيو ته پوليس انتظاميا ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، جنهن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙن چيو ته افسوس جو هاڻي شهر جون نياڻيون ۽ عورتون به محفوظ ناهن رهيون جن کان به هٿيار بند جوابدار ڦرلٽ جون وارداتون ڪري رهيا آهن هنن چيو ته تازي واقعي ۾ عورتن کان ڦرلٽ ڪندڙ جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن جنهن ڪري شهرين ۾ سخت بيچيني ۽ خوف پکڙيل آهي هنن مطالبو ڪيو ته عورتن کان ڦرلٽ ڪندڙ جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ متاثر خاندانن کان ڦريل سمورو سامان ۽ نقد رقم واپس ڪرائي وڃي احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا پورا نه ڪيا ويا ۽ ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي احتجاجي ڌرڻي ۾ ايس ايچ او هنگورجا اقبال ٽون ڌرڻي واري هنڌ پهچي شهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ عورتن کان ڦرلٽ واقعي جا جوابدار گرفتار ڪري ڦريل واپس ڪرائڻ جو واعدي ڪري احتجاجي ڌرڻو ختم ڪرائي ڇڏيو.

بقايا 2 اسپتال منتقل

پيو واقعي کان پوءِ موجود ماڻهن فوري طور زخمي پوڙهيت کي ڪٺي اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن سندس علاج شروع ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 3 مظاهرو

آهي ته حڪومت ۽ رياستي ادارا ڇا انهن اغواڪارن تائين پهچي نٿا سگهن ڇا؟ اسان ته جمهوري انداز ۾ هڪ مهيني کان پرامن احتجاج ڪري سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ گهر ڪري رهيا آهيون هنن سعيد ميمڻ جي فوري بازيابيءَ جو مطالبو ڪيو هنن چيو ته سعيد ميمڻ جي اغوا سبب پوري سنڌ ۾ احتجاج ٿي رهيا آهن هينئر اها اغوا پوري سنڌ جو مسئلو ٿي ويو آهي ۽ سندس مٽن مائٽن سان گڏ پوري سنڌ سخت پريشان آهي اها پريشاني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ 19 جون جمع ڏينهن شٽربند هڙتال ڪري نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو ۽ سڀاڻي 16 جون تي ڊسٽرڪٽ بار نوشهرو فيروز کان مين روڊ سورو تائين ريلي ڪڍي ويندي

بقايا 4 ڌرڻو

روز جو معمول بڻجي ويون آهن جڏهن ته پوليس شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي مظاهرين مطالبو ڪيو ته نوجوان ڪامران ميمڻ جي قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان بحال ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 5 ڌرڻو

حصي جو پاڻي نه ملڻ سبب هڪ طرف واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ آهي ٻي پاسي وري انجنيئر معظم لوهر ايس ڊي او عبدالمجيد نائچ ۽ داروگا غير قانوني سوگا واٽر ڪورس هٿي پاڻي بااثرن کي وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن ڪري هن وقت تائين نرلي مائينر سيهڙ واهه لنڊ مائينر گاجي مائينر جي پڇڙي تائين پاڻي نه پهچي سگهو آهي فصل سڙي رهيا آهن پڇڙي جون هزارين ايڪڙ زمينون بنجر بڻجي ويون آهن پر آبپاشي کاتي جا آفيسر گهوٽڪي ضلعي جا چونڊيل نمائندا توڙي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آبادگارن جي مسئلن کان لاتعلق بڻيل آهن هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي ٻن ڏينهن اندر گهوٽڪي ضلعي جي سمورن واهن ۽ شاخن جي پڇڙي تائين پاڻي پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ جروار کان ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي آفيس تائين ريلي ڪڍي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي آفيس جو گهيراءُ ڪيو ويندو ٻي پاسي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن کي ميرپور ماٿيلو پوليس پاران هراسان ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو هو جڏهن ته آبادگارن پوليس جي هڪ ڳالهه نه ٻڌي پنهنجو احتجاج جاري رکيو بعد ۾ ٻن ڏينهن جو الٽيميٽم ڏئي احتجاج ختم ڪيو ويو.

بقايا 6 ڌرڻو

نه ڇڏيو ويندو تيستائين ڌرڻو جاري رهندو صبح کان لڳل ڌرڻو 6 ڪلاڪ گذرڻ بعد ايس ڊي او آبپاشي ماتلي سب ڊويزن فيضان جوڻيجو ۽ ٻين آبپاشي عملدارن ڌرڻي واري هنڌ پهچي آبادگار اڳواڻن نواب نظاماڻي سيد حسن علي شاهه ۽ ٻين سان ڪامياب ڳالهيون ڪري سندن جائز مطالبا مڃي ڌرڻو ختم ڪرايو جڏهن ته مسلسل 6 ڪلاڪن کان لڳل ڌرڻي سبب روڊ مڪمل بند هجڻ ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان سوين مسافر ۽ مال بردار گاڏيون ڦاسي پيون جنهن سبب مسافر سخت پريشان نظر آيا.

بقايا 7 مظاهرو

ڪراچي جي رهواسي مهاجرن کي ڪوڙن ڪاتن ذريعي سندن زمين جو ڪاتو بدلي ڪري اسان سان ظلم ڪيو آهي اسان صدين کان ڳوٺ ۾ آباد آهيون پر روينيو کاتو ٽنڊوباگو اسان کي بااثر ماڻهن جي چرچ تي بي دخل ڪرڻ ٿو چاهي اسان انصاف ڪري ڪيل ڪوڙا کاتا ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ هفتي بعد مختيار ڪار ٽنڊوباگو جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو ٻي طرف ڳوٺ علي احمد پنهور ۽ ڳوٺ سليمان پنهور جي رهواسين پڻ روينيو کاتي ٽنڊوباگو خلاف احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو آهي ته روينيو کاتي ٽنڊوباگو جي مختيار ۽ حد جي تپيدار عبدالله سومرو پاران مبينا طور اسان جي سروي نمبر 254 جون 16قسطن ٻيار ۽ آهڙو اي فارم پڻ اسان وٽ موجود هجڻ باوجود روينيو کاتي ٽنڊوباگو مبينا طور وڏي رشوت وصول ڪري اسان جي سروي نمبر تبديل ڪري اسان سان ظلم ڪيو آهي هنن موجب روينيو کاتي سروي نمبر 269 جيئن ۾ اسان جا گهر مسجد ۽ بجلي ٿنڀا هجڻ باوجود اسان جي سروي نمبرن کي ختم ڪري بااثر ماڻهن کي ڪوڙا کاتا ڪري الاٽ ڪري وڏي زيادتي ڪئي آهي ڳوٺاڻن موجب روينيو کاتي جو تپيدار عبدالله سومرو ته جي ڪجهه ماڻهن سان ملي ڪري زمين خالي ڪرڻ يا وري عيوضي ۾ لکين روپيه مبينا طور رشوت طلب ڪئي پئي وڃي ,ڳوٺاڻن موجب اگر هفتي اندر انصاف نه ڏيوت اسان سمورا ڳوٺاڻا مختيار ڪار روينيو ٽنڊوباگو جي آفيس اڳيان احتجاج ڪندي ڌرڻو هڻنداسين ,ٻي طرف مزڪوره ساميءَ ۾ موقف لاءِ مختيار ڪار ٽنڊوباگو سان فون ذريعي رابطو ڪيو ويو پر صاحب فون اٽينڊ نه ڪئي ,ٻي طرف حد جي تپيدار عبدالله سومرو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ت اسان جو ڪوب ڏوهه نه آهي اسان آءِ ڊي سي ون جي حڪم تحت مزڪوراه ڪاتا بدلي ڪيا آهين

بقايا 8 سزا

عثمان جاگيراڻي احمد جاگيراڻي گل محمد ۽ ممتاز علي جاگيراڻي ۽ 3 اڻڄاتل جوابدارن مٿان ڪنگا ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪندي موقف اختيار ڪيو هو ته جوابدارن سندس ڪرياني جي دڪان تي چڙهائي ڪري بعد ۾ سندس گهر ۾ گهڙي 2 لک روپيا روڪ رقم 4 تولا سونا زيور ڪپڙا سميت ٻيو قيمتي سامان جي ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا آهن هوڏانهن سزا بعد پوليس سمورن جوابدارن کي هٿڪڙيون هڻي لاڙڪاڻو سينٽرل جيل منتقل ڪري ڇڏيو

بقايا 9 ڦري ويا

ڪيمرائون لڳل هجڻ باوجود ڦورو آسانيءَ سان ڦر ڪري فرار ٿي ٿا وڃن هنن ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کي اپيل ڪندي چيو ته جلد دڪاندارن کان ڦريل رقم واپس ڪرائي ملوث ڦورن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا 10 احتجاج

آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن بيواهه عورت زاهده خاتون پنهنجي ڌيءَ رخسانه نٿاڻ سدوراڻ ۽ پٽ نياز حسين ملاڻو سان گڏجي ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته اسان انتهائي غريب مسڪين آهيون جڏهن ته منهنجو پٽ جاويد علي ملاڻو گذريل 10 سالن کان وٺي لاڙڪاڻي ۾ ٻارن جي جهولن تي پورهيو ڪري گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهي هن الزام لڳايو ته 20 ڏينهن اڳ الهه آباد ٿاڻي جي پوليس نانگي شاهه چونڪي پرسان پورهيت پٽ جاويد ملاڻو کي بيگناهه گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن بابت پوليس اسان کي ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهي اهڙي ڏانهن اسان ايس ايس پي آفيس ۾ پڻ ڏني آهي، پر تنهن باوجود پٽ کي آزاد ناهي ڪيو ويو، جنهن سبب اسان سخت پريشان ٿي ويا آهيون ته پٽ ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهي هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي الهه آباد ٿاڻي جي پوليس کان پڇاڻو ڪرڻ سان گڏ پٽ کي آزاد ڪرائي ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 11 پريشان

آهن ان سلسلي ۾ گهران نڪرڻ بعد مبينا طور گم ٿي ويل نينگري جي چاچي برڪت علي شيخ لاڙڪاڻو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته منهنجي 13 ورهين جي ڀائٽي 8 ڪلاس جي شاگرديائي بشريٰ شيخ ڪالهه گهران نڪرڻ بعد گم ٿي وئي، جنهن جي ڳولا ڪرڻ سان گڏ اهڙو اطلاع حد جي دڙي ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو آهي، پر تنهن باوجود سندس ڪوم ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو هن چيو ته اسان کي شڪ آهي ته ڀائٽي کي ڪو ماڻهو ورغلائي اغوا ڪري ويو آهي، جڏهن ته خدشو آهي ته نياڻي سان ڪجهه به ٿي سگهي ٿو جنهن ڪري اسان سخت پريشان آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ ڪهرام مچل آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي نياڻي کي بازياب ڪرائي ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 12 سڙي زخمي

چانهه گرم ڪري رهيو هو ته اوچتي گيس سلينڊر سلينڊر ڌماڪي سان ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ محمد صالح جمالي سندس گهر واري سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن

بقايا 13 ٿاري قتل

ڏانهن روانا ٿي ويا، ٻئي پاسي علائقي ۾ چوٻول آهن ٿاري مريم کي ڀاءُ عابد علي بروهي نوجوان عبدالنبي ڪڪراٺي سان ڪارنهن جو الزام ڏئي قتل ڪيو آهي هوڏانهن آخري اطلاعن تائين حد جي مولاداد ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 14 چنڊ

بينچ ۾ درخواستگذار مسمات نجمه شاهاڻي پنهنجي وڪيل ايڊوڪيٽ نصرالله خاصخيلي معرفت داخل ڪرايل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته 18مهينن جي بارڙي راڻي کي پرائيويٽ ماڻهو سهڙو مائٽ سندس گهر مان اغوا ڪري ويا آهن 17 مارچ 2026 تي کڻي ويا آهن هو ڏيڻ لاءِ تيار ناهن گذريل 2 ٻڌڻين تي جاچ آفيسر توڙي ايس ايس ايچ ۽ ڊي ايس پي وقت ورتو بارڙي پيش نه ڪئي عدالت ۾ ايس ايس پي دادو صدام خاصخيلي ٻڌايو ته اسان چاڻايل معاملي تي ايف آءِ آر داخل ڪيون آهن بارڙي جي بازيابي لاءِ وقت ڏنو وڃي عدالت پاران ريمارڪس ڏنا ته بارڙي 18 مهينن جي راڻي جي ڳولها جو معاملو ايڏو وڏو آهي جو اوهان وقت پيا گهرو؟ دادو سان گڏريل به پيرا جاچ آفيس ايس ايچ او ڊي ايس پي لکي ڏکي ويا ته بازياب ڪرايون ٿا اوهان به آفيس ڇڏي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ پهتا آهيو ته وقت ڏيو؟ بارڙي جي بازيابي ۾ ڪهڙي طاقتور ڌرين جي رڪاوٽ آهي ڇا اوهان عدالت کي ٻڌائي سگهو ٿا؟ عدالت جو ايس ايس پي دادو کان سخت پڇاڻو ايس ايس پي دادو عدالت کي ٻڌايو ته اسان لاڳاپيل ڪيس متعلق ڪيس به داخل ڪيا آهن معاملو دادو ۽ نوابشاهه سان گڏيل آهي انهي ڪري دير ٿي رهي آهي وقت ڏيو عدالت ريمارڪس ڏنا ته معصوم بارڙي راڻي کي اغوا ٿئي 3 مهينا ٿي ويا آهن پر پوليس پاران ڪيس ۾ اڃا تائين ڪا به اڳڀرائي نه ڪئي وئي آهي هاڻي خاتر پوري نه هلندي معصوم بارڙي اغوا ڪيس ۾ پوليس عملدار رڳو عدالت کان مهلت ٿا گهرن ڇا هنن کي ڪم ناهي ڪرڻو؟ عدالت ۾ اچي اهو ٻڌايو ٿو وڃي وقت ڏنو وڃي اسان ڳولا ڪريون پيا هاڻي ائين نه هلندو بارڙي اغوا ڪيس ۾ پوليس عملدار ساڳيون رپورٽون پيش پيا ڪن ڪيس ۾ پيش رفت ناهي معصوم نياڻي راڻي اصل آهي ڪٿي؟ هر پيري رڳو پوليس جا عملدار رڳو صحيحن تائين محدود آهن اغوا ڪيس ۾ رڳو جاچ آفيسر تبديل پيا ٿين هاڻي ائين نه هلندو پيش رفت ڏيو؟ ماڻهو عدالتن جا چڪر ڪاٽين پيا انصاف ڪيئن ملندو؟ معصوم بارڙي 2 ڏينهن اندر بازياب ڪري عدالت ۾ پيش ڪريو بازياب نه ٿيڻ جي صورت ۾ گهرو کاتي جي منسٽر ۽ سيڪريٽري کي پوليس جي اهليت بابت خط لکنداسين پوءِ معصوم بارڙي راڻي بازياب ٿي ويندي عدالت ٻڌڻي 2 ڏينهن تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 15 آپريشن

هو ته ڪوم گهر تجارتي توڙي صنعتي ۽ ٻين کي چيو هو ته غيرقانوني بجلي نه هلايو اسان هڪ بجلي چور کي پڪڙيو جيڪو برف جي شين لاءِ چار پنج فرجون هلائي پيو جنهن کي پوليس حوالي ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي

بقايا 16 مطالبو

سندس نوجوان پٽ محمد حنيف ڪوراڻي تي تشدد نشانو بڻايو ويو ۽ پاڻ سان گڏ وٺي وئي هن چيو ته هو قرآن پاڪ کڻي قسم کڻي چوي ٿو ته سندس پٽ خلاف ڪنهن به قسم جو ڪيس داخل ٿيل ناهي ۽ هو غريب هاري آهن ڪين خبر ناهي ته پوليس سندن خاندان سان اهڙو رويو ڇو اختيار ڪيو احتجاج ڪندڙن گهرو وزير ضياءالحسن لنجار آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ,ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد فيصل بشير ميمڻ ، ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل کوسو ۽ ڊي ايس پي سورو ڊاڪٽر فائزا سوڍر کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف، غيرجانبدار ۽ منصفاڻي جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سندن خاندان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 17 احتجاج

سزا ڏني وڃي ۽ اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 18 مظاهرو

ڪيترائي سوال ذهنن ۾ اڀاري ٿي هنن چيو ته جامشورو شهر سڄي ملڪ تعليمي ۽ ادبي حساب سان ڄاتو وڃي ٿو ۽ پوري دنيا کان علم پرائڻ لاءِ هتي شاگرد اچن ٿا ۽ انهي شهر ۾ کلي عام شراب جو گٽو هلندو هجي اهو اسان جي منهن تي وڏي چماٽ آهي اهو پوري معاشري لاءِ وڏو نقصان آهي هنن چيو ته بار بار احتجاجن ۽ شڪايتن کان پوءِ به ڪارروائي نه ٿيڻ تي ذهن ۾ هزار سوال جنم وٺن ٿا جتي اهو دائر ڇڏيو پيو وڃي ته شراب جي گٽي پويان وڏا مضبوط هٿ آهن جيڪي لين ڏين ذريعي هلي رهيا آهن جنهن جي ڪري ئي ڪوبه قدم نه ٿو کنيو وڃي هنن چيو ته اهڙين الزامن جي تصديق ٿيڻ کپي جن جي وسيلي شراب جي گٽي کي ڇوٽ مليل آهي هنن خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن شراب جو گٽو بند نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو پوءِ جيڪي به احتجاج ريليون ۽ سخت عوامي رد عمل مليو ته ان جو ذميوار ضلعي انتظاميا ۽ قانون نافذ ڪرڻ وارا ادارا هوندا.

بقايا 19 زخمي

ڪري اسان جي ٽن نوجوانن کي زخمي ڪيو آهي پوليس انتظاميا مخالفن سان هٿ ٺوڪيل آهي هنن مطالبو ڪيو آهي ت جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 20 احتجاج

گذاري رهيا آهيون پر اسان کي هتي رهڻ نٿو ڏنو وڃي هنن چيو ته اسان هتي 2022 کان رهائش پذير آهيون مخدوم هائوس هالا ۾ فيصلو به ٿيل آهي پر ان تي عمل نٿو ڪيو وڃي هنن الزام هڻندي چيو ته پوڙهو ڏاهري، امجد ڏاهري، جاڙو ڏاهري ۽ ٻين گهر تي حملا ڪري گهرن کي باهيون ڏئي ساڙڻ بعد ڦرلٽ ڪري ويا آهن جنهن ۾ به تولا سونا زيور ۽ ڏيڍ لک روپيا روڪ ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا آهن ۽ گهرن جا گارڊن ٽيڪن ڪٽون پڻ زبردستي کڻي ويا آهن هنن چيو ته هر روز هٿيار بند اچي ڌمڪيون ڏين ٿا اسان سان وڏو ظلم آهي اسان جي مدد ڪئي وڃي، هنن چيو ته سرڪاري بند تي ويهڻ جا پيسا پڻ گهريا پيا وڃن هتي پيا به ڪوڙ سارا ماڻهو رهن ٿا پر صرف اسان هنن کي هٽائڻ لاڏايو وڃي پيو هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته فوري نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 21 احتجاج

خلاف ڪو قدم نه ٿو کنيو وڃي هنن چيو ته آخر ڪيستائين اهو سلسلو هلندو پوليس کي گناهگارن جي خلاف قدم کڻڻو پوندو نه ته عوام باغي ٿي پاڻ ڪارروايون ڪندو ۽ ان عمل ۾ جيڪڏهن ڪوبه اڻوڻندڙ واقعو پيش آيو ته ان جو ذميوار پاڻ پوليس هوندي.

بقايا 22 ڪيس داخل

ڪيسن ۾ پڻ گهربل آهي قانوني گهرجون پوريون نه ٿيڻ سبب واقعي جي جاچ ڪندڙ پوليس پارٽي اڃا تائين جوابدارن جي ڳولا لاءِ پنجاب روانو نه ٿي سگهي آهي

بقايا 23 ڦري ويا

گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون پيون وڃن

بقايا 24 مطالبو

کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن الزام هنيو ته ترقياتي ڪمن ۾ معيار جو خيال نه رکيو ويو جنهن سبب عوام کي سهولت ملڻ بدران وڌيڪ مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن رهواسين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ترقياتي ڪمن جي جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ نامڪمل پيل نالين جو ڪم جلد مڪمل ڪرائي گندي پاڻي جي نيڪال جو مسئلو حل ڪيو وڃي

بقايا 25 قبضو

تعليمي سلسلو بنا ڪنهن رڪاوٽ جي بحال ڪيو وڃي

بقايا 26 غور ويچار

بڻائڻ ۽ مجموعي انتظامي معاملن جو جائزو ورتو هو اجلاس دوران مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جي روٽن تي صفائي سترائي، بجلي ۽ گئس جي فراهمي ۽ لوڊشيڊنگ جي مسئلن تي تفصيلي غور ڪيو ويو ان سان گڏ سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ فول پروف سيڪيورٽي پلان تيار ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو آدم حنين طارق شاهاڻي چيو ته محرم الحرام دوران امن امان جو قيام ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ انتظاميه جي اولين ترجيح آهي هن چيو ته مجلسن ۽ جلوسن جي روٽن تي سمورين بنيادي سهولتون بروقت فراهم ڪيون وينديون جڏهن ته سيڪيورٽي ادارن سان مڪمل رابطي ذريعي فول پروف سيڪيورٽي پلان تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته محرم الحرام دوران مذهبي هم آهنگي برداشت ۽ گڏيل احترام کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي جنهن لاءِ سمورن مڪتبه فڪر جو تعاون انتهائي اهم آهي اسسٽنٽ ڪمشنر لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته سمورا انتظامي ۽ عوامي مسئلا فوري طور تي حل ڪيا وڃن ۽ مجلسن ۽ جلوسن جي روٽن تي بنيادي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي

بقايا 27 مظاهرو

۽ مان ڪرياني جي هول سيل جو دڪان هلائي گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان هن الزام لڳايو ته گذريل خميس جي ڏينهن منجهند ڌاري ممتاز ڪالوني پوليس چونڪي جي انچارج ذوالفقار لغاري خانگي ڊريس ۾ اچي پاڙي ۾ قائم پيپلز پارٽي جي يونٽ آفيس کي زبردستي کولي سامان جي پيچ ڊاهه ڪرڻ بعد منهنجي پٽ ستار علي کهاوڙ سميت ٻن ڄڻن مٿان هٿيار تاڻي ڌمڪيون ڏنيون اهڙي شڪايت اسان ڊي ايس پي حيدري احمد بخش راهوجو کي ڪئي جنهن معاملي جي انڪوائري جو حڪم ڏنو جنهن کان پوءِ گذريل رات ايس ايچ او الهه آباد اختر حسين لهر ذوالفقار لغاري پوليس اهلڪارن سان گڏجي منهنجي ڪرياني جي دڪان تي چڙهائي ڪري ڏيڍ لک روپيه روڪ رقم ۽ 2 موبائيل فونون کڻي اسان کي ڌمڪيون ڏنيون جيڪا وڏي ناجائزي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته ايس ايچ او الهه آباد اختر حسين لهر چونڪي انچارج ذوالفقار لغاري ۽ ٻين اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري روڪ رقم ۽ موبائيل فونون واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻئي طرف ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري اهڙي معاملي جو نوٽيس وٺندي ايس ايچ او الهه آباد اختر حسين لهر کي پنهنجي آفيس ۾ طلب ڪري معاملي جي جاچ لاءِ ڊي ايس پي حيدري احمد بخش راهوجو کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 28 منتقل

سڃاڻپ بعد ڪيس وارثن حوالي ڪيو ويندو

بقايا 29 مظاهرو

پروفيسر پيمراج چيو ته ٿرڪول انتظاميا پاران گوڙانو ڊيم بند ڪرڻ بابت جيڪي خاطريون ڪرايون ويون هيون انهن تي عمل ٿي رهيو آهي ڪمپني واعدو ڪيو آهي ته ڊيم مڪمل ختم ڪري بعد اتي وڻ پوکيا ويندا ڊيم اندر پاڻي ڇوڙ گهٽايو پيو وڃي جنهن سبب کوهن ۾ سيپيج گهٽجي رهيو آهي هن چيو ته ٿر ۾ مضبوط ۽ واضح عوامي پاليسي جي کوٽ سبب مقامي ماڻهو مسلسل ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن ٿرڪول منصوبن سبب متاثر ٿيندڙ آبادين کي زمين پاڻي لڏپلاڻ سميت روزگار رائلٽي ۽ بنيادي حقن جي حوالي سان شديد مسئلا درپيش آهن پر انهن جي داد رسي لاءِ ڪو به موثر قدم نه کنيو ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ضلعي ريڊريسل ڪاميٽي عوامي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجي ذميوارين نڀائڻ ۾ ناڪام رهي آهي ريڊريسل ڪاميٽي ۾ مقامي متاثر ماڻهن جي نمائندگي يقيني بڻائڻ گهرجي جڏهن ته موجوده ڊمي ريڊريسل ڪاميٽي کي اسين مڪمل طور رد ڪريون ٿا هنن وڌيڪ چيو ته ريلوي ٽريڪ جي تعمير سبب ڪيترن ئي ڌرتي ڌڻين کي بنا مناسب معاوضي ۽ متبادل انتظامن جي پنهنجي اباڻن گهرن ۽ زمينن تان لڏڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي ساڳئي وقت اسلام ڪوٽ جهڙي اهم شهر کي ماڊل سٽي بڻائڻ بدران منشيات،چورين ۽ ٻين سماجي برائين جي ور چاڙهي تباهيءَ ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي،ٿرڪول متاثر اڳواڻن اعلان ڪيو ته ٿر جي عوام جي حقن وسيلن،ماحولياتي تحفظ ۽ بنيادي مطالبن جي مڃتا لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي،هنن چيو ته ٿر جي حقن وسيلن ۽ عوامي مفادن جي تحفظ لاءِ گڏيل آواز بلند ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي،پوري ٿر ڪول جي پروجيڪٽ سبب ٿر ماحولياتي تباهي جي ڪناري تي پهتو آهي،ٿرڪول پروجيڪٽ جي ماحولياتي سماجي اثرات جي تحقيقي رپورٽون نه هجڻ ڪري ماڻهو ڌرتيءَ تان دربدر ٿي رهيا آهن،ٿرڪول جي ٻنهي بلاڪن جي مائننگ سبب جر جو پاڻي ختم ٿي چڪو آهي،ريلوي جي لائين وڇائڻ سبب ڪيترن ئي ڳوٺن جو پاڻ ۾ زميني رابطو به ڪٽجي ويو آهي نه ئي ريلوي جي زمينن جا معاوضن جي ادائيگي ڪئي وڃي ٿي نه مقامي ماڻهن کي انهن منصوبن ۾ ڪا فائدو ٿيو آهي،هنن چيو ته ٿرڪول جي ڪاٿين ۽ پاور پلانٽ لاءِ پاڻي آهي پر ڪوئلي جي متاثر پاڻي جي ڦڙي لاءِ پريشان آهن،هنن چيو ته اسين ٿر واسي ڪوئلي کان پوءِ وڏي عذاب هيٺ آهيون هڪ ته پاڻي پيئڻ لاءِ ناهي مٿان وري اسان جي برساتن سبب ترائين ۾ پاڻي گڏ ٿيندو آهي،جيڪو به ريلوي جي ڪمپني ترائين کي ختم ڪري رهي آهي اڳواڻ پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته اسان پنهنجي مقصد لاءِ هر جمهوري ۽ قانوني فورم تي آواز اٿارينداسين.

بقايا 30 پاڻي ڪارو

آهي ته شاخن ۾ فوري طور پاڻي فراهم ڪيو وڃي ته جيئن فصلن کي بچائي سگهجي ۽ زرعي سرگرميون بهتر بحال ٿي سگهن

بقايا 31 منظوري

جي به منظوري ڏني وئي آهي اهڙو فيصلو سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي بورڊ آف ٽرسٽيز جي اجلاس ۾ ڪيو ويو اجلاس ۾ ڪاليجن واري کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز واري کاتي جي سيڪريٽري عباس بلوچ اسڪول ايجوڪيشن واري کاتي جي سيڪريٽري زاهد عباسي SEEFجي سيڪريٽري اقبال جماڻي سميت بورڊ جي ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته SEEF تحت سنڌ جي شاگردن ۽ شاگرديائين کي ملڪ جي 92 سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وظيفا فراهم ڪيا پيا وڃن وڌيڪ ٻڌايو ويو ته جون 2026 تائين فنڊ جي مجموعي سيڙپ 12 ارب 616.7 ملين رپين تائين پهچي چڪو آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت هر سال فنڊ ۾ 2 ارب رپين جو اضافو ڪري رهي آهي ته جيئن وڌ کان وڌ شاگردن کي اعليٰ تعليم جا موقعا فراهم ڪري سگهجن اجلاس ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو ته 2002ع ۾ قائم ڪيل سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ جي سهائتا سان هيل تائين 42 هزار 169 شاگرد ۽ شاگرديائيون ملڪ جي مختلف يونيورسٽين مان اعليٰ تعليم مڪمل ڪري چڪا آهن ان موقعي تي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ صوبي جي غريب، محنتي ۽ باصلاحيت نوجوانن جي خوابن کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ جو هڪ اثرائتو ذريعو آهي هن چيو ته معاشي مشڪلاتون ڪنهن به شاگرد جي تعليم ۾ رڪاوٽ نه بڻجڻ گهرجن ۽ سنڌ حڪومت ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي ته هر قابل شاگرد کي سندس صلاحيتن موجب اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا حاصل ٿين هن چيو ته جديد دور جي گهرجن کي نظر ۾ رکندي اسڪالرشپن جو دائرو انهن شعبن تائين وڌايو وڃي جن جي مستقبل ۾ قومي ۽ عالمي سطح تي وڌيڪ ضرورت هوندي، ته جيئن سنڌ جا نوجوان نه رڳو معياري تعليم حاصل ڪن پر روزگار ۽ ترقي جا بهتر موقعا پڻ حاصل ڪري سگهن. تعليم واري وزير هدايت ڪئي ته اينڊومينٽ فنڊ جي سيڙپڪاري واري نظام جو بيهر جائزو ورتو وڃي ۽ ان کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي ته جيئن حاصل ٿيندڙ منافعي ۾ اضافو ڪري وڌيڪ شاگردن ۽ شاگرديائين کي وظيفا فراهم ڪري سگهجن هن SEEF جي سموري نظام کي جديد بنيادن تي ڊجيٽلائيز ڪرڻ ۽ شفافيت ۽ احتساب کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ ٿرڊ پارٽي آڊٽ ڪرائڻ جي به هدايت ڪئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته يونيورسٽين ۾ اسڪالرشپن جو اثر وڌائڻ بابت SEEF جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي سفارشون تيار ڪري بورڊ آڏو پيش ڪندي انهن سفارشن ۾ وڌيڪ يونيورسٽين جي شموليت، يونيورسٽين کي فراهم ڪيل اسڪالرشپن جي اثرائتي استعمال جو جائزو نون تعليمي شعبن جي شموليت بابت تجويزون ۽ وظيفن جي نظام کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جا قدم شامل هوندا. سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه اجلاس ۾ يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي بورڊ ميمبرن طور غيرحاضري تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته بورڊ جي اجلاسن ۾ وائيس چانسلرن جي فعال شرڪت کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن شاگردن کي درپيش مسئلن، تعليمي ضرورتن ۽ سهولتن بابت اثرائتيون تجويزون سامهون اچي سگهن ۽ وظيفن جي نظام کي وڌيڪ بهتر ۽ مؤثر بڻائي سگهجي

بقايا 32 زخمي

سڃاڻپ جو عمل جاري آهي ٻئي پاسي ناظم آباد نمبر 2 زم زم مسجد پرسان پراسرار فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص زخمي ٿي پيو پوليس موجب زخمي کي فوري طور عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ 34 ورهين جي ڪاشف علي طور ٿي آهي وڌيڪ بلديه ٽائون سيڪٽر 14، ڪري سين اسڪول پرسان گهر اندر پراسرار فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ عورت زخمي ٿي پئي چيبيا اختيارين موجب زخمي عورت کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ 60 ورهين جي فاطمه طور ٿي آهي پوليس مختلف واقعن جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ابتدائي طور تي فائرنگ ۽ حادثن جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ شاهدين کان ڪيون پيون وڃن

بقايا 33 زخمي

اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايچ او سچل ولايت شاهه موجب حادثي کان فوراً پوءِ پوليس ڪارروائي ڪندي ٽرڪ ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي ابتدائي جاچ موجب فوت ٿيل عورت پنهنجي مڙس ۽ ٻار سان گڏ موٽر سائيڪل تي سفر ڪري رهي هئي ته پٺيان کان ايندڙ تيز رفتار ٽرڪ ٽڪر هڻي ڇڏيو حادثي جي نتيجي ۾ عورت حياتي وڃائي ويٺي جڏهن ته سندس مڙس ۽ ٻار معمولي زخمي ٿيا پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 34 ظاهر

هئا ملاقات دوران سنڌ ۾ سيڙپڪاري، سياحت ۽ هاسپيٽيلٽي شعبي جي ترقي تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وڏي وزير غير ملڪي سيڙپڪارن کي هر ممڪن سهولت ۽ مڪمل سهڪار جي يقين ڏياريو سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت سيڙپڪار دوست پاليسين تحت عالمي سيڙپڪارن کي خوش آمديد چوي ٿي هن چيو ته ترڪي جا تجربا سياحت ۽ هاسپيٽيلٽي شعبي جي ترقي ۾ انتهائي فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿا. وڏي وزير سنڌ چيو ته سنڌ حڪومت ترڪي جي سيڙپڪارن سان گڏجي سياحت جي فروغ لاءِ گڏيل منصوبا شروع ڪري سگهي ٿي هن سنڌ جي اهم سياحتي ماڳن جهڙوڪ ڪينجهر ڍنڍ، ننگرپارڪر، گورک هل اسٽيشن ۽ لاڙڪاڻي کي اجاگر ڪندي چيو ته اهي علائقا عالمي معيار جا سياحتي مرڪز بڻجي سگهن ٿا هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پاران مختلف سياحتي هنڌن تي ريسارٽس ۽ موٽل پڻ قائم ڪيا ويا آهن ته جيئن سياحن کي بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن ترڪي جي وفد سنڌ جي سياحتي ۽ هاسپيٽيلٽي شعبي ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ اقتصادي ۽ سياحتي تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ملاقات ۾ گڏيل سيڙپڪاري ۽ ترقياتي منصوبن جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته ثقافت ۽ انويسٽمينٽ کاتن پيڪرا هاسپيٽيلٽي سان چونڊيل منصوبن تي عملي ڪم شروع ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو وڏي وزير سنڌ چيو ته سنڌ ۾ سياحت، ثقافت ۽ سيڙپڪاري جا بي پناهه موقعا موجود آهن جن مان فائدو وٺي سگهجي ٿو هن چيو ته سنڌ حڪومت سياحت کي معيشت جو مضبوط ٿنڀ بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي آخر ۾ ٻنهي ڌرين مستقبل ۾ وڌيڪ ويجهي تعاون جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 35 نڪتو

موجب وارادات جو ماسٽر مائينڊ ڪيش وين جو چيف ڪرو واجد نڪتو آهي، جنهن سڄي وارادات جي رٿابندي ڪئي جاچ موجب واجد ئي ڪيش وين مان رقم ڊبل ڪيبن گاڏي ۾ منتقل ڪرائي، جڏهن ته ڊبل ڪيبن ۾ سوار چارئي جوابدار مسلسل سندس رابطي ۾ هئا پوليس موجب 30 ڪروڙ رپين جي ڦر کان پوءِ چيف ڪرو واجد ڪيش وين جا دروازا ٻاهران لاڪ ڪري فرار ٿي ويو واقعي کان پوءِ واجد ۽ سندس ساٿي شهر مان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جڏهن ته ابتدائي جاچ دوران ڊرائيور ۽ ٻن گارڊن جي ملوث هجڻ جا ثبوت سامهون اچڻ تي ڪين حراست ۾ ورتو ويو آهي جاچ ڪندڙ اختيارين موجب جمعي جي صبح طارق روڊ تي قائم هڪ آفيس مان عملي 20 ٿيلهن ۾ رقم کڻي روانو ٿيو هو رستي ۾ واٽر پمپ واري علائقي ۾ ايس او پيز جي خلاف ورزي ڪندي گاڏي روڪي وئي، جنهن دوران ڦر جي وارادات پيش آئي پوليس واقعي واري هنڌ جي جيو فينسنگ مڪمل ڪرائي ورتي آهي، جڏهن ته جوابدارن جو ڪال ڊيٽا رڪارڊ پڻ حاصل ڪيو ويو آهي جاچ ڪندڙ ٽيم مختلف رخن کان جاچ جاري رکندي فرار ٿيل جوابدارن جي ڳولا ۾ مصروف آهي پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته ڪيش وين ۾ 30 ڪروڙ رپين جي هي ڦر هلندڙ سال جي سڀ کان وڏي وارادات آهي، جڏهن ته ڦريل رقم اڃا تائين برآمد نه ٿي سگهي آهي جاچ جاري آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي ته جلد وڌيڪ اهم گرفتاريون عمل ۾ اينديون

بقايا 36 گرفتار

عبدالقدوس شامل آهن جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته جوابدارن مبينا طور دهشتگرد ڪمانڊر عبدالرحمان جي هدايتن تي مختلف حساس هنڌن ۽ تنصيبات جي ريڪي ڪئي هئي سي ٽي ڊي موجب گرفتار جوابدار ظهير احمد سال 2024ع دوران بلوچستان جي علائقي ساجدي بازار گشڪور ۾ آءِ اي ڊي ڌماڪي ۾ ملوث رهيو جنهن ۾ ايف سي جا اهلڪار زخمي ٿيا هئا. جاچ ۾ اهو به سامهون آيو آهي ته ظهير احمد بي ايل اي جي نالي تي ڀتو خوري ۾ پڻ ملوث رهيو ۽ هن 2024ع ۾ تنظيم جي ٽريننگ ڪيمپ مان تربيت حاصل ڪئي هئي سي ٽي ڊي جو چوڻ آهي ته گرفتار دهشتگرد ڪراچي جي حساس هنڌن تي ممڪن ڪارروائين لاءِ پنهنجن ٻين ساٿين جي اچڻ جا منتظر هئا. ٻئي آپريشن دوران فتنہ الخوارج (FAK) سان تعلق رکندڙ حجت الله ولد ولي الله ۽ حبيب الله ولد بخت حسين کي گرفتار ڪيو ويو سي ٽي ڊي موجب ٻنهي جوابدارن 2024ع ۾ افغانستان ۾ تنظيم جي ٽريننگ ڪيمپن مان تربيت حاصل ڪئي هئي. جاچ اختيارين موجب گرفتار جوابدار تازو ڪمانڊر هدايت الله جي هدايتن تي ڪراچي پهتا هئا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسن ۽ حساس هنڌن جي ريڪي ڪري معلومات پنهنجي هينڊلرز ڏانهن موڪليندا رهيا. هو افغانستان کان ايندڙ هڪ ٻئي گروپ جي انتظار ۾ هئا ته جيئن گڏجي پنهنجن مبينا هدفن تي ڪارروايون ڪري سگهن ڪارروائي دوران 5 عدد 30 بور پستل، وڏي تعداد ۾ گوليون ۽ 2 موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. سي ٽي ڊي موجب گرفتار جوابدارن جو ذڪر مختلف ٿريٽ الرٽ رپورٽن ۾ به موجود آهي،جوابدارن خلاف سي ٽي ڊي ٿاڻي ڪراچي ۾ الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي. سي ٽي ڊي ۽ حساس ادارن جون گڏيل ٽيمون جوابدارن کان حاصل ٿيل ڄاڻ جي بنياد تي وڌيڪ ڇاپا هڻي رهيون آهن ۽ اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي ته جاچ دوران وڌيڪ اهم انڪشاف سامهون ايندا. سي ٽي ڊي ترجمان شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته پنهنجي علائقي ۾ ڪنهن به مشڪوڪ سرگرمي بابت فوري طور سي ٽي ڊي هيلپ لائين 1102 تي اطلاع ڏين ته جيئن بروقت ڪارروائي ممڪن بڻائي سگهجي.

HESCO

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني

اِي پي اي ڊي ايس (EPADS v 2.0) جي ذريعي اِبولين جي دعوت براءِ وڪرو ناڪاره اسڪريپ سامان ناقابل استعمال (Scrap) سامان جو وڪرو بذريعه اِي-نيلامي "جيئن آهي، جتي آهي" (AS IS WHERE IS) جي بنياد تي ميٽيريل مينيجمينٽ) حيسڪو حيدرآباد جي آفيس ۾ منعقد ڪئي ويندي، تفصيل هيٺ ڏنل آهن:

Lot No.	Item Description	Unit	Qty.	Earnest Money / Bid Security (Rs.)
RSH/M/2024/01	IRON SCRAP BRACES	kg	7,000	=314,400/-
	CT PT US	No.	20	
	VEHICLE TYRE US	No.	150	
	VEHICLE BATTERY US	No.	40	
RSH/M/2024/02	IRON SCRAP BRACES	Kg	8,000	=328,985/-
	CT/PT US	No.	20	
	VEHICLE TYRE US	No.	100	
	VEHICLE PARTS US	Kg.	1,159	
RSH/M/2024/03	IRON SCRAP, etc.	Kg	8,000	=134,400/-
	Wooden Scrap	Kg	5,000	
	VEHICLE TYRE US	No.	150	
	VEHICLE BATTERY US	No.	55	
RSH/M/2024/04	IRON SCRAP BRACES	Kg	4,000	=152,250/-
	WOODEN SCRAP	Kg	500	
	ACSR Conductor US	Kg	2,000	
RSH/M/2024/05	IRON SCRAP etc.	Kg	2,000	=246,200/-
	ACSR Conductor US	No.	2,000	
	A.A Conductor US	No.	2,000	
	FAX MACHINE	No.	02	
RSH/M/2024/06	ACSR Conductor US	Kg	3,000	=224,100/-
	IRON SCRAP, TOWER BRACES etc.	Kg	2,000	
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	1,000	
	OCB.VCB TROLLEY US	No.	09	
RSH/M/2024/07	ACSR Conductor US	Kg	3,000	=226,803/-
	HT/LT STRUCTURE US	No.	2,000	
	GENERATOR US	No.	01	
RSH/M/2024/08	ACSR Conductor US	Kg	3,000	=189,000/-
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	
	IRON SCRAP US	Kg	1,000	
RSH/M/2024/09	ACSR Conductor US	Kg	2,000	=167,000/-
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	
	IRON SCRAP etc.	Kg	1,000	
	PVC S/c SCRAP etc	Kg	1,000	
RSH/M/2024/010	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	=185,400/-
	IRON SCRAP etc.	Kg	2,000	
	A.A CONDUCTOR US	Kg	2,000	
	TYPEWRITER US	No.	02	
RSH/M/2024/011	ACSR Conductor US	Kg	2,000	=155,600/-
	IRON SCRAP etc.	Kg	3,000	
	ATB SCRAP US	Kg	1,000	
	132KV LINE ISOLATOR US	No.	04	
RSH/M/2024/012	IRON SCRAP etc.	Kg	2,000	80,900/-
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	
	BATTERY CELL US	No.	95	
	MONITOR WITH KEYBOARD US	No.	02	
RSH/M/2024/013	ACSR Conductor US	Kg	2,000	=206,000/-
	PVC SCRAP etc.	Kg	3,000	
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	
	METER SCRAP	Kg	1,000	
RSH/M/2024/014	ACSR Conductor POOR CONDITION US	Kg	3,000	=187,500/-
	PVC SCRAP US	Kg	2,500	
RSH/M/2024/015	ACSR Conductor POOR CONDITION US	Kg	2,000	=196,000/-
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	
	METER SCRAP	Kg	2,000	
RSH/M/2024/016	ACSR Conductor US	Kg	2,000	=178,000/-
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	
	PANEL BODIES US	No.	10	
RSH/M/2024/017	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	=181,000/-
	METER SCRAP etc.	Kg	1,000	
	A.A CONDUCTOR US	Kg	2,000	
RSH/M/2024/018	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	=65,000/-
	T&P ELECTRIC IRON SCRAP US	Kg	1,000	
	IRON SCRAP US	Kg	2,000	
RSH/M/2024/019	IRON SCRAP etc.	Kg	2,000	=126,975/-
	WOODEN SCRAP	Kg	520	
	ACSR Conductor SCRAP	Kg	2,000	
	SF-6 GAS CYLINDER IRON SCRAP	Kg	55	
RSH/M/2024/020	IRON SCRAP etc.	Kg	2,000	=186,000/-
	ACSR CONDUCTOR SCRAP	Kg	2,000	
	A.A CONDUCTOR SCRAP	Kg	1,000	
RSH/M/2024/021	IRON SCRAP, TOWER BRACES etc.	Kg	2,000	=189,000/-
	ACSR CONDUCTOR SCRAP	Kg	3,000	
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	1,000	
RSH/M/2024/022	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	=139,000/-
	ACSR CONDUCTOR SCRAP	Kg	2,000	
RSH/M/2024/023	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	=139,000/-
	ACSR CONDUCTOR SCRAP	Kg	2,000	
	IRON SCRAP etc.	Kg	1,000	
RSH/M/2024/024	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	=167,000/-
	ACSR Conductor SCRAP	Kg	2,000	
	IRON SCRAP etc.	Kg	1,000	
	PVC S/C SCRAP	Kg	1,000	
RSH/M/2024/025	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	=167,000/-
	A.A CONDUCTOR SCRAP	Kg	2,000	
	IRON SCRAP etc.	Kg	2,000	
RSH/M/2024/026	ACSR CONDUCTOR SCRAP	Kg	2,000	=139,780/-
	IRON SCRAP etc.	Kg	2,000	
	ATB SCRAP POOR CONDITION	Kg	1,060	
RSH/M/2024/027	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	=65,000/-
	IRON SCRAP	Kg	2,000	
RSH/M/2024/028	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	=139,000/-
	ACSR Conductor SCRAP	Kg	1,000	
	PVC SCRAP etc.	Kg	1,000	
	METER SCRAP	Kg	1,000	
RSH/M/2024/029	ACSR Conductor SCRAP	Kg	2,000	=115,000/-
	PVC SCRAP	Kg	1,000	
RSH/M/2024/030	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	=161,000/-
	ACSR CONDUCTOR SCRAP	Kg	2,000	
	METER SCRAP	Kg	1,000	
RSH/M/2024/031	ACSR Conductor SCRAP US	Kg	1,000	=89,000/-
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	
RSH/M/2024/032	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	=134,000/-
	METR SCRAP	Kg	1,000	
	A.A CONDUCTOR SCRAP	Kg	1,000	
RSH/M/2024/033	HT/LT STRUCTURE US	Kg	3,000	=52,000/-
	T&P ELECTRIC IRON US	Kg	1,000	
RSH/M/2024/034	HT/LT STRUCTURE US	Kg	5,500	=89,414/-
	T&P ELECTRIC IRON US	Kg	1,378	
RSH/M/2024/035	IRON SCRAP US	Kg	3,000	=274,000/-
	ACSR Conductor SCRAP POOR CONDITION	Kg	2,000	
	METER SCRAP US	Kg	1,000	
	CT/PT US	No.	10	
RSH/M/2024/036	IRON SCRAP etc. US	Kg	3,000	=274,000/-
	ACSR Conductor SCRAP POOR CONDITION	Kg	2,000	
	METER SCRAP US	Kg	1,000	
	CT/PT US	No.	10	
RSH/M/2024/037	IRON SCRAP US	Kg	3,000	=28,800/-
	ACSR Conductor SCRAP POOR CONDITION	Kg	2,000	
	METER SCRAP US	Kg	1,000	
	PANEL BODIES US	No.	05	
RSH/M/2024/038	IRON SCRAP US	Kg	3,000	=169,000/-
	ACSR Conductor SCRAP POOR CONDITION	Kg	2,000	
	PVC SCRAP US	Kg	2,000	
RSH/M/2024/039	A.A CONDUCTOR US	Kg	2,000	=183,500/-
	PVC SCRAP US	Kg	2,500	
	HT/LT STRUCTURE US	Kg	2,000	
RSH/M/2024/040	HT/LT STRUCTURE US	Kg	10,000	=145,000/-
	PVC SCRAP US	Kg	1,000	
RSH/M/2024/041	HT/LT STRUCTURE US	Kg	10,000	=287,500/-
	PVC SCRAP US	Kg	2,500	
	A.A CONDUCTOR US	Kg	2,000	
RSH/M/2024/042	HT/LT STRUCTURE US	Kg	10,000	=250,000/-
	A.A CONDUCTOR US	Kg	2,000	
RSH/M/2024/043	IRON SCRAP US	Kg	2,000	=296,000/-
	ACSR Conductor SCRAP POOR CONDITION	Kg	3,000	
	METER SCRAP US	Kg	2,000	
	CT/PT US	No.	05	
RSH/M/2024/044	IRON SCRAP US	Kg	2,000	=246,000/-
	ACSR Conductor SCRAP POOR CONDITION	Kg	3,000	
	METER SCRAP US	Kg	2,000	
	CT/PT US	No.	05	
RSH/M/2024/045	IRON SCRAP US	Kg	2,000	=261,600/-
	ACSR Conductor SCRAP POOR CONDITION	Kg	3,000	
	METER SCRAP US	Kg	2,000	
	PANEL BODIES US	No.	03	
RSH/M/2024/046	IRON SCRAP US	Kg	2,000	=206,000/-
	ACSR Conductor SCRAP POOR CONDITION	Kg	3,000	
	PVC SCRAP US	Kg	2,000	
RSH/M/2024/047	HT/LT STRUCTURE US	Kg	8,000	=254,000/-
	ACSR CONDUCTOR US	Kg	3,000	

اسٽور اونرشپ ڊپارٽمينٽ: ريجنل اسٽور، حيسڪو حيدرآباد

بولين کولڻ جي تاريخ: اِي-نيلام ذريعي وصول ٿيندڙ بوليون 30 جون 2026 تي صبح جو 11:00 وڳي تائين وصول ڪيون وينديون ۽ ساڳئي ڏينهن صبح جو 11:30 وڳي کوليون وينديون.

بوليون حيسڪو ڊسپوزل ڪميٽي پاران کوليون وينديون ۽ قبول ڪيون وينديون جڏهن ته نتيجن جو اعلان پاڪستان پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (PPRA) ۽ حيسڪو جي ويب سائيٽن ذريعي ڪيو ويندو ۽ انهن کي اطلاع ڏنو ويندو.

شرطون ۽ ضابطا

1. صرف اِي-نيلام ذريعي جمع ڪرايل بوليون قابل قبول هونديون. سڀني دلچسپي رکندڙ بولي ڏيندڙن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي پنهنجي درخواست اِي-پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (E-PADS)ورزن 2.0 پورٽل (http://www.vendor.epads.gov.pk/login) ذريعي آن لائن جمع ڪرائين ۽ بولي دستاويزن ۾ گهربل سڀ لازمي معلومات اپ لوڊ ڪن.
2. نيلامي ۾ اِي-نيلامي ڪندڙ پنهنجي بِڊ (آفر بِڊ) کي EPADS v2.0 ذريعي 30 جون 2026 تي صبح جو 11:00 وڳي تائين تبديل يا اپڊيٽ ڪري سگهن ٿا.
3. هر بِڊر لاڳاپيل لاٽ (LOT)جي سامهون ذڪر ڪيل رقم سي ڊي آر يا بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ هڪ سيل ٿيل لفافي ۾ جمع ڪرائيندو، جيڪو 120 ڏينهن لاءِ صحيح هوندو ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيسڪو حيدرآباد جي حق ۾ ڪنهن به شيڊولڊ بينڪ آف پاڪستان کان جاري ڪيو ويندو. هي دستاويز بولين جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت کان اڳ جمع ڪرائڻ گهرجي.
4. هي اِي-نيلامي "جيئن آهي، جتي آهي" جي بنياد تي ڪئي پئي وڃي. بوليون ڏيندڙ پاڻ سامان جو معائنو ريجنل اسٽور، ٽي اير خان روڊ حيسڪو حيدرآباد ۾ آفيس جي وقت دوران 29 جون 2026 تائين ڪري سگهن ٿا.
5. بولي جو مدو اِي-نيلامي جي تاريخ کان 120 ڏينهن لاءِ صحيح هوندي.
6. ڪامياب بولي ڏيندڙ کي قبوليت جو خط (LOA)جاري ڪرڻ جي تاريخ کان 21 ڪم ڪندڙ ڏينهن اندر مڪمل رقم جمع ڪرائڻي پوندي.
7- جيڪڏهن ڪامياب بولي ڏيندڙ پنهنجي ذميوارين کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته قبوليت جو خط (LOA)ٻئي نمبر تي سڀ کان وڌيڪ بولي ڏيندڙ کي جاري ڪري سگهجي ٿو
8 ڪامياب بولي ڏيندڙ کي رليز آرڊر جاري ڪرڻ جي تاريخ کان 21 ڪم ڪندڙ ڏينهن اندر سامان کڻڻ جو پابند هوندو.
9. مثال طور، نيلامي ۾ حصو وٺڻ لاءِ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR)سان رجسٽريشن لازمي آهي ۽ بولي ڏيندڙ کي هڪ فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ هجڻ گهرجي.
10- قبول ٿيل بولي تي 18٪ ايڊوانس جنرل سيلز ٽيڪس (GST)، 10% انڪم ٽيڪس يا نيلامي معاهدي دوران حڪومت پاران لاڳو ڪيل ٻيا لاڳو ٽيڪس لاڳو هوندا.
11. حيسڪو ڪنهن به مرحلي تي هن ٽينڊر کي مڪمل يا جزوي طور تي قبول ڪرڻ، رد ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.
12. سڀني بولي ڏيندڙن کي هڪ حلف نامو (Annex-A) جيڪو عدالت جي اسٽيمپ پيپر تي 100روپين جي رقم سان لکيل آهي ، دستخط ٿيل ۽ مُهر لڳل، بِڊ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت کان اڳ سيل ٿيل بِڊ سيڪيورٽي سان گڏ جمع ڪرائڻ ۽ اپلوڊ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

PID(H) 440/2025

چيف (سپلائي چين مينجمينٽ) آفيسر حيسڪو هيڊڪوارٽرز

هنگورجا ۾ وڌندڙ بدامني ۽ عورتن کان ڦرلٽ جي تازي واقعي خلاف احتجاجي ريلي، ڌرڻو

مظاهرين انجنيئر ضمير حسين ميمڻ، عزيز ميمڻ، ڪاشت شيخ منظور جهانگير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو

انتظاميا ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، افسوس جو هاڻي نياڻيون به محفوظ ناهن رهيون: مظاهرين

بدامني تي ڪنٽرول نه ٿيو ته ٻيهر هڙتال جو سڏ ڏنو ويندو ايس ايڇ او امن جي خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو

هنگورجا (ن ع) هنگورجا شهر ۾ وڌندڙ بدامني، چوري، ڦر ۽ خاص طور تي عورتن کان ڦرلٽ جي تازي واقعي خلاف سنڌ ميمڻ اتحاد جي سڏ تي سوين شهرين وڏي انگ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاجي ريلي پريس ڪلب هنگورجا کان شروع ٿي جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي هنگورجا ٿاڻي آڏو پهتي جتي ڌرڻو هنيو ويو احتجاجي مارچ جي اڳواڻي انجنيئر ضمير حسين ميمڻ عزيز ميمڻ ڪاشت شيخ منظور جهانگير مير عادل ميمڻ ۽ عبدالجبار شيخ ڪئي مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا.

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: بدامني خلاف احتجاج تي شهر ۾ شٽربند هڙتال ٿيل آهي، ٻئي طرف شهري احتجاجي مارچ ڪري رهيا آهن

خيرپور پرسان تعميراتي ڪم دوران گرمي سبب پورهيت جڳهه تان ڪري زخمي، اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ) خيرپور جي ڀهاڙي علائقي ۾ درگاهه آدم سلطان پرسان تعميراتي ڪم دوران شديد گرمي سبب هڪ پورهيت بيهوش ٿي مٿان کان هيٺ ڪري پيو جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو اطلاع موجب پورهيت واحد علي منگهار جڳهه جي تعميراتي ڪم ۾ مصروف هو ته اوچتو سخت گرمي ۽ حبس سبب بيهوش ٿي اوچائي تان هيٺ ڪري

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ ريڙهي تي نوجوان گولا گنڊا خريد ڪري رهيو آهي

نوشهرو فيروز ۾ سعيد ميمڻ جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو

سول سوسائٽي، شهرين، وڪيلن، صحافين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ جمع ڏينهن شٽربند هڙتال ڪري نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻنداسين

نوشهرو فيروز(ڊ) بلوچستان مان اغوا ٿيل سنڌ جي اديب، شاعر دانشور ۽ ريٽائر آفيسر سعيد ميمڻ جي اغوا کي هڪ مهينو گذري ويو سندس بازيابيءَ لاءِ ڪي به سنجيده ڪوششون نه وٺڻ تي سول سوسائٽي شهرين وڪيلن صحافين معصوم ٻارڙن ۽ سندس ميمڻ مائٽن پاران پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالستار لهراڻي اعظم ميمڻ صدر پريس ڪلب يونس راڄپر ايڊوڪيٽ محمد شبير خانزادو جي يو آءِ جي اڪرم علي پيرزادو سلمان امجد، زبير ميمڻ علي نواز سولنگي خادم سيال، زبير امجد ميمڻ ثاقب ميمڻ ڪشن راڄا ۽ ٻين چيو ته هڪ مهينو گذرڻ باوجود سعيد ميمڻ جو بازياب نه ٿيڻ سواليه نشاني

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ويجهو ڦر دوران مزاحمت تي نوجوان قتل، وارثن جو لاش رکي قومي شاهراهه تي ڌرڻو

هاسيجا مهر واري علائقي ۾ هٿياربند نوجوان ڪامران ميمڻ کان موبائل فون ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي جوابدارن گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو، نوجوان کي اسپتال نيو پئي ته رستي ۾ دم ڏئي ڇڏيو

مقتول جي وارثن احتجاج ڪندي ڪرنل موڙ وٽ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي) سرحد پرسان هاسيجا مهر واري علائقي ۾ ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي نامعلوم هٿياربند ڦورن فائرنگ ڪري هڪ نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو جنهن بعد مقتول جي وارثن ۽ علائقي واسين لاش رکي ڪرنل موڙ وٽ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند ڪري ڇڏيو ڳڌ ڪيل ڄاڻ موجب سرحد ٿاڻي جي حد ۾ هاسيجا مهر پرسان نامعلوم هٿياربند ڦورن نوجوان ڪامران ميمڻ کان موبائل فون ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن مٿس سڌيون گوليون هلائي ڏنيون جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو واقعي کان پوءِ زخمي نوجوان کي ڳنڀير حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو پر هو زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ ئي دم ڏئي ويو نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر پکڙجڻ سان علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي واقعي خلاف مقتول جي وارثن ۽ علائقي جي رهواسين احتجاج ڪندي ڪرنل موڙ وٽ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٻنهي پاسن کان گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته علائقي ۾ بدامني ۽ ڦر جون وارداتون

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ضلعي جي واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ، آبادگارن جو ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو

نرلي مائينر گاجي مائينر ريتي واهه سيهڙ واهه لنڊ مائينر سان تعلق رکندڙ پڇڙي جي سوين آبادگارن احتجاج ڪيو

گهوٽڪي فيڊر کي پنهنجي حصي جو پاڻي نه ملڻ سبب هڪ طرف واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ آهي: مظاهرين

ٻن ڏينهن اندر سمورن واهن ۽ شاخن جي پڇڙي تائين پاڻي پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي ضلعي جي واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ فصل سڙڻ لڳا نرلي مائينر، ريتي مائينر، گاجي مائينر سان تعلق رکندڙ سوين آبادگارن جو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي آفيس جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو آبپاشي کاتي جي انجنيئر ايس ڊي او سيدا ڊائريڪٽر ۽ ضلعي انتظاميه خلاف نعريبازي ميرپور پوليس جا آبادگارن کي دابا گهوٽڪي فيڊر کي فوري طور پاڻي فراهم ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب گهوٽڪي ضلعي جي سمورن واهن شاخن ۾ پاڻي جي بدترين شديد کوٽ خلاف گزريل ڏينهن نرلي مائينر گاجي مائينر ريتي واهه سيهڙ واهه لنڊ مائينر سان تعلق رکندڙ پڇڙي جي سوين آبادگارن پاران ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي آبپاشي کاتي جي انجنيئر معظم لوهار ايس ڊي او عبدالمجيد نائب سيدا ڊائريڪٽر ۽ ايم ڊي سيدا گهوٽڪي توڙي جو ضلعي انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي آبادگارن قوم پرست اڳواڻن فقير رمضان ڪلوڙ نذير شيخ لطف ميان شر ، امجد شر تراب خان شر ۽ ٻين جو چوڻ هو ته گهوٽڪي فيڊر کي پنهنجي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: مقامي ڪاليج ۾ ٿيل سمر ڪيمپ دوران ٻارڙيون ثقافتي رقص پيش ڪري رهيون آهن

ڪڙيوگهنور ويجهو امام واهه جي آبادگارن پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاجي ڌرڻو

آبادگارن نواب خان نظاماڻي، حسن علي شاهه، علي ڏنو ميمڻ، علي احمد چانڊيو ۽ ٻين حيدرآباد روڊ تي ڌرڻو هنيو

آبپاشي عملي واهه کي هٿرادو بند ڪري پاڻي جي کوٽ پيدا ڪئي آهي، اسان جو ٻج سڙي رهيو آهي: مظاهرين

6 ڪلاڪ ڌرڻي بعد ايس ڊي او آبپاشي ڌرڻي واري هنڌ پهچي آبادگارن کي پاڻي ڏيڻ جو يقين ڏياري ڌرڻو ختم ڪرايو

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور امام واهه جي آبادگارن پاڻي جي کوٽ خلاف ڪڙيوگهنور - حيدرآباد روڊ تي امام واهه جي پل مٿان رڪاوٽون وجهي نواب خان نظاماڻي بئريسٽر سيد حسن علي شاهه علي ڏنو ميمڻ علي احمد چانڊيو حسام نظاماڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ڌرڻي ۾ شريڪ سوين آبادگارن آبپاشي عملي خلاف سخت نعري بازي ڪئي، آبادگار اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آبپاشي عملي امام واهه ۾ هٿرادو پاڻي جي کوٽ پيدا ڪري واهه کي بند ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪري سوين ايڪڙن تي ساريال جي فصل جو پوکيل ٻج سڙي تباهه ٿي رهيو آهي جنهن ڪري اسان کي ڪروڙين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي جيستائين امام واهه ۾ پاڻي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: فوتي معصوم ٻار جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

ڏگهڙي ويجهو معصوم نينگر شاخ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ غلام محمد جروار واسي 6 ورهين ديو راج پيل ڪٽياڻ شاخ ۾ ٻڏي ويو

ڏگهڙي (ن.ع) مزدوري جي سلسلي ۾ ڳوٺ غلام محمد جروار ۾ رهندڙ هڪ خاندان جو ڇهن ورهين جو ٻار ديو راج ولد رمضان پيل ڪٽياڻ شاخ جي ڪناري تي راند ڪري رهيو هو ته اوچتو پير ترڪي وڃڻ سبب پاڻي ۾ ڪري فوت ٿي ويو حادثي کان پوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي.

ٽنڊوباگو ۾ ڳوٺاڻن جو زمينن جا کاتا بدلي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين غلام حسين ملاح، سليم، عبدالرزاق ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

روينيو عملدارن رشوت عيوض ٻاهرين کي زمينن جا کاتا تبديل ڪري ڏنا آهن انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو لڳ يونين ڪائونسل ڏاڏاهه جي ڪن ڳوٺن ڳوٺ محمد حسن ملاح ،ڳوٺ علي احمد پنهور ۽ ڳوٺ سليمان پنهور جي رهواسين پاران سندن زمينن جا کاتا بدلي ڪرڻ ۽ ڪين ڳوٺ مان بي دخل ڪرڻ خلاف يوسي ڏاڏاهه جي چونڊيل وائيس چيئرمين غلام حسين ملاح محمد سليم ملاح، عبدالرزاق ملاح، خميسو ملاح عاشق علي ملاح انور ملاح، ۽ ٻارڙن ۽ وقار احمد عبدالستار فاروق احمد فواد علي رحمان علي جي اڳواڻي ۾ ملاح برادري پاران سروي نمبر 236 ۽ 204 ۾ ايراضي ڪوڪل تقريبن ست ايڪڙ زمين جو کاتو بدلي ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران مظاهرو ڪندي الزام هڻندي چيو ته مختيار ڪار روينيو ٽنڊوباگو ،حد جي ٽپيدار عبدالله سومرو مبينا وڏي رقم وصول ڪري

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ڌاڙي ڪيس ۾ 6 جوابدارن کي 16، 16 سال قيد ۽ هڪ هڪ لک ڏنڊ جي سزا

مقامي عدالت ۾ 2024ع دوران ڳوٺ سڄي بخش جاگيراڻي ۾ گهر ۾ ڪيل ڌاڙي جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 6 جوابدارن جي ضمانت رد ڪري ڪين قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي عدالت ڌاڙي واري ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 6 جوابدارن جي ضمانت رد ڪري ڪين 16، 16 سال قيد ۽ هڪ هڪ لک روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي، پوليس سمورن جوابدارن کي هٿڪڙيون هڻي جيل منتقل ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي پنجين ايڊيشنل اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ سال 2024ع دوران ڪنگا ٿاڻي جي حد ڳوٺ سڄي بخش جاگيراڻي ۾ گهر ۾ ڌاڙي هڻڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جتي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت ڪيس ۾ نامزد 6 جوابدارن نصرالله جاگيراڻي چنيسر جاگيراڻي، عثمان جاگيراڻي، احمد جاگيراڻي، گل محمد ۽ ممتاز علي جاگيراڻي جي ضمانت رد ڪندي ڪين 16، 16 سال قيد ۽ هڪ هڪ لک روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي، واضع رهي ته 3 آڪٽوبر 2024ع تي ڪنگا ٿاڻي جي حد ڳوٺ سڄي بخش جاگيراڻي ۾ ڪرياني جي دڪاندار سيد عبدالغفور شاهه طرفان نصرالله جاگيراڻي چنيسر جاگيراڻي،

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: زينب مارڪيٽ ۾ گٽرن جو پاڻي راهگيرن لاءِ تڪليف پيش جو سبب بڻجي رهيو آهي

ٽنڊوالهيار ۾ بدامني تي ڪنٽرول نه ٿيو هٿياربند دڪاندار کان لکين رپيا ڦري فرار

چمبڙ روڊ تي موٽر سائيڪل تي سوار ٻن هٿياربندن نارائڻ چند ميگهواڙ کان ڏيڍ لک روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا

ڳوٺ قيصر سينهڙو مان چور غلام فاروق سنهڙو جي گهر لکين روپين جي ماليت جا زيور ۽ رقم ٻهاري ويا

بدامني واقعن تي شهرين توڙي واپارين پاران ڳڻتي جو اظهار، اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ چورين ۽ ڦرن جي وارداتن تي ضابطو نه اچي سگهيو شهر جي چمبڙ روڊ تان هٿياربند اليڪٽرانڪ جي دڪان تان لکين روپيا ڦر ڪري فرار. خبر موجب ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ چوري ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ مسلسل اضافو ٿيڻ لڳو پوليس ڦورن اڳيان بيوس بڻيل ٽنڊوالهيار جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد چمبڙ روڊ تان ڏينهن ڏٺي ڏن جو فائيو موٽر سائيڪل تي سوار ٻن هٿياربندن نارائڻ چند ميگهواڙ جي اليڪٽرانڪ دڪان ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي دڪاندار کان ڏيڍ لک روپين کان وڌيڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا شهر ۾ لکين روپين جون لڳل سيف سٽي ڪيمرائن مان شهرين کي ڪوبه لاڀ نه ملي سگهيو ٻي پاسي عمرسانڊ ٿاڻي جي حد ڳوٺ قيصر سينهڙو ۾ نامعلوم چور غلام فاروق سنهڙو جي گهر ۾ داخل ٿي گهر ۾ پيل لکين روپين جي ماليت جا سونا زيور ۽ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا. ضلعي اندر مسلسل چورين ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ اضافو ٿيڻ تي شهرين توڙي واپارين پاران ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته پوليس دڪاندارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي ڪاروباري ماڻهو غير محفوظ بڻجي ويا آهن شهر ۾ لڳل سيف سٽي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سرگوڌا: ميڊيڪل ڪاليج جي ڪانووڪيشن ۾ شريڪ شاگرديائيون تصوير ڪڍي رهيون آهن

هنگورجا پرسان سهتا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺ پارو سهتو واسي ڌرين ۾ زمين جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي نديم، زاهد ۽ عزيز الله کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، متاثرن جو احتجاج

هنگورجا (ن ع) هنگورجا پرسان سهتا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زمين تڪرار تان جهيڙو. هڪ ڌر جا 3 ماڻهو زخمي. زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي ڌر جي ماڻهن جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب هنگورجا پرسان ڳوٺ پاروسهتو ساماهون سهتا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ هڪ ڌر جا 3 ماڻهو نديم سهتو ،زاهد سهتو ،عزيزالله سهتو شديد زخمي ٿي جن کي هنگورجا اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي زخمي ڌر جي ماڻهن جو استاد فيض محمد سهتو .مير محمد سهتو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري اسپتال جي گيٽ وٽ ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ت مخالف اسان جي مٿان حملو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ هلندڙ شراب جي ڪٽي خلاف ڊي سي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

باشعور سنگت تحريڪ جي اڳواڻن وليد بليدي، راشد سهتي، گورنر جمالي، محمود بليدي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

تعليمي شهر ۾ شراب جو گندو ڪلڻ شاگردن سميت پوري معاشري لاءِ وڏو نقصان آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏو باشعور سنگت تحريڪ جي چيئرمين جي اڳواڻي ۾ ڄامشورو ۾ مبينا سري عام هلندڙ شراب جي ڪٽي خلاف احتجاجي مظاهرو مين گيٽ آڏو ڌرڻو شراب جي ڪٽي ڪولڻ خلاف سخت نعريبازي جتي اڳواڻن چيئرمين باشعور سنگت تحريڪ وليد بليدي، راشد سهتي گورنر جمالي محمود بليدي ۽ ٻين چيو ته اسان ڀهريان به شراب جي ڪٽي خلاف هڪ ٿيا هئاسين جتي سياسي،سماجي، شهرين ۽ صحافين انڊس هائي وي تي ڌرڻو به هنيو هئوسين ۽ ڊي،ايس پي شاهنواز جوکيو جي يقين ڏيارڻ کان پوءِ ته هو شراب جو گوبند ڪرائيندا پر وڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي 15 ڏينهن گذري وڃڻ کان پوءِ به ان تي عمل نه ٿي سگهيو، پوليس جي خاموشي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: مقتول نور ايمان الزام هيٺ آيل سونيه ۽ معصوم ٻار جا فائيل فوٽو

خيرپور ۾ کهڙا واسين جو ٻاهرن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ گولو واسين دلاور ناريجو همت علي ناريجو دلبر ناريجو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٻاهرن گهرن تي حملو ڪيو آهي پوليس پڻ فرياد ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خيرپور(ڊ) خيرپور پرسان کهڙا ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ گولو واهڻ جي رهواسين پاران ڳوٺ جي ٻاهرن جي ظلم ۽ زيادتين خلاف پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي دلاور ناريجو همت علي ناريجو دلبر ناريجو مسمات ارباب خاتون مسمات نغمه ناريجو ۽ ٻين ڪئي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ جي ٻاهرن سندن گهر تي حملو ڪري ڪين هراسان ڪيو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته هو ڪيترائي پيرا ڏانهن ڪٿي حد جي پوليس وٽ ويا، پر پوليس سندن فرياد ٻڌڻ بدران ٻاهرن ڌر جي حمايت ڪئي ڪين انصاف فراهم نه ڪيو مظاهرين چيو ته هو سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن هنن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين سخت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

موري ۾ پيرسن زال مڙس جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڳوٺ موسيٰ ڪوراٽي واسي لاٿي ڪوراٽي گهرواري حسينه سان گڏ پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو

موري ۽ ڪوراٽي پوليس گهر تي چڙهائي ڪري تشدد بعد سامان کڻي وئي آهي: مظاهرين

موري(ن ع) ڪوراٽي ٿاڻي جي ڳوٺ محمد موسيٰ ڪوراٽي جي پيرسن محمد لاٿي ڪوراٽي ولد محمد موسيٰ ڪوراٽي پنهنجي گهرواري حسينه سان گڏ قرآن پاڪ کڻي حلفيه بيان ڏيندي الزام هنيو ته گذريل رات لڳ ڀڳ 3 وڳي ڪوراٽي ٿاڻي ۽ موروٿاڻي جي پوليس وڏي نفري سان سندن گهر تي چڙهائي ڪئي جنهن دوران چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو ويو هن الزام لڳايو ته پوليس پاران گهر ۾ موجود عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان مبينا بدسلوڪي ۽ تشدد پڻ ڪيو ويو،محمد لاٿو ڪوراٽي وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته پوليس سندن گهر مان به لائسنس يافته بندوقون ٽي موٽرسائيڪلون نيائي جون سون جون واليون هڪ گاڏي جا ڪاغذ، قومي سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ٻيو سامان کڻي وئي جڏهن ته

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ سيپڪو عملدارن جو رينجرز ۽ پوليس سان گڏجي بجلي چورن خلاف گرينڊ آپريشن

آپريشن دوران سيپڪو عملي مختلف هنڌن تان غيرقانوني 100 کان وڌيڪ ڪنڊا ڪنيڪشن ڪٽي تار ضبط ڪيو

ڪارروائي دوران راشد علي لغاري کي گرفتار ڪري ڪيترن ئي بجلي چورن خلاف ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن: عملدار

دادو(رپورٽ:-ولي محمد لنڊ) دادو ۾ بجلي چورن خلاف سيپڪو اختيارين رينجرز ۽ پوليس سان گڏجي گرينڊ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آپريشن دوران سيپڪو عملي پاران غيرقانوني 100 کان وڌيڪ ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪري بجلي جون تارون پنهنجي قبضي ۾ ورتيون ويون ڪارروائي دوران هڪ بجلي راشد علي عرف ڪارو لغاري کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته ڪيترن ئي بجلي چورن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، ان موقعي تي سپرنٽنڊينٽ انجنيئر سيپڪو مظهر حسين ڪهاوڙ ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر عبدالعزيز پنهور ڳالهائيندي چيو ته هي آپريش بجلي چورن خلاف آهي اسان چٽون ٿا ته بجلي جو چور قوم جو دشمن آهي جنهن جي ڪري لوڊشيڊنگ وڌي ٿي اسان اهو اعلان ڪيو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد هاءِ ڪورٽ پاران معصوم ٻارڙي بازياب نه ٿيڻ تي ايس ايس پي دادو کي ڇنڊ

پوليس عملدار رڳو عدالت کان مهلت ٿا گهرن، ڇا هنن کي ڪم ناهي ڪرڻو؟ عدالت

عدالت پاران پوليس کي ٻن ڏينهن اندر 18 مهينن جي ٻارڙي راڻي کي بازياب ڪرائڻ جو حڪم

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) دادو پوليس عملدار ساڳيون رپورٽون پيش پيا ڪن ڪيسن ۾ پيش رفت ناهي معصوم ٻارڙي راڻي آهي ڪٿي؟ پوليس عملدار رڳو عدالت کان مهلت ٿا گهرن ڇا هنن کي ڪم ناهي ڪرڻو؟ عدالت ۾ اڃا اهو ٻڌايو ٿو وڃي وقت ڏنو وڃي ۽ اسان ڳولا ڪري رهيا آهيون آئين خاطر پوري نه هلندي دادو پوليس پاران 18 مهينن جي ٻارڙي بازياب نه ٿيڻ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد پاران ايس ايس پي دادو تي ڪاوڙ جو اظهار ڇنڊ، ٻارڙي ٻن ڏينهن ۾ بازياب نه ٿيڻ جي صورت ۾ گهرو کاتي جي منسٽر ۽ سيڪريٽري، آءِ جي سنڌ کي خط لکيو ويندو سنڌ هاءِ ڪورٽ جا دادو ڪيس ۾ ريمارڪس سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد جي جسٽس حسن اڪبر تي مشتمل سنگل

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد لڳ گهر تي هٿياربندن جي ڪاهه، فائرنگ ۾ نوجوان ناري قتل

اوستو پلي ڏنو آباد ۾ عبدالنبي ڪڪراڻي ڌر جي هٿياربندن عابد علي بروهي جي گهر تي حملو ڪيو

فائرنگ ۾ نوجوان ناري مريم بروهي موقعي تي دم ٽوڙي وئي، لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي مولاداد ٿاڻي جي حد اوستو پلي ڏنو آباد ۾ واقع گهر اندر نوجوان ناري مريم ڌيءُ خير بخش بروهي گولين هڻي قتل اطلاع تي حد جي پوليس پهچي ناري مريم بروهي جو لاش ڪڻائي سول اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرياڻي پاران لاش جو پوسٽ مارٽم ڪري لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مقتولا ناري جي چاچي محمد صديق بروهي صحافين کي ٻڌايو ته عبدالنبي ڪڪراڻي وارن ناري جي پيءُ عابد علي بروهي مٿان حملو ڪري فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گولي لڳڻ سبب ناري مارجي وئي هن چيو ته عبدالنبي ڪڪراڻي وارن سان ڪوبه تڪرار ناهي بيگناهه ناري کي هنن قتل ڪيو آهي جنهن بعد وارث ناري جو لاش ايمبولينس ذريعي ڪڻائي گهر

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ گيس سلينڊر جو ڌماڪو ٻن عورتن سميت 3 ڄڻا سڙي زخمي

ايئرپورٽ روڊ گلشن مدينه ڪالوني ۾ چانهه گرم ڪرڻ دوران سلينڊر ڌماڪي سان ڦاٽي پيو

گهر ڌڻي محمد صلاح جمالي سندس زال عارفه ۽ 48 ورهين جي اختيار خاتون سڙي زخمي ٿي پيا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ايئرپورٽ روڊ گلشن مدينه ڪالوني ۾ چانهه گرم ڪرڻ دوران گيس سلينڊر ڌماڪي سان ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ گهر ڌڻي 30 ورهين جو محمد صلاح جمالي سندس گهر واري 20 ورهين جي عارفه جمالي ۽ 48 ورهين جي اختيار خاتون زال حيدر جمالي سڙي زخمي ٿي پيا جن کي سندن وارثن زخمي حالت ۾ ڪڻائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ داخل ڪرايو جتي ڊاڪٽرن سڙي زخمي ٿيل گهر ڌڻي محمد صلاح جمالي جي جسم جو 90 سيڪڙو سڙڻ جي تصديق ڪندي ڪيس طبي امداد ڏئي جنهن جي حالت ڳنڀير جوڳي هئڻ تي ڪيس ڊاڪٽرن جي مشوري تي ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي ان موقعي تي سڙي زخمي ٿيلن جي وارثن ٻڌايو ته محمد صالح جمالي صبح جي وقت

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ اٺين جماعت جي شاگرديائي مبينا طور گم ٿي وئي، گهرڀاتي پريشان

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ڏڙي پاڙي جي رهواسڻ 8 جماعت جي شاگرديائي 13 ورهين بشريٰ ڌيءُ عبدالجبار شيخ صبح جي وقت گهران نڪرڻ بعد مبينا طور نموني گم ٿي وئي جنهن سبب سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ سمورا گهرڀاتي سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پوليس هٿان مبينا طور ڪنهي گم ڪيل پورهيت پٽ جي آزاديءَ لاءِ پيرسن عورت جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ دادو پرسان ڳوٺ حاجي خان ملاڻو جي رهواسڻ پيرسن بيواهه عورت پنهنجي گهرڀاتين سان گڏجي لاڙڪاڻي جي الهه آباد پوليس هٿان مبينا طر ڪنهي گم ڪيل پورهيت پٽ جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

بدين: حيسڪو جو عملو غير قانوني ڪنيڪشن خلاف ڪارروائي ڪندي ڪنيڪشن ڪاٽي رهيو آهي

نيو سعيد آباد لڳ بااثر پاران سرڪاري پلاٽ تي ويٺل پورهيتن جي گهرن کي ساڙي ڇڏيو، احتجاج

ڪوريجا پرسان ڪچي کي ڏنل لوپ بند تي ويٺل باڳڙي برادري جي گهرن کي بااثر وڏيري باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو

متاثر ڪرشن باڳڙي، گلاب باڳڙي، نٿو باڳڙي، ميران، چندرما، رتني باڳڙي ۽ ٻين جي پاٺوٽ روڊ تي ڌرڻو هنيو

مخدوم هائوس هالا ۾ فيصلو ٿيڻ باوجود بااثر ظلم جي حد ڪري ڇڏي آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

نيوسعيدآباد (ن ع) نيوسعيدآباد پرسان بااثر وڏيرو پورهيتن تي ڏمرجي پيو مبينا سرڪاري پلاٽ تي ويهڻ جو پتو نه ڏيڻ تان سندن گهرن باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو ۽ گهرن جا ڳاڏن ڪيٽي کٽون ۽ ٻيو سامان زبردستي ڦري کڻي ويو ويو بااثر وڏيري ۽ سندس ساٿين جي ڏاڍ خلاف پورهيت باڳڙي برادري پاران عورتن ٻارڙن سميت جو احتجاجي مظاهرو ڪري پاٺوٽ وايا هالا مين روڊ تي تتهڻ اس ۾ ڌرڻو هنيو ويو جنهن دوران بااثر وڏيري خلاف نعريبازي ڪئي وئي، احتجاج ڪندڙ ڪرشن باڳڙي گلاب باڳڙي، نٿو باڳڙي، ميران چندرما، رتني باڳڙي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته اسان پاٺوٽ لڳ لقمان ڪوريجا پرسان ڪچي کي ڏنل لوپ بند تي ويٺل آهيون هتي جا بااثر زميندار اسان کي هتان لڏائڻ چاهين ٿا، هنن چيو ته اسان غريب مسڪين ماڻهو آهيون هتي محنت مزدوري ڪري زندگي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

نيو سعيد آباد: ڳوٺاڻا روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

نوري آباد ويجهو شهزور مزدا سامهون ويندڙ ٽرالر ٽڪرائجي وئي، هڪ ڄڻو فوت، ڊرائيور زخمي

نوري آباد (ن ع) نوري آباد ايم نائن شهزور مزدا سامهون ايندڙ ٽرالر جي پوئين حصي سان ٽڪرائجي وئي حادثي جي نتيجي ۾ شهزور ڊرائيور اقبال جاويد زخمي ٿي پيو جڏهن ته اشرف موقعي تي ئي فوت ٿي ويو نوري آباد ريسڪيو ٽيم بروقت موقعي تي پهچي امدادي ڪارروائي ڪئي ۽ زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي زخمي اقبال جاويد کي ايف ڊبليو او ايمبولينس ذريعي نوري آباد ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو جڏهن ته فوت ٿيل اشرف جي لاش کي پڻ ضروري ڪارروائي لاءِ نوري آباد ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو

ٽئون ڳوٺ: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ٻه وارداتون، صحافي ۽ سماجي اڳواڻ کان ڦرلٽ، احتجاج

ايس ايس پي آفيس ويجهو صحافي مصطفيٰ شاهاڻي کان موبائيل فون، روڪ رقم ڦر ڪئي وئي

سماجي اڳواڻ منٺار خاصخيلي کان پڻ نامعلوم ڦورن هٿيارن جي زور تي موبائيل فون ڦر ڪري فرار

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ گلشن شهباز ايس ايس پي آفيس ويجهو صحافي مصطفيٰ شاهاڻي کان ٽن نامعلوم ڦورن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي موبائيل فون روڪ رقم شناختي ڪارڊ، ڪئميرا اسٽينڊ ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا ٻئي طرف ڪوٽڙي ڏاڪ سي، اين جي پمپ ويجهو ڪوٽڙي جي سياسي سماجي اڳواڻ منٺار خاصخيلي عرف حيدر کان پڻ نامعلوم ڦورن هٿيارن جي زور تي موبائيل فون کسي فرار ٿي ويا جاڳايل ڦر جي وارداتن تي ڪوٽڙي جي شهرين ۽ سماجي اڳواڻن هن مسئلي تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي هنن جو چوڻ هو ته ڪن ڇڙن جو گروپ آهي جيڪو وقتن بوقتن شهر جي مختلف علائقن مان ڦر جو وارداتون ڪن ٿا ۽ قانون خاموش آهن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ويجهو شادي شده ناري ٻن ورهين جي پٽ سميت مبينا اغوا، ڪيس داخل

زال نور ايمان پٽ فجر الله کي علاج لاءِ اسپتال وٺي وئي ته ڪيس اغوا ڪيو ويو آهي: مڙس محبوب

ٿاڻي تي لاهور واسي سونيا عرف ٽڊي، ارسلان، طارق ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي

ابتدائي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته سونيا عرف ٽڊي انساني اسمگلنگ ڪندڙ گروهه سان لاڳاپيل آهي، جاچ ڪريون پيا: پوليس

ٽنڊوڄام (ت ر) ڳوٺ امام بخش پسيو جي رهواسڻ نور ايمان عرف آشين پسيو پنهنجي ٻن سالن جي پٽ فجرالله جي علاج لاءِ پنهنجي نائي سان گڏ ٽنڊوڄام جي سرڪاري اسپتال آئي جتان واپس گهر ويندي هو مبينه اغوا ٿي وئي اغوا ٿيل ناري جي نائي گهر وارن کي ٻڌايو ته ڪيس سونيا عرف ٽڊي ۽ سندس ٻي ساٿي اغوا ڪري ويا آهن جنهن بعد سندس مڙس محبوب علي پسيو ٽنڊوڄام ٿاڻي تي سندس گهر واري جي اغوا جي ايف آءِ آر درج ڪرائي آهي جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته سندس 23 ورهين جي گهرواري نور ايمان عرف آشين پسيو پنهنجي نائي ماروي سان گڏ ٻن ورهين جي پٽ فجرالله جي علاج لاءِ ٽنڊوڄام اسپتال وئي جتان موٽندي جوابدارن مبينا طور هٿيارن جي زور تي ٻنهي کي گاڏي ۾ ويهاري اغوا ڪري ويا. فريادي محبوب علي پسيو سونيا عرف ٽڊي، ارسلان، طارق ۽ هڪ نامعلوم جوابدار کي واقعي ۾ نامزد ڪيو آهي. جيڪي [illegible] لاهور جا رهواسي ٻڌايا پيا وڃن فريادي موجب سندس گهرواريءَ جي نائي ماروي جوابدارن کي سڃاڻي آهي معلوم ٿيو آهي ته سونيا عرف ٽڊي ڪجهه عرصي لاءِ ڳوٺ امام بخش پسيو ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي جتان بعد ۾ لڏي هلي وئي هئي پوليس موجب ابتدائي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته مک جوابدار سونيا عرف ٽڊي مبينا طور انساني اسمگلنگ ڪندڙ گروهه سان لاڳاپيل آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار عورت لاهور ۾ اغوا جي ٻين

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو ترقياتي ڪم اڌ ۾ ڇڏي وڃڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ) خيرپور جي ڳوٺ چنا سمنگ جي رهواسين ترقياتي ڪمن ۾ مبينا بي ضابطگين خلاف سخت احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته ٺيڪيدار نالين ۽ گندي پاڻي جي نيڪال واري منصوبي ۾ ناقص ميٽريل استعمال ڪيو ۽ ڪم مڪمل ڪرڻ بدران اڌ ۾ ڇڏي هليا ويا آهن ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته نالين جو ڪم نامڪمل هجڻ سبب گندو پاڻي گهٽين ۽ رستن تي بيهجي ريو آهي، جنهن ڪري رهواسين

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هٿياربند واپاري کان لکين رپيا ڦري ويا

بئنڪ ۾ رقم جمع ڪرائڻ ويندڙ هريش کان هٿياربند 16 لک ڦري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ناڪابندي ڪري ڳولا شروع

گهوٽڪي)ن ع(گهوٽڪي هٿياربند هندو واپاري کان لڳ ڀڳ 17 لک رپيا ڦري فرار. گهوٽڪي شهر جي وچ ۾ سرڪاري پارڪ پرسان ٻن موٽر سائيڪل سوار نامعلوم هٿياربندن هندو واپاري هريش ڪمار کان 16 لک 97 هزار رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ذريعن موجب هريش ڪمار پنهنجي دڪان تان رقم بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ وڃي رهيو هو ته رستي ۾ نامعلوم هٿياربندن ڪيس روڪي رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ هريش ڪمار اي سيڪشن ٿاڻي پهچي پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن ڪانپوءِ پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ناڪابندي ڪري ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ جوابدارن کي جلد

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پريم نگر سوسائٽي پاران ڪرايل محفل موسيقي ۾ نامور ڳائڪ راحت فتح علي خان راڳ ٻڌائي رهيو آهي

پنوعاقل ۾ معصوم نينگري سان وحشي پاران جي زيادتي ڪوشش، ڪيس داخل جوابدار گرفتار

غريب آباد واسي وجيهه الدين انڊڙ جي 7 ورهين جي فروره واڙي تان کير کڻڻ وئي ته جوابدار زيادتي ڪوشش ڪئي

نينگري جي رڙين تي پاڙي وارن پهچي ڪيس بچائي ورتو، پيءُ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدار ظهير چاچڙ کي گرفتار ڪيو آهي، معاملي جي تحقيق بعد ڪارروائي کي اڳتي وڌايو ويندو: پوليس

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ رات دير سان 7 ورهين جي نينگري سان مبينه طور زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪيس داخل پنوعاقل جي غريب آباد واسي وجيهه الدين انڊڙ پاران سٽي ٿاڻي تي ڪيس درج ڪرايو ويو آهي سندس 7 ورهين جي معصوم نينگري فروره جيڪا کير جي واڙي تان کير کڻڻ وئي ته واڙي تي ظهير چاچڙ نالي جوابدار کيس مبينه زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته نياڻي جي رڙين تي کيس پهچي بچايو ويو هوڏانهن پوليس اهڙو ڪيس درج ڪرڻ بعد جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهيبي پاسي پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته معاملي جي هر پاسي کان تحقيق ڪئي پئي وڃي ۽ قانوني ڪارروائي کي اڳتي وڌايو ويندو

جيڪب آباد: قتل ٿيل ناري مريم بروهي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

لکي غلام شاهه لڳ اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ تي بااثر ٻهه رکي قبضو ڪري ڇڏيو

لوڌرا جي ايليمينٽري اسڪول ۾ ٽن سالن کان ڪوبه استاد مقرر نه ٿي سگهيو

اسڪول تان قبضو ختم ڪرائي، استادن جي مقرري کي يقيني بڻايو وڃي: رهواسي

لکي غلام شاهه(ن ع) شڪارپور پرسان لوڌرا جي نئين تعمير ٿيل بلڊنگ گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول تي ڳوٺاڻن پاران مينهن جو ٻهه رکي قبضو ڪيو ويو آهي. جنهن سبب گذريل ٽن سالن کان اسڪول بند پيل آهي اسڪول لاپرواهي ۽ بندش سبب اسڪول جي عمارت جي حالت به ناڪاره بڻجي چڪي آهي، جڏهن ته هن مهل تائين ڪوبه استاد مقرر نه ٿي سگهيو آهي نتيجي ۾ علائقي جي معصوم ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي ۽ سندن مستقبل داءَ تي لڳل آهي ان سلسلي ۾ بئريسٽر ٽيم ضلع شڪارپور جي اڳواڻ انتظاميا ۽ اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول تان قبضو ختم ڪرائي استادن جي مقرري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ٻارڙن جي تعليم کي بچائي شاگردن جو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ رهواسين الهه آباد ٿاڻي جي پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف مظاهرو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ممتاز ڪالوني جي رهواسين الهه آباد ٿاڻي جي پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي پورهيت صدرالدين ڪهاوڙ پنهنجي پاڙيسرين سان گڏجي ڳالهائيندي چيو ته اسين گذريل 40 سالن کان ممتاز ڪالوني ۾ رهائش پذير آهيون

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ محرم الحرام جي انتظامن بابت اجلاس، مختلف معاملن تي غور ويچار

اي سي جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن ۽ عملدارن شرڪت ڪئي

مجلسن ۽ جلوسن جي روٽن تي سمورين بنيادي سهولتون بروقت فراهم ڪيون وينديون: اي سي

ٽنڊوآدم (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو آدم حنين طارق شاهاڻي جي صدارت هيٺ محرم الحرام جي انتظامن جي سلسلي ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ تعلقه ٽنڊو آدم جي مختلف مذهبي جماعتن شيعه علماء ڪائونسل، جمعيت علماء اسلام (ف)، واپاري برادري، رينجرز پوليس آفيسرن (ايس ايڇ اوز) ۽ مختلف لاڳاپيل سرڪاري کاتن جي نمائندن سميت انجمن سفينه اهل بيت جي سربراهه رئيس حبيب خان مري، مختيار ڪار ٽنڊو آدم امام الدين لانڊ، چيف ميونسپل آفيسر ملڪ عبدالحميد، انجمن تاجران جي اقبال پٽني ۽ حبيب پهلم سميت ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي اجلاس جو مقصد محرم الحرام دوران امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ مؤثر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو نصير ڪئنال مان اڻڄاتل شخص جو لاش مليو، اسپتال منتقل

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي جمن شاهه درگاهه ويجهو نصير ڪئنال ۾ لاش لڙهندي ڏسي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڪيو اطلاع تي اي سيڪشن پوليس نصير ڪئنال تي پهچي لاش ڪڍائي سول اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب لاش ڪجهه ڏينهن پراڻو لڳي رهيو آهي لاش نوجوان جو آهي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي اسان لاش کي سول اسپتال منتقل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون لاش جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين اعجاز احمد لغاري معذورن ۾ ويلچيئر ورهائي رهيو آهي

ڪوئيٽا: ٻارڙا عمارت تعمير ڪرڻ لاءِ ٽب ۾ گڏ ڪيل پاڻي ۾ وهنجي رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول بلاڪن ۽ ريلوي لائين جي متاثر ڳوٺاڻن جو مظاهرو

متاثرن پروفيسر پيمراج، ديدار سينڊل، آڪاش هميراڻي، رسول بخش سمون ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڊمي ريفرينڊم ڪاميٽي کي رد ڪريون ٿا، مقامي ماڻهن کي شامل ڪيو وڃي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ(ن ع) ٿرڪول بلاڪن ۽ ريلوي لائين جي متاثر ڳوٺاڻن پريس ڪلب آڏو مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي،انهي سلسلي ۾ ٿرڪول متاثرين پروفيسر پيمراج،ديدار سينڊل،آڪاش هميراڻي،رسول بخش سمون،سبحان لنجو،احمد عزيز لنجو،رئوف لنجو ٻين احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ٿر جي عوام کي درپيش سنگين مسئلن تي پنهنجي خدشن ۽ مطالبن جو اظهار ڪيئان موقعي تي ڳالهائيندي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪوروواهه ۽ پرياسي ۾ پاڻي جي کوٽ سبب واهن ۾ واري اڏامڻ لڳي، جر جو پاڻي پڻ کارو

گوٺي، گاجا، حسن علي، شيرواهه، بهادر واهه، سعيد واهه ۽ ٻين واهن ۾ پاڻي هجڻ ڪري آبادگارن بيجارو پڻ سڙڻ لڳو

جيڪڏهن ترت پاڻي نه ڇڏيو ويو ته پوکيل ٻج ضايع ٿيڻ سبب ڪروڙين روپين جو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو: آبادگار

شاخن ۾ فوري طور پاڻي فراهم ڪيو وڃي ته جيئن فصلن کي بچائي سگهجي ۽ زرعي سرگرميون ٻيهر بحال ٿي سگهن

ڪوروواهه(رپورٽ: غلام علي مغل) ڪوروواهه ۽ پرياسي ۾ پاڻي جي کوٽ سبب واهن مان واري اڏامڻ لڳي،گوٺي، گاجا، حسن علي شيرواهه بهادر واهه سعيد واهه ۽ ماڻڪ واهه سميت ٽنڍين وڏن واهن ۾ پاڻي نه هئڻ ڪري سارين جو پوکيل بيجارو سخت متاثر ٿيڻ لڳو، ڪوروواهه شهر ۽ ڀرپاسي ۾ جر جو پاڻي به ڪارو ٿيڻ جو پاڻي به اٿلي ٿي ويو رهواسي پري پري کان پاڻي ڀري اچڻ تي مجبور، پاڻي جي کوٽ سبب سارين جو بيجارو سڪي سڙي رهيو آهي ڇوپايو مال ۽ پکي پکڻ به اڃ مري رهيا آهن آبادگارن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن شاخن ۾ ترت پاڻي نه ڇڏيو ويو ته پوکيل ٻج ضايع ٿي ويندا، جنهن ڪري ڪين لکين روپين جو مالي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو هنن لاڳاپيل آختيارين کان مطالبو ڪيو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.